منهنجي حياتي - منهنجو نياپو: IX

پيرومل مهرچند

هيرو ٺڪر

پيرو مل مهر چند

جي جيون ڪٿا

ليکڪ ـ

هيرو ٺڪر

فينڪس بوڪس، حيدرآباد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:	ڀيرو مل مهر چند (جيون ڪٿا)
ليکڪ:	هيرو ٺڪر
پهريون ڇاپو:	2007ع
ڇپائيندڙ:	فيونڪس بوڪس، حيدرآباد
ڇاپيندڙ:	هارون پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد
تعداد:	هڪ هزار
قيمت:	100/-

all rights are reserved with the publisher

Title: Bherumal Meharchand

Authored by: Hiro Thakur

1st Edition: 2007

Published by: Phoenix Books, Hyderabad

Printed by: Haroon Press, Gadi Khata, Hyderabad

Number of copies: One Thousand

Price: Rs. 100/-

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فهرست

●	پيش لفظ	V
●	ٻه اکر	VI
1-	ڀڄڳڻو ساهتڪار	9
2-	زندگي ۽ شخصيت	13
3-	ڪوجنيڪ ۽ تاريخ نويس	32
4-	لسانياتي ماهر	38
5-	مضمون نگار	46
6-	ڪتا ڪار	51
7-	ناٽڪ ڪار	55
8-	سچو سيلاني	59
9-	شاعر	66
10-	ترجمان	71
11-	بحث ڪار	78
12-	ضميمو-1: پيرومل جا لکيل ڪتاب	84
13-	ضميمو-2: حوالا	88
14-	ضميمو-3: پيرومل: ڪوجنيڪ جي رُوپ ۾ مرليڌر جيٽلي	90
15-	ضميمو-4: پيرومل مهرچند آڏواڻي ڊاڪٽر هدايت پريم	107
16-	ضميمو-5: سرڳواسي مسٽر پيرومل جي ايم سيد	119

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيش لفظ

پيرومل مهر چند، سنڌي ٻوليءَ جي انهن چند ساڃاهه وند عالمن مان هو، جن ادب سان گڏ ٻين علمن ۾ پڻ بنيادي ڪم ڪيو. سندس ڪيل ڪم جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنجيده موضوعن جا بنياد پيا، جن تي، اڳتي هلي سنڌي ادب ۽ سماجيات جي شاندار عمارت جي اڏاوت ٿي. هڪ باشعور قوم لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته اُها مختلف ذريعن سان پنهنجن رهبرن جي خيالن جو بار بار ورجاءُ ڪري. ڇو ته سندن ڪم جي ڦهلاءَ ۾ اسان ۽ اسان جي سياسي ۽ سماجي جيوت جو اُجيو آهي. هوندئن به اَدبي شاهڪار، خاص ڪري جيون ڪهاڻيون، اڳاٽي زماني کان ماڻهن جي اُتساهه جو سبب رهيون آهن. ڇو ته انهن ڪهاڻين ۾ ڏنل ڪامياب ۽ ناڪامياب تجربا پڙهندڙن لاءِ سڌاري ۽ سکيا جو موقعو فراهم ڪن ٿا.

پيرو مل جي جيون ڪهاڻي پڙهڻ سان سنڌي ادب جي واڌ ويجهه، خاص ڪري انگريز دؤر بابت باخبر ٿيون ٿا. ان کان سواءِ ان دؤر جي تضادن، تحريڪن ۽ رجحانن بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي. ان ڪري جيون ڪهاڻيون، خاص ڪري هيءَ جيون ڪهاڻي هڪ طرف محقق کي پروسي جهڙو مواد ميسر ڪري ٿي، ته ٻئي طرف تخليقڪارن، خاص ڪري ناول نگارن لاءِ بنيادي مواد مهيا ڪري ٿي. ڪوبه ناول حقيقت ۾ هڪ دؤر جو ترجمان هوندو آهي، ۽ هي ڪتاب برطانوي دؤر جي سنڌ بابت ڪيترو ئي مواد مهيا ڪري ٿو، جنهن کي فنڪارانه طريقي سان بنياد بڻائي هڪ شاهڪار ناول لکي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جو هڪ ٻيو پهلو هي به آهي ته اهو انهن فردن بابت پڻ ٻڌائي ٿو، جيڪي پيرو مل جا همعصر ۽ هم خيال يا مختلف نقطه نظر رکندڙ هئا. اهڙي طرح هي ڪتاب انهن ڪردارن تائين پهچڻ جو پڻ هڪ وڏو وسيلو آهي، جن سنڌي ادب ۽ سماج لاءِ پنهنجو نور نچوئيو.

آخر ۾ محترم تاج جويي جا ٿورا، جنهن وڏي قرب مان هيءُ ڪتاب ٻيهر اشاعت لاءِ فوٽو ڪاپي ڪرائي ڏنو.

19 سيپٽمبر، 2007ع

ظفر جوڻيجو
ڊائريڪٽر
ٽي آر ڊي، حيدرآباد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻه اکر

پيرومل مهرچند جو نالو انهن اديبي معمارن ۾ شامل آهي جن سرِسرِ رکي سنڌي ادب جي عمارت کي اڏيو ۽ اُن کي پختگي ۽ زيب بخشيو. پيرومل پنهنجي ڀوڳمڪي پرتيا سان سنڌي ادب جا جيڪي گهڙا ڀريا، تنهن لاءِ سنڌ ۽ سنڌي هميشه سندس ٿورائتا رهندا.

ساهتيه اڪاديمي وارن کي قبوليت موڪلڻ وقت مون کي پيرومل مهر چند جي زندگي ۽ ڪاريه جي ڄاڻ بابت پنهنجي غربت جي ته خبر هئي، پر ٻاهر ڦهليل اڻ هوند ۽ بدحاليءَ جي ڄاڻ ڪانه هئم. مون سوچيو هو ته هيڏو مهان ساهتڪار، جنهن اڌ صديءَ کان به وڌيڪ وقت سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪئي ۽ 50 کن ڪتاب لکيا، تنهن بابت ضرور گهڻو ئي حال احوال ميسر هوندو. پر جڏهن ڪم ۾ هٿ وڌم ۽ پيرومل صاحب جي زندگيءَ جو حال احوال هٿ ڪرڻ ۽ سندس ڪتاب گڏ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلائڻ شروع ڪيم ته ڪر پيم ته مارا هي ته اڙانگي ڪم ۾ هٿ وجهي وينو آهيان.

هيڏو وڏو اديب ۽ ڪوڄنيڪ، جنهن اسان جي وطن جي تاريخ، ٻوليءَ جي تاريخ، اسان جي قوم ۽ سماج جي تاريخ ويهي جوڙي، تنهن بابت ٻن ٽن ننڍن مضمونن کان سواءِ ٻيو ڪجهه هٿ نه آيم. ٻن ٽن هنڌ پڙهيو هئم ته پيرومل مهرچند 50 کن ڪتاب لکيا هئا، جن مان منهنجا کي اٺ ڏهه پڙهيل هئا. جڏهن باقي ڪتابن لاءِ ڳولها شروع ڪيم ته ڪتاب ته ڇا، ڏهن ٻارهن ڪتابن کان سواءِ باقي ڪتابن جا نالا به نه ملن.

آخر وڏي مشڪلات سان پيرومل صاحب جي ڪجهه ويجهن عزيزن جا ڏس پتا هٿ ڪيا ويا. سندس پيرسن نياڻي، جا خود به ان وقت 75 کن ورهين جي عمر ۾ هئي، تنهن سان ۽ پيرومل صاحب جي ڏوهٽن ۽ ڪن همعصر اديبن سان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملاقاتون ڪري سندس زندگي ۽ حالات بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ويئي. هر طرح جي ماخذن جي قولهہ وجهي، پيرومل جي لکيل اڪثر سمورن - 50 کان بہ وڌيڪ ڪتابن جا نالا هٿ ڪيا ويا ۽ 40 کن ڪتاب تہ جنسي طرح هٿ ڪيا ويا. انهن ڪتابن مان ڪي اندروني شاهديون هٿ ڪري، سندس زندگي ۽ حالات بابت وڌيڪ ڄاڻ ميسر ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب تيار ڪرڻ لاءِ سامان جڙيو ۽ مڙيئي بيڙو اڇي بني لڳو.

هيءَ سڄي جاکوڙ اها صورت حال اڳيان آڻي ٿي بيهاري. تہ اڄ ڀارت ۾ سنڌي ادب ۽ اديبن بابت تاريخن لکڻ جو ڪم ڪيترو نہ ڏکيو ٿي پيو آهي. پراڻا ساهتڪ ۽ حوالن جا ڪتاب، ناپيد ۽ درلڀ ٿي پيا آهن. اگر آهن بہ تہ ڪو ڪتاب ڪنهن شهر ۾ تہ ڪو ڪنهن شهر ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. اگر ڪن سائينءَ جي سنوارين وٽ ڪي ڪتاب آهن بہ تہ اُهي وري انهن مٿان چڙهيو وينا آهن. نڪو پاڻ انهن کي ڪم ٿا آڻين، نڪو ڪنهن کي هٿ لائڻ ٿا ڏين. اهڙيءَ ڏکي حالت ۾ هڪ مرڪزي سنڌي لئبرريَ جي ضرورت محسوس ڪجي ٿي. ساڳئي وقت اهو بہ ضروري سمجهجي ٿو تہ پنجن فخر لائق ساهتيڪ ۽ سماجڪ هستين بابت ۽ تاريخي وشين تي جيترو جلد ڪتاب تيار ڪرائي سگهجن، اوترو سٺو. ڇو تہ اِگر هينئر ئي ههڙو حال آهي تہ اڳتي هلي تہ حالتون پاڻ وڌيڪ ڏکيون ٿينديون.

ساهتيہ اڪاڊميءَ جي هدايتن موجب هي ڪتاب پيرومل بابت ابتدائي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي خواهان پاٺڪن ۽ ڊارين ٻولينَ جي پاٺڪن کي سنڌيءَ جي هن مهان ساهتڪارن سان واقفيت ڪرائڻ جي مقصد سان لکيو ويو آهي، ۽ انڪري هن ڪتاب ۾ مکيہ زور پيرومل صاحب جي زندگي ۽ تصنيفن بابت معلومات ميسر ڪرڻ تي ڏنو ويو آهي. سندس زماني جي مدنظر سندس رچنائن جو ملهہ ۽ ماڻ ڇا هو، تنهن تي روشني وڌي ويئي آهي ۽ انهن جو پنر موليانڪن ڪرڻ جي گهٽبي ڪوشش نہ ڪئي ويئي آهي. ان حقيقت کي خيال ۾ رکي، پاٺڪن کي هي ڪتاب ان ئي درشٽيءَ سان ڏسڻ گهرجي.

پيرومل صاحب جي ساهتيڪ پرتيا، سندس ڀاشا، ڀاو، شئلي ۽ سندس فلسفي وغيره کي مورت روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش طور، وچ وچ ۾ ڪتابن مان ڪي مثالي ٽڪرا پڻ ڏنا ويا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هي ڪتاب پيرومل مهرچند تي پهريون ڪتاب آهي. جيتوڻيڪ اُن کي بهترين بنائڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي ويئي آهي، تہ بہ ڪي ڪميون بيشيون ضرور رهجي ويون هونديون، ڇو جو انسان هميشہ خطائن جو گهر آهي ۽ مڪمل ۽ بي عيب فقط ڌڻي پاڻ آهي.

هي ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ ڪيترن ئي دوستن ۽ رفيقن مون کي جدا جدا طرح جي مدد ڪئي آهي، جنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

ڪاڪي پيرومل جي ڌيءَ شريمتي پدما آڏواڻي، ٻرڙ اوستا جي باوجود بہ ٽي ڪلاڪ مون سان گڏ ويهي مون کي پنهنجي پتا جي زندگي ۽ شخصيت بابت حال احوال ڏنو ۽ ڪيترين نادر ڳالهيون ٻڌايائين. پيرومل صاحب جي ڏوهٽن، خاص طور رام آڏواڻيءَ سهڪار ڏيئي مون سان وڏو ورڻ ڪيو. جنهن لاءِ مان پدما آڏواڻي ۽ آڏواڻي ڪٽنب جو تهہ دل شڪرگذار آهيان.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي صاحب، مون سان گوڏي گوڏي سان ملاقي ويٺو ۽ ڪاڪي پيرومل صاحب جي زندگي ۽ حالات بابت ڪيترين ئي نادر ۽ دلچسپ ڳالهيون ٻڌايائين ۽ سندس ڪي ناياب خط بہ مونکي ڏيکاريائين، جنهن لاءِ دلي طرح سندس ٿورائتو آهيان.

منهنجي پرم متر ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، پيٽ پوپٽي هيرانندائي، شري موتيرام راموائي، اتم، پروفيسر ڊي. ڪي منشا راماڻي ۽ ڪملا هاءِ اسڪول، ڪاروارن ڪاڪي پيرومل مهرچند جا ناياب ڪتاب مون کي مهيا ڪري ڏنا، جنهن لاءِ مان انهن صاحب جو ٿورائتو آهيان.

هيرو ٺڪر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀهڳڻو ساهتڪار

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ۽ معروف عالم، اديب ۽ تاريخدان هو. جنهن جي ڳڻپ جديد سنڌي نثر جي معمارن ۾ ڪئي وڃي ٿي. هوُ هڪ ڀهڳڻو ليکڪ هو، جنهن ڪهاڻي، اپنياس، ناٽڪ، مضمون، شعر، آدبي تنقيد ۽ ٻال ساهت وارن کيترن ۾ تہ يوگدان ڏنو. پر هن سنڌيءَ ۾ تاريخ ۽ کوجنا جي کيتر ۾ جيڪو ڪمُ سرانجام ڏنو، اُن کي هڪ منفرد ۽ ممتازُ حيثيت حاصل آهي. ائين تہ سندس ئي دؤر ۾ مرزا قليچ بيگ، لالچند امر ڏني مل،ڄيٺمل پرسرام ۽ پرمانند ميوارام جهڙن سندس همعصر ليکڪن بہ ادب جي جدا جدا صنفن تي قلم آزمائي ڪري، پنهنجو جوهر ڏيکاريو. پر جيستائين سنڌيءَ ۾ کوجنا ۽ اتهاس واري ساهت جو واسطو آهي، ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ڪاڪو ڀيرومل ان کيتر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ کوجنيڪ ۽ تاريخدان جا مڙيوئي گڻ هن ۾ هئا. هو هڪ اورچ شخص هو. سندس مشاهدي جي قوت تمام تيز هئي ۽ سندس اڀياس وسيعُ ۽ گهرو هو.

سنڌي زبان تي ڀيرومل کي خاص عبور حاصل هو. مولانا غلام محمد گراميءَ موجب سندس جهڙو سنڌي زبان جو ڄاڻو وري پيدا نہ ٿيو آهي! سنڌيءَ سان تعلق رکندڙ ٻولين سنسڪرت ۽ هنديءَ جو ماهر هو ۽ فارسي ۽ عربيءَ جو بہ چڱو ڄاڻو هو.

سنڌ، سنڌي جاتي، سنڌي ٻولي، سنڌ جي سڀيتا ۽ سنسڪرتي، ان جي تاريخ، جاگرافي، سنڌ جي برن بحرن جا سئر سفر سندس پيارا وشيہ هئا، جن جو هن تمام گهرائيءَ سان اڀياس ڪيو هو. پنهنجي سنڌ وطن ۽ ان جي هر شيءِ سان کيس انتهائي پيار هو. جنهن جي قدرشناسي ڪندي سنڌين جي برک مفڪر ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عالم شري محمد ابراهيم جويو، ڀيرومل مهرچند جي "قديم سنڌ" ڪتاب جي اڳياڙيءَ ۾ بلڪل صحيح لکيو آهي تہ:

هن صاحب (ڀيرومل) کي پنهنجي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بي پناهہ عشق هو. انهيءَ عشق جو اظهار هن پنهنجي اتڪ قلم ذريعي ڪيو، جنهن سنڌ ۽ سنڌين کي اُهو کي ڏنو آهي، جنهن لاءِ سنڌ صدين تائين سنڌس شڪرگذار رهندي. سرگواسي ڀيرومل کي سنڌي نثر ۾ هڪ امتيازي مرتبو ۽ انفرداي اسلوب هو. سندس هر تصنيف سندس انتهائي خلوص ۽ فدائيت جو پنهنجي جاءِ تي هڪ لاجواب دليل آهي. (2)

ڀيرومل مهرچند پنهنجي 75 سالن جي زندگيءَ دوران اٽڪل 50 سال پنهنجي مادري زبان ۽ ان جي ادب جي خدمت ڪئي ۽ ان عرصي دوران هن ڪي 50 کن ننڍا وڏا ڪتاب لکيا. جن مان ڪيترا تہ اڄ بہ سنڌي ادب جو شان ليکيا وڃن ٿا. هن ساندهہ سالن ڄا سال نور نچوئي، سوين ڪتابن جو گهرو اڀياس ڪري، آتال پاتال مان حوالا ۽ شاهديون هٿ ڪري، اَٿڪ ڪوشش وٺي، "قديم سنڌ"، "سنڌ جي آڳاٽي تاريخ"، "سنڌي هندن جو احوال"، "سنڌ جي هندن جي تاريخ" (ٻہ ڀاڱا) "سوڍن جي صاحبي ۽ راڻن جو راڄ" ۽ انگريزيءَ ۾ "موئن جو دڙو" جهڙا تاريخي ڪتاب لکيا.

سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس جو تہ هو شيدائي هو. ٻوليءَ جي تاريخ ۾ خود اونهو وڃي ۽ ديسي ۽ وديشي ودوانن جي سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل ڪتاب ۽ ليکڪن جو اڀياس ڪري، اُنهن مان حوالا هٿ ڪري، "سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس" لاءِ اڄ تائين هڪ ملهائتو ڪتاب ليکيو وڃي ٿو.

وياڪرڻ، شبدن جي ويتپتي، ڀاڪن ۽ چوڻين گڏ ڪرڻ جو ڪم ۽ اُنهن جي بڻ بنياد بابت کوجنا ڪرڻ جهڙا خشڪ ۽ جاکوڙ وارا ڪيتر، جن ڏانهن اڄ تائين سنڌي اديبن جو ڌيان نسبتاً گهٽ پئي رهيو آهي، تن ڪيترن ۾ اڄ ڪان مني صدي کن اڳ، سنڌي نثر جي ڀرياتي دؤر ۾ ئي هن سرويچ ساهتڪار وڏي محبت ۽ محنت سان بنيادي ڪم ڪيو ۽ جنهن ڏن ۽ ڌيان سان هن اُهو اهم ڪم سرانجام ڏنو، تنهن جو ذڪر سونهري اکرن ۾ تيڻ لائق آهي.

ڀيرومل مهرچند ٻهوَمکي ليکڪ هو، جنهن نہ فقط گوناگون موضوعن تي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لکيو، بلڪ ادب جي هر شاخ تي پڻ قلم آزمائي ڪئي. سندس ٻه قصا "آنند سندريڪا" ۽ "موهني ٻائي" سنڌيءَ ۾ اصلوڪن ناولن جي شروعاتي ڪوشش ۾ شمار ٿين ٿا. قصا ڪهاڻيون لکڻ جو سندس مقصد سماجي ۽ پنگتي خرابين ۽ اوڻاين جي اوگهڙ ڪرڻ ۽ آدرش ۽ مثالي شخصيتن کي اڀاري، سماج لاءِ ڪي ماڻ ۽ مثال قائم ڪرڻ هو. ساڳئي مقصد سان هن ڪي ناٽڪ به لکيا، جو تن ڏينهن ناٽڪ سماجڪ برائين ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ۽ انهن خلاف عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ تخليقي اظهار جو هڪ اثردار ذريعو هوندا هئا. پيرومل جي ٻهومکي پرتيا ان مان به ظاهر آهي، جو سماجي ۽ تاريخي وشين تي لکيائين، پر جاسوسي ڍنگ جي ناولن ۽ ڪهاڻين تي به طبع آزمائي ڪري "وريل ۽ نعمت" جهڙا يادگار جاسوسي ناول لکيائين، جيڪي ورهين تائين لوڪپريه رهيا ۽ ور ور ڪري انهن جا ڇاپا نڪتا.

پيرومل ٻال ساهتيه جي کيتر ۾ به جيڪو ڪم ڪيو، ان کي به بنيادي ڪم واري حيثيت حاصل آهي. ان زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج اڃا تازو ئي پيو هو. جنهنڪري ٻارن لاءِ سولي، سڌي سنواٽي ٻوليءَ ۾، وندرائيندڙ ۽ سکيادار ڪهاڻين، ڪوتائن وغيره جي گهڻي ضرورت هئي. پيرومل ان ضرورت کي سڃاتو ۽ ٻارن لاءِ ڪيترين ئي مزيدار ۽ سکياداٽڪ رچنائون سڌي سادي ٻوليءَ ۾ ميسر ڪيائين. نه فقط اصلوڪيون رچنائون رچيائين، پر انگريزي، هندي اردو وغيره ٻولين جون معياري ۽ اوچ قسم جون رچنائون نيٺ سنڌيءَ ۾ آڻي پڻ اها کوٽ پورائين.

پيرومل مهرچند فقط ننڍن ٻارن لاءِ ئي نه، اسڪول جي مٿين درجن ۽ ڪاليجن جي وديارٿين جي ڏانوَ جا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر پڻ لکيا. هن مشهور ۽ مقبول اديبن جي رچنائن جا انتخاب تيار ڪري، درسي ڪتابن واري کوٽ جو به پورائو ڪيو.

پيرومل صاحب جيترو اصلوڪو ساهتيه لکيو، سو پنهنجي ليکي کنهن ليکڪ کي، کنهن به ساهتيه ۾ زنده جاودان رکڻ لاءِ ڪافي هو، پر هن کي لکڻ ۽ معياري ساهتيه پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين لاءِ ميسر ڪرڻ جي اهڙي ڪا لوري لڳل هئي، جو اصلوڪا ڪتاب لکڻ ڌاران، هندستان ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي امر ۽ شاهڪار گرنٿن کي پڻ سنڌيءَ ۾ آڻي، سنڌي ادب جي خزاني کي پورايائين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس ترجمو ڪيلِ ڪتابن ۾ "گولن جا گوندر" (انڪل ٽامز ڪئبن) ۽ "طلسم" (ٽالز من) خاص ذڪر لائق آهن. سندس ترجمو ڪيل ڪتاب مان به اصليت جو هڳاءُ پيو اچي. سندس ڪيل ترجما، ترجمي جي فن جو اعليٰ مثال آهن.

ڀيرومل مهرچند جو ساهتيڪ يوڳدان هڪ سهڻي سوڀيا وان ڦلواڙيءَ جيان آهي، جنهن ۾ طرح طرح جا سهڻا ۽ سرهاڻ ڀريا گل ۽ ٻوٽا موجود آهن. سندس لکڻيون ڪوجنا جي ڪلا، سنڌيت جي سرهاڻ ۽ سلوڻي سپڪ ۽ ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ جو سندر سنگم آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زندگي ۽ شخصيت

پيرومل مهرچند جو جنم 1875ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ آڏواڻي خاندان ۾ ديوان مهرچند آئلمل جي گهر ۾ ٿيو. اهو هڪ وڏو تضاد ڇٽبو جو اهو شخص، جنهن سڄي عمر جاکوڙ ڪري، نور تچوئي، پنهنجي وطن جي، جاتيءَ جي، ٻوليءَ جي ۽ جدا جدا ماڻهن جي آکهين ۽ ذاتين، بابت، ڪٿان ڪٿان هزارين سالن جا حال احوال هٿ ڪري، انهن بابت وڏيون وڏيون تواريخون ويهي جوڙيون، خود ان شخص بابت اڄ اسان وٽ گهٽو احوال ميسر نہ آهي. سندس همعصرن مان ڪنهن بہ سندس زندگيءَ ۽ شخصيت تي تفصيلي طرح تہ ڇا، ڪا بنيادي معلومات بہ قلمبند نہ ڪئي آهي. ٻيو تہ ڇڏيو، ڪٿي سندس جنم جي مڪمل تاريخ بہ ڇاڻايل نہ آهي. اتي ايمرسن جو اهو قول بلڪل سچو لڳي ٿو تہ:

"مهان پرتيا شالي پرشن جون جيونيون تمام مختصر ٿين ٿيون. سندن ويجها مائٽ سندن بابت اوهان کي ڪجهہ ٻڌائي نہ سگهندا. اهي پنهنجن رچنائن ۾ زندهہ رهيا آهن، انڪري سندن گهرو ۽ گهمڻ گهتڻ واري زندگي معمولي ۽ عام رواجي رهي آهي."

پيرومل پاڻ "سنڌي هندن جي تاريخ" ڀاڱو پهريون ۾ پنهنجي بابت جيڪو مختصر احوال درج ڪيو آهي، سو ئي واحد مستند لکيت ماخذ آهي، جنهن مان سندس زندگي ۽ شخصيت جي ڪن پهلن بابت خبر ڇار ملي ٿي ۽ پيرومل بابت لکندڙ اڪثر ليکڪ ان احوال تي ئي ٻڌي ياڙيو آهي.

پيرومل مهرچند "سنڌي هندن جي تاريخ" ڀاڱو پهريون ۾ پنهنجي بابت هيئن لکيو آهي:

"96-1895ع ۾ 20 ورهين جي ڄمار ۾ مان سالت (لوڻ) ۽ ايڪسائيز کاتي ۾ 25 رپين جي پگهار تي مقرر ٿيس."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اِن ماڻ ائين سمجهي سگهجي ٿو ته ٻيرومل جو جنم سنه 1875ع ۾ ٿي ڪنهن وقت ٿيو. سندس لکڻ موجب سندس ڏاڏو ديوان آٽلمل اجومل مختيارڪار هوندو هو ۽ سندس (ٻيرومل جو) پتا ديوان مهرچند آٽلمل سيٽلمينٽ ڪاتي ۾ هيڊ منشي هو. جتان 1888ع ۾ رٽائر ڪيائين.

حيدرآباد (سنڌ) جا آڏواڻي، جن جي نک مگهوءَ کتري آهي، سي اصل اروڙونسي آهن. سندن وڏو ڏاڏو ديوان آڏو مل ڪلومل ولد جسومل اصل لوهپور ملتان جو ويٺل هو ۽ ميان نورمحمد ڪلهوڙي سان هن جي شمشير زن طور سنڌ ۾ ويو هو. آڏومل پهرين پنجابين مان پرڻيو هو. گهر واري گذري ويس ته ديهه ٺٽي تعلقي نوشهرو فيروز مان سيٺ آڏومل جي گهر مان ٻي شادي ڪيائين. سهري ۽ ناٺي ٻنهي جو نالو آڏومل هو. ان آڏومل جي نالي سان ٿي آڏواڻين جي آکهه قائم ٿي.

ٻيرومل هڪ نيڪ خيال ۽ آدرشي ڪٽنب ۾ پليو ۽ نپنو. سندس پتا ديوان مهرچند هڪ پڙهيل ڳڙهيل، نيڪ دل ۽ خدا ترس شخص هو. هو 40 روپيا ماهوار پگهار تي هيڊ منشي هو. رٽائر ڪيائين ته 20 رپيا ماهوار پينشن مليس، پر پوءِ سندس هڪ وڏي آفيسر شري گلبرٽ کو پريچ ڪيس هڪ سوءُ ايڪڙ زمين بنا مالڪاڻي جي انعام طور وٺي ڏني. شري مهرچند سان گڏ سندس ٻن سوٽن ديوان خوبچند ننديرام آڏواڻي ۽ منشي واڌومل بدلداس آڏواڻيءَ به پينشن ورتي هئي ۽ ٽي ئي سوٽ گڏجي نيڪا ڪٽندا هئا.

ديوان مهرچند جي نيڪي ۽ پليءَ هلت جي ڄاڻ ان مان پوي ٿي ته جڏهن پهرين سندس هڪ سوٽ ۽ ڀائيوار ديوان واڌومل گذاري ويو ته هُو ۽ سندس ٻيو سوٽ سرڳواسيءَ جي ٻارن ٻچن جي پالنا لاءِ ڏنڌي ۾ سندس حصو پتي قائم رکندا آيا. وري جڏهن ديوان مهرچند جو ٻيو سوٽ ڀائيوار ديوان خوبچند گذاري ويو ته ان بعد هو پنهنجن ٻنهي سرڳواسي سوٽن جي نالي ۾ حصو هر نيڪي ۾ قائم رکندو ايندو هو. جو هنن جي گهر ٻار ۽ اولاد جي پالنا لاءِ ڏيندو هو. ديوان مهرچند آٽلمل 1905ع ۾ گذاري ويو.

ٻيرومل نه فقط هڪ پڙهيل ڳڙهيل، نيڪ ۽ خدا ترس پتا جي سايي ۾ پليو ۽ وڏو ٿيو پر سندس وڏو ڀاءُ شري ٽانورداس مهرچند پڻ هڪ نيڪ هلت ۽ نيڪ فهم وارو الله لوڪ شخص هو. هو پهرين حيدرآباد سنڌ جي ميونسپل اسڪول

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ نائب ماستر هوندو هو. جوانيءَ ۾ ئي سندس اکين جي جوت ويندي رهي، جنهنڪري ماستري ڇڏي ڏنائين. هن جو سنتن ۽ صوفين سان مڙئي گهڻو رستو هوندو هو. سائين ڪيسورام سپاهيملاڻي ۽ سائين هريرام صوفيءَ سان سنگ هوس، ۽ پوءِ وري ڀائي غريبداس پيچ واري جي سنگ ۾ آيو. ايئن سنتن جي سنگ ۾ پاڻ به سنت ٿي پيو. ڪاڪو پيرومل لکي ٿو ته سندس اهو نيم هوندو هو ته ڏينهن جو ننڊ ڪندو هو ۽ سڄي رات جاڳي ايشور جو ڌيان ڌاريندو هو. (2)

ڪيترا وڏا وڏا ماڻهو- راءِ صاحب، ڪليڪٽر، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ مختيارڪار وغيره ٽانورداس جي درشن لاءِ ويندا هئا. هو صاحب 1929ع ۾ 60 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. پيرومل کي پنهنجي مربي ڀاءُ ٽانورداس لاءِ وڏي عزت هئي.

پيرومل جي ٻالاپڻ ۽ سندس تعليم تربيت بابت گهڻو احوال مهيا نه آهي. البت "غريب اللغات" ۾ پاڻ لکيو اٿائين ته سندس ثانوي (سيڪنڊري) تعليم حيدرآباد سنڌ جي مشهور اسڪول يونين اڪيڊميءَ ۾ ٿي هئي. اتي ساڌو هيرانند، شوقيرام آڏواڻي ۽ سندس ڀاءُ ديوان تارا چند شوقيرام آڏواڻيءَ کان ٻي تعليم وٺڻ سان گڏوگڏ، هو شاهه لطيف جو ڪلام پڻ پڙهيو هو.

پيو هڪ سندس ماستر، جنهن جو ذڪر ڪيو اٿس، سو سائين هريرام سپاهيملاڻي هو، جنهن ڪيس ۽ پڻ سندس وڏي ڀاءُ شري ٽانور داس کي به پڙهايو هو.

ساڌو هيرانند لاءِ پيرومل کي وڏي عزت هئي ۽ سندس ذڪر گهڻي عزت ۽ احترام سان ڪيو اٿائين. هن جو "هيري جو ڪٽيون" ٽالي مضمونن ۽ درشٽانتن جو ڪتاب، جو پاڻ ايڊٽ ڪري ڇپارايائين، تنهن ۾ ڪيس "سچو هيرو" ڪري سڏيو اٿائين ۽ سندس هر مضمون کي "هيري جي ڪٽي" ڪري سڏيو اٿائين. ساڌو هيرانند ڏانهن پنهنجي شرڌا ظاهر ڪندي، ان ڪتاب ۾ لکيو اٿائين ته، "ساڌو هيرانند کي سچي سنڌ سڃاڻي ٿي ۽ گهڻي عزت ڏئي ٿي. هن صاحب جيڪي ديس جا گهڙا پريا، سي ڪنهن کان ڳجها نه آهن. هن جيڪي ڪي لکيو سو نيٺن ۽ وڏن جي ڌيان تي آڻڻ جوڳو آهي..." (3)

پيو هڪ شخص، جنهن ڪچيءَ عمر ۾ پيرومل جي من کي متاثر ڪيو، سو هو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماستر مولچند چتواڻي، جو سندس پاءُ ٽانور داس سان گڏ حيدرآباد سنڌ جي قلعي واري ميونسپل اسڪول ۾ ماستري ڪندو هو. پيرومل پنهنجي پاءُ جي معرفت هن جي سنگ ۾ آيو. پيرومل ۾ راڳ لاءِ چاهه ۽ شعرن جوڙڻ ۽ ڪتابن لکڻ لاءِ چاهه ماستر مولچند وڌايو. پيرومل، سندس مربي پاءُ ٽانور داس ۽ ماستر مولچند جي، ڪنهن وقت ۾ اصل ڇڻ ته ٽه ياري هوندي هئي. ماستر مولچند کي ياد ڪندي پيرومل لکي ٿو ته:

"سنه 1890ع کان 1894ع تائين اسان جو اِهو نيم هوندو هو ته ڏهاڙي سج لٿي مهل سپاهيملاڻي گهٽيءَ ۾ سائين ڪيسورام ۽ سائين هريرام صوفيءَ جي ٽڪاڻي ۾ ڪٿا ٻڌڻ ويندا هواسين. آرتي تي رهندي هئي، تنهن ڪانپوءِ ماستر مولچند يڪتارو کڻي صوفياڻو ڪلام ڳائيندو هو، ته چڱي موج مچندي هئي. سائين هريرام ڪيڏانهن به ٻاهر ويندو هو ته ماستر مولچند کي ڀڄن پاءُ ڪرڻ لاءِ ساڻ کڻندو هو. ماستر صاحب مون کان پنج ورهيه کن وڏو آهي، ته به اڄ تائين الحان عمدو اٿس ۽ چڱو ڳويو آهي. شعر جوڙڻ جي ڏات به اٿس. سندس سنگ ۾ مان ننڍڙي عام موسيقي (سنگيت وديا) مان ڪجهه واقف ٿيس ۽ شعر جوڙڻ ۽ ڪتابن لکڻ جو چاهه به سندس سنگ ۾ وڌيم، جنهن ڪري اڄ تائين ماستر صاحب سان منهنجو پاٽرن جهڙو رستو آهي.(4)

متي مائٽيءَ جي خيال کان ڪاڪو پيرومل سنڌيءَ جي پرسڌ ناٽڪ ڪار پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، شاهه جي رسالي تي ڪم ڪندڙ عالم پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ۽ پرسڌ تعليم دان بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ جو سنبنڌي هو. انهن مان پهرين ٻن صاحبن سان ته بعد ۾ ادبي دوستن وارا لاڳاپا به رهيس، جن کي انهن ٻن صاحبن ليکن ۾ ۽ ٻيءَ طرح ياد پئي ڪيو آهي.

ڪاڪو پيرومل پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ناني شري سچانند آڏواڻيءَ جو ننڍو سوٽ هو ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي وري ڪاڪي پيرومل جي ڏاڏي جي پاءُ ديوان ڪشنچند اجومل جو پوٽو هئڻ سبب هن جو ننڍو سوٽ لڳي. بئريسٽر هوتچند به ڪاڪي پيرومل جو ڏورانهون سوٽ لڳي.

ڪاڪي پيرومل جي ڏيءَ شريمتي پدما آڏواڻي، جا هن وقت اٽڪل 75 ورهين جي آهي ۽ ماهيم رهي ٿي، تنهن جي چوڻ موجب پيرومل مئٽرڪ تائين تعليم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ورتي هئي. هن جيتوڻيڪ دستوري تعليم جون ڪي وڏيون ڊگريون هٿ نہ ڪيون هيون، تہ بہ هو لاشڪ وڏي علم ۽ دانش جو مالڪ هو. سندس اندر جي سُوجهي چڱي تيز هئي ۽ مشاهدي جي قوت بہ ٻين کان سرسيري هئس. هردم اکيون ۽ ڪن کولي هلندو هو. سير سفر جو شوقين هو. وري جو ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت دوران ڪم سانگي يا بدلين سبب جدا جدا هنڌن ڏانهن وڃڻ، اهي هنڌ ڏسڻ ۽ اتي رهڻ جو موقعو مليس، سا ڳالهہ سندس لاءِ وڏي نعمت ثابت ٿي ۽ ذري گهٽ سڄي سنڌ جو سير سفر ڪري، ان جي جدا جدا علائقن جي قدرتي بناوت، جاگرافي، ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، ريتن رسمن بابت وسيع ڄاڻ حاصل ڪيائين. سندس عقيدو هوندو هو تہ، سير ۾ تعليم آهي، پر جو اکيون کولي نہ هليو، تنهن جهڙو سير ڪيو، تهڙو نہ ڪيو. سچو سيلاني سدائين اکيون کولي هلي ٿو ۽ هيءَ ساري قدرت جا کليل ڪتاب جي مثل آهي، تنهن جو هر هڪ جزو چڱيءَ ريت جاچي، خسيس خسيس ڳالهين مان بہ وڏا وڏا سبق سکي ٿو. (5) ڀيرو مل قدرت جي ڪتاب مان وسيع ڄاڻ حاصل ڪئي. سندس ان ڄاڻ جو عڪس سندس لکڻين ۾ جابجا نظر اچي ٿو.

تاريخ سان بہ ڪو فطري لڳاءُ هوس. سنڌ جي ڄاڪمن، وڏ وڏيرن، صوفين سنتن ۽ درويشن جا تذڪرا هجن يا شهرن، بندرن، ندين ۽ برپٽن جي نشيب و فراز جا داستان هجن، ذاتين، قومن ۽ قبيلن جي اصل نسل جي وچور هجي يا وري ٻولين جي آغاز ۽ انهن جي پاڻ ۾ لاڳاپن جي تاريخ هجي، انهن ۾ ايترو تہ اونهو ويو، جو هزارين سالن جا اتهاس کولي پڌرا ڪيائين. اورچ ۽ جفاڪش بہ پنهنجي قسم جو هو. شري ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو تہ، ”1946-47ع واري زماني ۾ هو ڪنهن سڄڻ سان گڏجي، ڪاڪي ڀيرومل جي مڪان تي ويو. هو صاحب تمام وڏي آورجا تي رسي چڪو هو ۽ ڪافي ڀيرسن ٿي لڳو. شايد پوري نرت بہ ڪانہ ٿي پيس ۽ پنهنجي آخري ڪتاب ”سنڌي هندن جو احوال“ (صحيح: سنڌ جي هندن جي تاريخ) تي اجا نور نچوئي رهيو هو. ڳالهين مثان ڳالهيون ڪندي، هن کان رهيو نہ ٿيو. مون کي اڻ سڃاتل سمجهي، مون کان منهنجي آکهہ پڇيائين. جڏهن اهڙي آکهہ ڪي پنهنجي ڪتاب ۾ درج ٿيل نہ ڏٺائين تہ مون کي چيائين، ”مدد ڪر تہ مان تنهنجي آکهہ جو بنياد ڳولهي ڪيان ۽ ان جو سربستو احوال لکان.“ اهڙي هئي سندس وفائي پنهنجي ڪاريہ ڏانهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فقط سنڌ، ان جي ماڻهن ۽ ان جي تاريخ ۾ ئي دلچسپي ڪانہ هئس، پر هندستان، قديم هندستان، ڀارت ورش (آريہ ورت) جي قديم تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جي آغاز، آرين جي اصلوڪي ماڳ ۽ اهڙن بيشمار تاريخي معاملن ۾ بہ دلچسپي هئس، هـو اَٿڪ جڳياسو هو. علم انسانيات (Anthropology) هجي، يا علم آثار (Archaeology) هجي، علم لسانيات (Linguistics) هجي يا علم الهند (Indology) هجي، هر شعبي ۾ سندس دلچسپي هئي. هر شعبي جو ابياس ڪيائين ۽ ان بابت وڏ ۾ وڏ ڄاڻ حاصل ڪري، سنڌيءَ ۾ ان تي ڪتاب لکي، سنڌي علم ادب کي مالامال ڪيائين.

سنڌي لغت يعني لفظن ۽ انهن جي معنائن تي بہ وڏو عبور حاصل هوس. ان ڏس ۾ ڪيس ماهر ڪري ليکيو ويندو هو. اهو ئي سبب هو، جو ورهاڱي کان اڳ، "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جنهن جي جاءِ تي بعد ۾ هاڻوڪو "سنڌي اَدبي بورڊ" وجود ۾ آيو آهي، تنهن جڏهن "جامع سنڌي لغات" تيار ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو تہ انهيءَ لاءِ جيڪا ايڊيٽوريل ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، تنهن ۾ جيڪي چار ماهر ڪنيا ويا، تن ۾ ڀيرومل مهرچند بہ هو. ٻيا ماهر هئا: شري عثمان علي انصاري، شري لالچند امر ڏنو.مل ۽ مولوي دين محمد وفائي. انهيءَ ڪاميٽيءَ پهرين ٽيئن اکرن (الف، ب، ٻ ۽ ڀ) تائين ڊڪشنريءَ جو ڪم پورو ڪيو هو. شري عثمان علي انصاريءَ جي چوڻ موجب، جنهن جو شري موتيرام راموانيءَ هڪ ليک ۾ ذڪر ڪيو آهي.(6) ڊڪشنريءَ جي ان ڪم تي سڄي ۽ سچي محنت شري ڀيرومل مهرچند ۽.شري لالچند امرڏني مل ئي ڪئي هئي، ڇو جو انصاري صاحب ۽ مولوي وفائي صاحب جو ان ڪم ڏانهن ڇاهہ ۽ لاڙو گهٽ هو. اهو ئي سبب آهي جو ورهاڱي بعد جڏهن سنڌي ادبي بورڊ، ڊڪشنريءَ جي ڪم لاءِ جڏهن انصاري صاحب ۽ مولوي وفائي صاحب کي هڪ هزار رپيا اُجوري طور ڏنا تہ انصاري صاحب چيو ڀيرومل ۽ لالچند طرف هٿ ڪركيو تہ "اسان کي تہ هڪ هڪ هزار رپيا مليا، پر جن صحيح معنيٰ ۾ ڊڪشنريءَ لاءِ ڪم ڪيو، تن کي اُجورو پلئہ نہ پيو."، ۽ اهو سوچي هن صاحب اهو معاملو سنڌي ادبي بورڊ جي اُن وقت جي سيڪريٽري شري محمدُ ابراهيم جويي سان ڪنيو ۽ ڀيرومل مهرچند ۽ لالچند امرڏني مل لاءِ بہ ساڳيو هڪ هڪ هزار رپين جو اُجورو منظور ڪرايو. اها ٻي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳالهہ آهي تہ پيرومل صاحب تيستائين راهہ رباني وٺي ويو هو ۽ سندس گهر واريءَ بعد ۾ انهيءَ رقم وٺڻ لاءِ اختياري پنهنجي نانيءَ کي موڪلي، جو صاحب تن ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ٿي رهندو هو. سنڌي ادبي بورڊ تہ پنهنجو پاڻ موڪيو پر پيرومل پنهنجي محنت جو اجورو پاڻ ماڻي نہ سگهيو.

پيرومل صاحب سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو شروع کان وٺي ميمبر بہ رهيو هو. بعد ۾ هو ان مرڪزي بورڊ جو ڪجهہ وقت لاءِ وائيس چيئرمين بہ ٿي رهيو. بورڊ جي ماهوار رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر بہ هو. هو جتي جتي ۽ جنهن بہ عهدي تي رهيو، پنهنجي محنت ۽ اورچائيءَ سان اتي پنهنجي اَمٽ ڇاپ ڇڏيائين.

پر سنڌ ۽ سنڌين پنهنجي هھڙي چوٽيءَ جي ودوان ۽ ڀڳتي ليکڪ جو ايترو قدر ڪونہ ڪيو، جنهن جي هو لائق هو. اها ڳالهہ اڄ بہ محسوس ڪجي ٿي ۽ ان وقت بہ محسوس ڪئي ويندي هئي، جڏهن پيرومل صاحب اڃا حيات هو.

ورهاڱي کان اڳ، جڏهن سنڌ سرڪار ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي کي "شمس العلما" جو لقب عطا ڪيو، پر ڪاڪي پيرومل جهڙي سنڌيءَ جي بي مثل کوجنيڪ، اعليٰ اديب، ٻوليءَ جي ڄاڻو ۽ قديم سنڌ جي حالات جي ماهر ۽ تاريخ نويس جو ڪو قدر نہ ڪيو ويو تہ "سنڌو" رسالي جي ايڊيٽر، "سنڌوءَ" جي آگسٽ 1941ع واري پرچي ۾ مجبور ٿي هڪ ايڊيٽوريل لکيو هو، جنهن ۾ هن ڪجهہ هن طرح جا جذبا ظاهر ڪيا هئا: "هن وقت تائين پيرسن اوستا ۾ جنهن اورچائيءَ سان هُو (پيرومل) پورهيو ڪندو رهي ٿو، سا ڳالهہ ڪنهن ذڪر جي محتاج نہ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي جيتري ڄاڻ پيرومل کي آهي، اوتري ٻئي ڪنهن کي ورلي هوندي. سرڪار کي جڳائي تہ پيڇاڙيءَ جي اوستا ۾ هن علم جي ستاري جي قدرداني ڪري پنهنجي انصاف ۽ حق پرستيءَ جو ثبوت ڏئي... سندس لکيتون جي ڪنيون ڪجن تہ سنڌ جي ڪهڙي بہ ليکڪ کي شهہ ڏيئي وينديون."

پيرو مل صاحب جي معتقدن تہ گهڻيون ئي گهرون ڪيون، پر بقول شري موتي لال ٻتاڻي (جج) جي، "سنڌ سرڪار بہ اکيائي واري نيتي هلندي رهي ۽ هن بي بها هيري جو ڪو قدر نہ ڪيو ويو."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر ”قدر“ يا ”بيقدري“ اهي ڪي لقب ملڻ سان يا دنيوي انعامن اڪرامن سان نٿا ٿين. سڀ کان وڏو انعام ماڻهوءَ جو پنهنجو ڪارج ٿئي ٿو ۽ پيرومل صاحب اهڙو ۽ ايترو ڪارج ڪيو، جنهن ڪي اڄ به ۽ ايندڙ وقت ۾ به ”يادگار حيثيت“ رهندي.

روزگار:

پيرومل 96-1895ع ۾ 20 ورهين جي ڄمار ۾ سالٽ (لوڻ) ايڪسائيز کاتي ۾ 25 رپيا ماهوار پگهار تي ملازم طور مقرر ٿيو. ان کاتي ۾ جملي 28 سال ڪم ڪيائين، جنهن جو ڪجهه عرصو مارپيور واري لوڻ جي کاڻ واري هنڌ تي رهيو، جيڪا ڪراچيءَ کان ٽي ڪوهه پري اتر طرف هوندي هئي ۽ اوڏانهن سمنڊ ۽ خشڪيءَ رستي وڃي سگهبو هو. بعد ۾ پيرومل جي اتي ملازمت وارن ڏينهن ۾ ئي ڪراچيءَ کان مارپيور تائين موٽر لارين لاءِ پڪو رستو به جڙيو. مارپيور ۾ لوڻ کاڻ جي انسپيڪٽر جي آفيس ۽ بنگلو ۽ ڪلارڪن ۽ پٽيوالن جون جايون مٽي، ٺڪريءَ تي هونديون هيون ۽ پيرومل به اتي رهندو هو. پاڻ لکيو اٿس، ته انسپيڪٽر جو بنگلو ۽ ڪلارڪن وغيره جون جايون بلڪل کليل ۽ هوادار هونديون هيون. انهن ۾ هوا اهڙي ته لڳندي هئي، جو ڪپڙا پيا اڏامندا هئا ۽ سمنڊ جي مٺيءَ هير تي ننڊ پئي ايندي هئي. وڏيڪ لکي ٿو ته. ”سنگت سا سٺي هجي، ته مارپيور فرحتي هنڌ آهي. آبهوا به اهڙي سٺي آهي جو جيڪي کاءُ سو هضم.“ البت پاڻي اتان جو کارو هو. پر انسپيڪٽرن ۽ عملي لاءِ پيئڻ جو مٺو پاڻي ڪراچيءَ مان اتي ويندو هو. روز سرڪاري پٽيوالو ٽپال کڻي ڪراچيءَ ويندو هو ۽ شام جو ٽپال وٺي موٽي ايندو هو. هڪڙو ڏار ماڻهو ٽيوڻ ٽلهي لاءِ رکيل هو، جنهن کري مارپيور وارا سڀ ملازم سکيا سهنجا هئا.

سنه 1902ع ۾ جڏهن سمنڊ ۾ اٿل اچڻ سبب لوڻ کاڻ سڄي ٻڏي ويئي، ان وقت ڪيترائي ڏينهن پيرومل کي جهنگ جي مريري تي گذران ڪرڻو پيو. نوڪر به ڪونه هوس ۽ رستا به برسات ۽ سمنڊ جي اٿل سبب ٻڏل هئا. تنهنڪري شيءِ شڪل گهرائڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئس، جا ڏکي حالت پنهنجي موجي سڀاءَ موجب هڪ غزل ۾ بيان ڪئي اٿس:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هاءِ ارمان حال منهنجي واءِ ارمان هاءِ هاءِ
هوش حيران آهه سيوئي حال ويران هاءِ هاءِ
ڪاڻ ساري ناس ٿيڙي نا ذرو ڪو لوڻ جو
يار ويڙا ڏار ٿيڙا آءُ جابان هاءِ هاءِ

ايڪسائيز کاتي ۾ پيرومل 96-1985ع ۾ 25 رپيا ماهوار پگهار تي ڪلارڪ ٿي گهڙيو ۽ اتي 28 سال نوڪري ڪري، انسپيڪٽر جي درجي ڪي رسيو. ان دوران هو جدا جدا هنڌن تي رهيو. ماريپور کان سواءِ هن بوبڪن ۾ پينگ جي انسپيڪٽر طور، ۽ ڪراچي ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ ڊسٽلري انسپيڪٽر طور بہ ڪم ڪيو. 1924ع ۾ ان کاتي ۾ 200 رپيا ماهوار پگهار تي ايڪسائيز انسپيڪٽر ھو، جو اهو کاتو ٿي ڇڏيائين. نوڪريءَ کي هو ڪو دلي طرح پسند نہ ڪندو هو. ان چوٽيءَ ۾ وشواس رکندو هو تہ "اتم کيتي، وڌي واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار." نوڪريءَ لاءِ نفرت ۽ واپار لاءِ پسندي بابت پنهنجا ويچار هن پنهنجي "موهني بائي" ناول ۾ وستار سان ظاهر ڪيا آهن. شايد پيو ڪو جوڳو ذريعِ معاش نہ هئڻ سبب هن کي نوڪري ڪرڻي پئي هئي.

ڪاڪو پيرومل بنيادي طرح علمي ۽ ادبي لاڙي وارو شخص هو. سندس من جي گهرت ٿي ڪا اهڙي هئي. ان ڪري پيشي جي خيال کان، جيئن ٿي ڪيس علمي کيتر ۾ ڪم ڪرڻ جو موزون موقعو مليو، تہ ميدان ۾ لهي پيو.

1924ع واري زماني کان اڳ سنڌ ۾ سنڌي رڳو مئٽرڪ تائين پاڙهي ويندي هئي، ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ ڪانہ هئي. 1924ع ۾ فقط بي اي امتحان جي ڪورس ۾ سنڌي ٻولي درج ڪئي ويئي، سا بہ آزمائش طور. تن ڏينهن شڪارپور ۾ ڪو ڪاليج اڃا کليو ڪونہ هو ۽ حيدرآباد واري ڪاليج ۾ بي. اي ۾ سنڌي هئي. پيرومل جي سوچ موجب اوچ سطح تي سنڌيءَ ۾ تعليم جو سڄو دارومدار ڪراچيءَ واري ڪاليج تي هو. اگر ڪراچيءَ واري ڪاليج ۾ سنڌيءَ لاءِ چاهہ نہ رهي ها تہ بمبئي يونيورسٽيءَ کي بہ بي . اي مان سنڌي ڪڍڻي پوي ها.

1924ع واري تعليمي سال جي پهرئين ٽرم ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽو، جو اُن وقت ايم.اي پاس ڪري آيو هو، سو ڪراچيءَ واري ڪاليج ۾ هڪ سؤ رپيا ماهوار

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پگهار تي سنڌيءَ جي ليڪچرار طور مقرر ٿيو. پر ستت ئي هو صاحب اهو ڪم ڇڏي، ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت هليو ويو ۽ پوءِ اُن عهدي تي ڪم ڪرڻ لاءِ پيرومل کي آڇ ڪئي ويئي. هن جي من جو لاڙو اڳ ۾ ئي علمي ۽ ادبي ميدان طرف هو. ليڪچرار واري نئين نوڪريءَ جي پگهار، جيتوڻيڪ ايڪسائيز کاتي ۾ کيس ملندڙ پگهار کان گهٽ هئي، تنهن هوندي بہ اها آڇ قبول ڪيائين.

1924ع واري تعليمي سال جي ٻئي ٽرم نومبر 1924ع کان وٺي ڪراچيءَ واري ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ۾، سنڌيءَ جي ليڪچرار طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ لکي ٿو تہ. "هڪ سؤ روپيا (ماهوار) پينشن وٺي ايڪسائيز کاتو ڇڏي آيس، جو هيءُ ڪم منهنجي دل وڻان هو. بي. اي جي شاگردن ۾ سنڌي لاءِ چاهہ وڌايم. تہ پوءِ ڪاليج جي سيني ڪلاسن ۾ سنڌي پيئي ۽ پنهنجو پورهيي کي سجايو سمجهيم."

ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پيرومل کي پنهنجي من جي پسنديءَ وارو علمي ۽ ادبي وايومنڊل مليو. اُتي ئي هو پرنسيپال صاحب سنگهہ چندا سنگ شهاڻي، پرنسيپال ٻتاڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙن تعليمي ماهرن، عالمن ۽ اديبن سان اٿيو ويٺو ۽ پاڻ کي پنهنجي دل گهرئي وايو منڊل ۾ پاتائين.

شخصيت:

پيرو مل مهرچند قد جو ڊگهو، پوڻن ڇهن- ڇهن فوٽن جي وچ ۾ ڊيگهہ ۽ سنهي سرير وارو هو. سندس چهرو بہ ڊگهو، بيضوي شڪل جو هو، پيشاني ڪليل ۽ نڪ ڊگهو، هوس. ميڇون وڏيون رکندو هو. پهرئين چشمو ڪونہ لڳائيندو هو، پر اوستا وڌي ٿيس تہ گول فريم سان نظر جو چشمو پائڻ لڳو. سندس اکين ۽ چهري مان علم ۽ اڀياس جي گهرائي پيئي بکندي هئي. برڙ اوستا ۾ سندس مٿي جا وار ۽ ميڇون سفيد ٿي ويون هيون. اڪثر سنڌي پتلون ۽ اچي رنگ جو بنا ڪالر جي پهرياڻ پهريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سوٽ ڪوٽ بہ پائيندو هو.

ڪاڪو پيرومل هڪ شريف النفس ۽ حساس دل شخص هو. سانت سڀاءَ وارو ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهٽو ٽٽو پنهنجي ڏن ۾ رهندو هو. سندس عمعصر ٻڌائين ٿا تہ هو پنهنجي اپياس ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ ئي پورو هوندو هو.

ائين بہ ناهي تہ هو ڪو رڳو ڪتابي ڪيڙو هو ۽ علم ادب ۾ کوهيل هئڻ ڪري باقي دنيا کان ڪو ڪٽيل هو. سندس زندگيءَ کي عملي پهلو بہ.هو. سندس بردباري، هلندي چلندي ۽ اثر رسوخ جو ذڪر ڪندي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ هڪ واقعو بيان ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ سندس (ملڪاڻيءَ جا) ناناڻا ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا، جتي پاڻ ٽڪڻ ويو هو. پيرومل تن ڏينهين وچولي چمار ۾ تازو ئي شادي ڪئي هئي. هڪ آرتوار تي دادا پيرومل ملڪاڻيءَ جي ناناڻي آکهہ کي شئل ڪرائڻ لاءِ سمنڊ رستي ماريپور وٺي هليو. ڪاڏي پيتي جو سامان سرو ڪنيو هئائون ۽ سڄي تياري ڪيئي هئائون. ٻيڙي اچا ماريپور جي اڌ پنڌ تي مس پهتي تہ سمنڊ جو پاڻي لهڻ شروع ٿيو. ميربحرن وير لهڻ جو حساب پورو نہ رکيو هو، جنهنڪري ٻيڙي سمنڊ جي تري ۾ کُپي پيئي. سمنڊ جو ترو بہ چيندڙ ڪانڊيرن سان ڇانيل هو، جنهنڪري ٻارن ٻچن، زائفائن هراس ۾ اچي وَاڪو واڪاڻ مچائي ڏني، ميربحرن خاطري ڏني تہ ٻيڙي اُلٽي نہ ٿيندي، پر پنج اٺ ڪلاڪ اهڙي ئي حالت ۾ ڪاٽڻا پوندا، جيسين کي وري سانجهيءَ جو وير چڙهي. پيرومل ملاحن کي خوب ڇنڊ ڪيئي ۽ کين سندس لاپرواهيءَ لاءِ خوب تنبيهہ ڪندي، پر ٽن ملاحن کي بابا نالي ٻيٽ ڏانهن اماڻيائين ۽ اتي هڪ ڪاموري کي نياپو مڪائين تہ ڪاڏي پيتي جو سامان ۽ پيئڻ جو پاڻي جلد روانو ڪري.

ملاح جيڪي ڪانڊيرن تي هلڻ تي هريل هئا، سي يڪدم پڳا ۽ ڪلاڪ ڏيڍ ۾ ڳپل ڪوڪ ٿيل مڇي، جوئر جا ڍوڍا، لسيءَ ۽ مکڻ سان پريل ڇاڏي ڪٽي اچي حاضر ٿيا، جيڪي کائي، خوب موج ڪئيسين. اُن بعد ڪاڪي پيرومل کي کهاڻيون ۽ ٽونڪا ٻڌايا، تان جو شام جو وري وير چڙهي ۽ ٻيڙي هاڪاري ماريپور اچي پهتاسين. موٽ جي مسافريءَ لاءِ ڪاڪي پيرومل هڪ لاريءَ جو بندوبست ڪري ورتو هو ۽ سلامتيءَ سان واپس ڪراچي وٺي آيو.

ملڪاڻي صاحب لکي ٿو تہ، "هڪ عالم، جنهن ساري چمار ڪتابن تي نور نچوئڻ ۾ ڪاٽي، تنهن جو هي عملي پهلو. هيءَ بردباري ۽ هلندي چلندي ڏسي مان عبرت ۾ پئجي ويس."

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آنهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ راڄنيتي اڳواڻن ۽ عالمن ۽ اديبن جا ليڪچر به ٿيندا هئا. راڄنيتي ۽ مذهب تي ڳالهائيندڙ، جذبي ۾ اچي زور شور سان ليڪچر ڪندا هئا. تن ڏينهن ۾ هومسٽيڊ هال ۾ ڪاڪي ڀيرومل جا به ليڪچر ٿيندا هئا. پر هو اڪثر هندستان جي يا سنڌ جي قدامت تي آرين جي اصل نسل، ويدن وغيره ۾ چاڻايل ڳالهين يا هندن جي ريتن رسمن وغيره ڇهڙن تاريخي موضوعن تي ليڪچر ڏيندو هو. جيڪي نهايت سنجيده ۽ عالماڻي ڍنگ جا هوندا هئا ۽ انهن ۾ هر ڳالهه بادليل ۽ چٽني نموني سمجهائيندو هو. ائين وچ وچ ۾ ڪي ٽوٽڪا به ٻڌائيندو هو. منجهس طنز ۽ مداح جو مادو به جهجهو هو، جو اڪثر پنهنجي محدود سنگت ۾ ئي ظاهر ٿيڻ ڏيندو هو. پنهنجي ان قسم جي احساسن کي به عالماڻي ۽ ادبي ڍنگ سان پيش ڪندو هو.

هڪڙي ڀيري گهوڙا ٻاڙي تعلقي جي هيڊڪوارٽر ڪوٽڙي الله رکيي شاهه ڏي گهمڻ لاءِ ويو. شهر جو هيڏو وڏو نالو ٻڌي، اٺ تي ڏکن ڏولاٽن جو سفر ڪري، جڏهن اتي پهتو ته بقول سندس، اتي ڏسجي ته "نانءُ ٻڙا ديهه ويران" وارو قصو لڳو پيو هو. ٻايون اهڙيون جن جون ڇتيون ڇنل ۽ پٽيون پٽيل. گماشتي کي سيڌو سرو وٺڻ لاءِ موڪليائون ته ان اچي ٻڌايس ته شهر ۾ بازار ئي ڪونهي. آخر ڪنهن هڪ دوڪان تان مڙيوئي سيڌو گهرايائون ته چانور پتا ته اتي ۾ اڌو اڌ ڪيئائان. اتان جو مختيارڪار ڀيرومل جو واقف هو، ڇو جو مئٽرڪيوليشن ڪلاس ۾ ساڻس گڏ پڙهيو هو، سو هن کي سچي روداد بروقت هڪ مزاحيه "واڻيءَ" ۾ لکي موڪليائين.

ڪاڪو ڀيرومل هڪ نهڻو ۽ نماڻو شخص هو. پنهنجي ان نهڻي ۽ نماڻائيءَ واري سڀاءَ کي اظهار ڏيندي، هن شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص به "غريب" رکيو. هيڏيءَ وسيع ڄاڻ جو ڌڻي هوندي به پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي گيرب يا وڏائي ڪانه هئس. اڪثر پنهنجي هر ڪتاب جي منڍ ۾ اظهار ڪيو اٿس ته گهڻي ڪوشش ڪري ڄاڻ حاصل ڪئي اٿم، پر اجا به جيڪڏهن ڪجهه رهجي ويو هجي يا ڪنهن سڄڻ کي وڌيڪ ڄاڻ هجي ته مونکي آگاهه ڪري ته ايندڙ ڪتابن ۾ درستيون يا اضافا ڪندس. اهڙو اظهار سندس وڏي جاکوڙ سان لکيل ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۾ به ڪيل آهي. ڳوڙهي اڀياس بعد تيار ڪيل پنهنجي "غريب اللغات" جي مهاڳ ۾ لکيو اٿس ته "منهنجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڙهندڙن کي وينتي آهي تہ جيڪڏهن ڪا اهڙي معنيٰ خيال ۾ اچي وڃي، جا مون نہ ڏني هجي تہ مهرباني ڪري مون کي لکي موڪلين. ان لاءِ آءٌ گهڻو شڪرگذار رهندس." (8)

انهن لفظن مان ڀيرومل جي نهنائيءَ جي پلي پت ڇاڻ پوي ٿي. هو پنهنجي حرف کي آخري حرف ڪري نہ ليکيندو هو ۽ "جان جيئين تان سک" واري عقيدي ۾ وشواس رکندو هو. سندس ان سڀاءَ جو هڪ سهڻو مثال پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ بيان ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ، "گاڏي ڪاتي مان لنگهندي پائيندي (ڪاڪو ڀيرومل) گڏجي ويندو هو تہ رستي جي ڪنڊ پاسيرو بيهاري، ڪلاڪ ڏيڍ سنڌي ادبي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. جنهن مان گهڻ ڙ ئي پرايم.

مثال طور هڪ ڀيري چيومانس تہ "هي اسان جو "ٻيو" ۽ "ٻيون" اکرن ۾ تفاوت ميساري ڇڏيو آهي، سو منهنجي خيال ۾ غلط آهي. جنهن صورت ۾ ٻهريون، ٽيون، چوٿون وغيره چئون ٿا. "ٻيون" بدران "ٻيو" ڇو ٿا چئون؟ ٻچياڻين سو وري ڪيئن؟ مان بہ درسي ڪتابن ۾ "سبق ٻيو" لکندو آهيان، نہ سبق ٻيون. مون جواب ڏنس، تہ عدد شماريءَ ۾ ٻيون چوڻ کپي يعني Second ، پر ٻئي معني آهي ٻيو ڪو. يعني An other ڳالهہ دل سان لڳي آيس ۽ هيڏي ساري عالم اداردليءَ سان قبول ڪيو تہ مان هميشہ اها چوڪ ڪندو آهيان ۽ هن ڪان پوءِ سڌاريندس ۽ اهڙي پڌرائي ڪنهن ڪتاب يا مضمون ۾ ڪري ڇڏيندس، جا ڪئي هئائين." (9)

نهٺي ۽ نماڻي سڀاءَ جي باوجود، سماجڪ مسئلن يا علمي ۽ ادبي معاملن ڏانهن هو پنهنجن آزاد ويچارن تي هميشہ اڏول رهيو. غلط کي غلط ۽ صحيح کي صحيح چوڻ ۾ ڪڏهن بہ رک رکاءُ نہ ڪيائين. سنڌيءَ لاءِ اعرابن تي بحث هجي يا اچارن تي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جو سوال هجي يا ٻوليءَ جي روپ ۽ اچارن ۾ ڦير گهير جو معاملو، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي "شاهہ جو رسالو" تي بحث هجي، يا ڊاڪٽر دائود پوٽي جي "ابيات سنڌي" تي مباحثہ، هر واد وواد ۾ ڀهرو ورتائين ۽ پنهنجا رايا بنا ڪنهن لليءَ ڇپيءَ رکڻ جي ظاهر ڪيائين.

سچائي ۽ ايمانداريءَ جوڙ جزو بہ منجهس جيئن جو تيئن پريل هو. پنهنجن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تاريخي ۽ تحقيقي ڪتابن ۾ جن جن گرنٿن جي مدد ورتائين، تن ڪتابن جا پورا نالا ۽ سندن ليکڪن جا نالا نشان ڪتابن ۾ ڇاپايائين ۽ سندن شڪرگذاري ڪيائين. "غريب اللغات" ناهڻ وقت جن جن عالمن کان ڏکين لفظن جون ڪي معنائون پڇيائين، يا جن ڪتابن تان مدد ورتي هئائين، انهن مڙني جا نالا هن ڇاپايا آهن ۽ انهن جي شڪرگذاري ڪئي آهي. ان مان ڪاڪي پيرومل جي ايمانداريءَ جي ساک ملي ٿي.

ڪاڪي پيرومل کي ٻار وڻندا هئا ۽ انهن کي گهڻو پيار ڪندو هو. انهن کي بيت، چرچا، آکاڻيون، ٽوٽڪا پيو ٻڌائيندو هو. ننڍا ننڍا نصيحت آميز درشٽانت به ٻڌائيندو هون. سندس ڏوهٽو شيام آڏواڻي، جو هن وقت هڪ ڪامياب وڪيل آهي، سو ٿو ٻڌائي ته، "هڪڙي ڏينهن مون سندس ماچيس کڻي، ان مان فقط هڪ تيلي ائين ئي ڪري ٻاري، ته مونکي ويهاري سمجهايائين ته اجائي هڪڙي تيلي به نه وڃائڻ گهرجي. جيڪڏهن ضروري هجي ته پلي هزارين رپيا خرچ ڪجن، پر بنا ضرورت جي ڪجهه به اجايو وڃڻ نه ڏجي." پوءِ ڪيس هڪ آکاڻي ٻڌايائين ته هڪڙي دانوير وٽ ڪي ماڻهو چندو وٺڻ ويا. انهن ڏٺو ته اهو پنهنجي نوڪر کي ويٺو ڇنڊ ڪڍي ۽ تڙيون چاڙهي. نوڪر جو ڏوهه رڳو اهو هو جو هن ماچيس کڻي ان جي هڪ تيلي بنا مطلب جي ٻاري هئي، جڏهن دان وٺڻ لاءِ آيل ماڻهن اهو نظارو ڏٺو ته پويان پير ڪري موٽڻ لڳا. دانوير هنن کي سڏ ڪيو ۽ اچڻ جو مقصد پڇيائين. بعد ۾ سندن مقصد کي ٺيڪ سمجهي کين پنج هزار رپيا چندو ڏنائين. ان درشٽانت بعد ڪاڪي پيرومل، شيام کي نصيحت ڏني ته ڪيئن بنا مطلب جي، ماچيس جي هڪ تيلي به ٻارڻ برداشت ڪرڻ لائق نه آهي ۽ مقصد سان پنج هزار رپيا دان ۾ ڏيڻ به سٺا آهن.

ٻارن سان کل چرچو به ڪندو هو. سندن سياءُ ۽ هلت بابت بيت جوڙي کين چيڙائيندو به هو. پنهنجي هڪ ڏوهٽي ڪلوءَ کي چوندو هو:

ڪلوُ جهيٽ جهلوُ پٽاٽو ڪائي گول گول.

ڪاڪو پيرو مل ماس مڇي ڪائيندڙ هو. ڪڏهن ڪڏهن پيٽ جي تڪليف محسوس ڪندو هو. ته امالڪ اپواس رکندو هو. ڇانهه گهڻ پيئندو هو، پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مناڻي ڪائڻ جو، مڙيئي شوقين هو. اڪثر پن جي بيڙي ڇڪيندو هو. بيڙي ماچيس پاڻ سان رکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن چروٽ بہ ڇڪيندو هو. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي يادگيريءَ مان ٻڌائي ٿو تہ، "ڪاڪو جنهن ڪٽ تي ويهي لکندو هو، اُن جي اڳيان حقو بہ ٺاهي رکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن برانڊيءَ جو هڪ اڌ پيگ بہ پيئندو هو، باقي عادت سا ڪانہ هئس."

ڀيرومل جي لکڻ جي طريقي ڪي بيان ڪندي، پروفيسر منگهارام پنهنجي ڪتاب "ساهتڪارن جون سمرتيون" ۾ لکي ٿو تہ، "رانديون ڪندي مان ڏسندو هوس تہ اندرئين صفحي ۾ هڪ وچولي اوسٽا وارو شخص، ڪٽ تي فراسي وڇايو، وهاڻن تي ٽيڪ ڏيو، گوڏن تي ڪاغذن جو ٿهو رکيو، مس ڪپڙيءَ مان اسٽيل ٻوڙيو، سمورو وقت لکندو رهندو هو. ڪيس دادو ڀيرومل ڪوٺيندا هئاسين، ڇو جو اجا ايڏيءَ عمر جو ڪونہ هو، جو ڪاڪي جو لقب مليس." (10)

ڪاڪو صبح جو سويل ڪتاب پڙهڻ ۽ اڀياس ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو. صبح جو اٺين بجي ڪن لکڻ جو ڪم شروع ڪندو هو ۽ ٽي چار ڪلاڪ سانده لکندو هو. اهو سندس نيم هوندو هو. منجهند جو ٻارهين ساڍي ٻارهين بجي لکڻ تان اٿندو هو ۽ پوءِ سنان پاڻي ڪري، روٽي ڪائي سمهي پوندو هو. پوءِ وري شام جو ويهي لکندو هو. رات جو ماني ڪائي ۽ ٿورو پنڌ ڪري، نوين ساڍي نوين بجي سمهي پوندو هو.

رات جي مانيءَ بعد پنڌ ڪرڻ جو نيم هوس. همٿ وارو مڙس هو. لٺ بہ پاڻ سان کڻندو هو. هڪ ڏينهن پنڌ پئي ڪيائين تہ واٽ تي ڪي شاهينگ گڏيس جن مٿس حملو ڪيو، پر انهن کي لٺيون هڻي ڀڄائي ڪڍيائين.

ايشور طرف لاڙو گهڻو هوس. گرو نانڪ کي مڃيندو هو. صبح جو اٿڻ وقت، گهر مان نڪرڻ وقت ۽ گهر ۾ گهڙڻ وقت گرو بابي کي ياد ڪندو هو.

ائين تہ ڀيرومل مهرچند آبڪاري کاتي ۾ هجڻ ۽ وقت بہ وقت بدليون ٿيڻ سبب سنڌ جي مختلف ڪيترن ئي هنڌن تي رهيو، پر هن جي مکيہ طرح رهائش حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ رهي:

حيدرآباد ۾ ڀيرومل فوجداريءَ گهٽيءَ ۾ رهندو هو، جا هڪ سنهي ور وڪڙن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واري گهٽي هئي، جيڪا مشهور شاهي بازار مان ڦٽندي نڪرندي هئي. ڪاڪي پيرومل جي ڌيءَ پدما ٻڌايو ته، ”پهرين مهراجن جو گهر هوندو هو، پوءِ هڪ سخاوت راءِ پاوناڻيءَ جو گهر هو، جنهن بعد سندن (ڪاڪي پيرومل جو). ان سان لڳو لڳ وري ماستر سچانند آڏواڻيءَ جو گهر هو، جيڪو پروفيسر ملڪاڻيءَ جو ڏاڏو لڳندو هو. ڪاڪي پيرومل جو گهر وڏو ۽ ڪشادو هوندو هو.“

ڪراچيءَ ۾ پيرومل پهرين ڪورٽ جي سامهون آرٽلري ميدان ويجهو هڪ جاءِ ۾ رهندو هو. بعد ۾ ٻندر روڊ ايڪسٽينشن ۾، اجمل خان روڊ واري مڊل ڪلاس ڪالونيءَ ۾ پنهنجو بنگلو ورتائين. اهو بنگلو بہ چڱو ڪشادو ۽ فرحتي هو، جنهن ۾ گرائونڊ فلور تي ڪاڪو پنهنجي ڪٽنب سان پاڻ رهندو هو.

ورهاڱي بعد اهو بنگلو نيڪال ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين، پر اختياريءَ وارن جو ساٿ نہ مليس. عثمان علي انصاريءَ جهڙن برک شخصيتن کان بہ ان سلسلي ۾ مدد ورتائين، نہ تہ بہ ان ۾ ڪامياب نہ ويو. آخر سنڌ ڇڏڻ وقت اهو بنگلو ڏوهٽي جي نالي ٽرانسفر ڪري آيو ۽ سندس نانيءَ اها جاءِ مسواڙ تي چاڙهي ۽ ڪيس سوا سؤ رپيا مهينو مسواڙ وٺي پيو موڪليندو هو. اها جاءِ جنوري 1949ع تائين مسواڙ تي رهي ۽ بعد ۾ پاڪستاني اختياري وارن ان کي ”ڇڏيل ملڪيت“ ڪري ظاهر ڪيو ۽ سندس نانيءَ کي مسواڙ اڳاڙڻ جي حق کان بہ محروم ڪيائون. بعد ۾ سندس ديهانت بعد، 1955ع ۾ سرڪار ڪراچيءَ واري ان شاهي بنگلي جو عيوضو ڪين 6500 رپيا ڏنو.

ڪٽنبي جيوت:

پيرومل ڪل ٽي شاديون ڪيون. هو ويهن ٻاويهن سالن جو هو، جو سندس پهرين شادي ٿي. سندس پهريون وهانءُ مکي نهچلداس تيجومل جي وڏي نياڻيءَ سان ٿيو هو. سندس اها گهر واري گهڻو وقت جيئري نہ رهي، جنهن ڪري بعد ۾ ٻي شادي ڪيائين.

ٻين گهر واريءَ مان پيرومل کي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. سندس پٽ جو نالو پريو هو، جو بعد ۾ هڪ سٺو ليکڪ ٿيو ۽ پريداس پيرومل جي نالي سان مشهور ٿيو. پريداس پنهنجي پتا پيرومل جي وچولي ڄمار ۾ ٽين شادي ڪرڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڳالهه تي ساٺس رسي وڃي سک پنٿ اختيار ڪيو هو ۽ پنهنجو نالو هرنام سنگهه رکيو هئائين.

ٻين ژالن مان پيرومل کي جيڪا نياڻي ڄائي، تنهن جو نالو پاربتي هو. جنهن بعد حشمت راءِ هيراننداڻيءَ سان شادي ڪئي.

پيرومل ٽيون گهر واڌواڻين مان پرڻيو. سندس ان زال جو نالو گياني ٻائي هو. سندس اها زال پيرومل جي ڏيهانت بعد به زنده رهي. 1971ع ۾ ماهيم، بمبئيءَ ۾ گذاري ويئي. ان ٽين زال مان پيرومل کي ٻه نياڻيون ڄايون: وڏيءَ نياڻيءَ جو نالو خوشحالي عرف پدما ۽ ننڍيءَ جو نالو ستي يا ڇتي هو. خوشحالي يعني پدما شري رامچند هوتچند آڏواڻيءَ سان شادي ڪئي. اها هن وقت 74 ورهين جي آهي ۽ ماهيم، بمبئيءَ ۾ رهي ٿي. ڪاڪو پيرومل به ورهاڱي بعد سنڌ مان لڏي پنهنجي ان ڌيءَ پدما وٽ اچي رهيو هو. باقي سندس ننڍي نياڻي ستيءَ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ (شاهه جو رسالو جو مؤلف) جي پٽ موهن سان شادي ڪئي. هوءَ منگهي نالي پٽ کي جنم ڏيئي، ستن ڏينهن بعد گذاري ويئي. ان بعد منگهو ڪاڪي پيرومل وٽ ئي رهندو هو. ورهاڱي بعد به هو ساڻن گڏ ئي بمبئيءَ ۽ پوني ۾ رهيو ۽ هن جي سڄي پالنا نپائڻ جو ڪم سندس ناني پيرومل ۽ ناني گياني ٻائي ڪيو. هن وقت منگهارام بمبئيءَ پرسان الهاس نگر ۾ سينچري ريان ۾ وڏو آفيسر آهي.

پيرومل مهرچند جو پنهنجي ننڍي نياڻيءَ ستيءَ ۾ خاص موهه هو ۽ پنهنجو ڪتاب – ”آزاديءَ جي ڪوڏي“ هن جي نالي ۾ ارپڻ ڪيو اٿس.

ڪاڪو پيرومل سنڌ مان لڏڻ بعد 1948ع ۾ ماهيم بمبئيءَ ۾ Anchorage بلڊنگ ۾ اچي رهيو. ورهاڱي جو سندس من ۽ شرير تي وڏو اثر پيو. هو سڄ پچ ئي ڇڻ اڪرجي ويو. دل کي وڏي چوٽ رسي هئس ۽ مالي طرح به ڏترجي ويو هو. بمبئيءَ جي سامونڊي ۽ گهميل هوا ڪاڪي کي ياءِ نه پيئي ۽ سڄي سرير ۾ خارس ٿي پيس ۽ علالت ۾ گذارڻ لڳو.

آخر بمبئيءَ جي ان ناموافق آبهوا مان ڪڪ ٿي، پوني جي شواجي نگر ڪالونيءَ ۾ وڃي رهيو. ان ڳالهه جو هن 22 جولاءِ 1949ع تي پوني مان ڪلياڻ آڏواڻي کي لکيل هڪ خط ۾ ذڪر ڪيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پوني ۾ ڪاڪو شواجي نگر ۾، بمبئي- پونا روڊ تي، 22 نمبر واري هڪ مسواڙي جاءِ ۾ وڃي رهيو. ان جاءِ جي ڪل ايراضي پنج ڇهه سؤ فوٽ هئي. جنهن ۾ ٻه ڪمرا ۽ هڪ رنڌڻو هو ۽ اها جاءِ اٽڪل 60 رپيا ماهوار مسواڙ تي ورتي هئائين. ان جاءِ ۾ ڪاڪو پاڻ، سندس گهر واري ۽ سندس ڏوهٽو منگهو گريخشاڻي رهندو هو.

ڪاڪي پيرومل جا پڇاڙيءَ وارا ڏينهن مڙيو ئي غريباڻي حال ۾ گذريا. پنهنجي مالي مشڪلاتن جو ذڪر ڪندي، پوني مان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ڏانهن بمبئيءَ ڏانهن لکيل خط ۾ چيو اٿس:

"منهنجو ناني سوا سؤ رپيا (ماهوار) مسواڙ وٺي موڪليندو هو. گذريل فيبروري مهيني کان هن کي مسواڙ اڳاڙڻ ۾ نتا ڏين ۽ منهنجي جاءِ "جڏيل ملڪيت" ڪري ليکي اٿن، تنهنڪري حال تہ جاءِ ڪان بہ جواب آهي. 20 مهينن کان پينشن بہ نہ ٿي ملي. منو سؤ رپيا پينشن اٿم. ڪراچيءَ مان ڦيرائي پونا ۾ ڪرڻ لاءِ ڏاڍا مهينا لڳايا اٿن."

هو مالي طرح ايترو تہ تنگيءَ ۾ هو جو بمبئيءَ يونيورسٽي وارن جڏهن مئٽرڪ جي ڪورس لاءِ "چونڊ نثر ۽ نظم" جي ڪتاب ۾ سندس پريم مضمون شايع ڪيو، جنهن لاءِ ڪيس في سال لاءِ 25 روپيا حساب سان ٻن سالن جو اجورو 50 رپيا ملڻ ۾ دير پيئي تہ پوني مان بمبئيءَ وڃڻ جي دوران ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي گهر بہ ويو ۽ ڪيس چيائين تہ هو صاحب پنهنجو اثر رسوخ هلائي ڪيس اهي پئسا ڏيارائي. ان بابت هن ڪلياڻ آڏواڻيءَ کي ٻن خطن ۾ پڻ لکيو.

گوڏن جي سُور جي تڪليف ڪاڪي کي سنڌ کان وٺي رهندي پئي آئي، جيڪا هتي بہ رهيس. پر تہ بہ هو لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ توڙ تائين سرگرم رهيو.

ٽين جولاءِ 1950ع جي ڏينهن، شام جي وقت ڪاڪو پيرومل سير لاءِ ٻاهر نڪتو هو جو شواجي نگر ريلوي ڦاٽڪ وٽ رستو ڪراس ڪندي کيس هڪ ٽانگي جو ٽڪر لڳو، جنهن سبب هو ڪري پيو ۽ سخت زخمي ٿي پيو. ترت ئي ڪيس پوني جي ساسون اسپتال ۾ داخل ڪرايون. گوڏن وٽ فرئڪچر ٿي پيو هوس، جنهنڪري پلاسٽر وغيره چاڙهيائونس. جلد ڪيس اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو ۽ ڪيس گهر وٺي ويا. اتي بعد ۾ پلاسٽر ڪيس چيڻ لڳو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهر وارن ڪي ڇٽي پلاسٽر ڪٽارايائين، پر ان بعد گهڻو وقت ڪڏهن ئي نه سگهيو. آخر ۾ ستين جولاءِ 1950ع جي ڏينهن سنڌيءَ جو هي سريشٽ ساهتڪار، لاثاني محقق ۽ تاريخدان پوني ۾ ساسين سڪالو ٿيو. ديهانت وقت سنڌس گهر واري گياني ٻائي، سنڌس ڏوهٽا منگهوٗ گربخشاڻي، شام آڏواڻي ۽ ٻيا سنڌس پاسي ۾ هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوجنيڪ ۽ تاريخ نويس

ائين ته ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي دؤر جي ٻين گهڻن اديبن وانگر ساهتيه جي مختلف صنفن تي قلم آزمائي ڪئي، پر ڪوجنا ۽ تاريخ جي کيتر ۾ هن هڪ نمايان حيثيت حاصل ڪئي. سندس دؤر سنڌي نثر جي آغاز جي ٻين منزل وارو دؤر هو، جنهن ۾ ڪوڙومل چندن مل کلناڻي، راج رشي ڏيارام گدومل، مرزا قليچ بيگ جهڙا مهارٿي اڳ ۾ ئي پنهنجو يوگدان ڏيئي چڪا هئا ۽ جيٺمل پرسرام، پرمانند ميوارام ۽ لعل چند امر ڏني مل جهڙا ڪيئي ساهتڪار پنهنجو يوگدان ڏيئي رهيا هئا. پر جيستائين سنڌيءَ ۾ تحقيقي ۽ تواريخي ادب جو واسطو آهي، اتي هڪ لحاظ کان ائين به چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ ۾ ان قسم جي ادب جي پيڙهه ڪاڪي ڀيرومل ٻڌي. هن واحد شخص ان کيتر ۾ اهڙو ۽ ايترو ڪم ڪيو، جهڙو ۽ جيترو اڳ ڪڏهن ٿيو ئي نه هو. سندس ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جي سلسلي ۾ چئي سگهجي ٿو ته اهڙو ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ته ڇا، جيئن پاڻ دعوي ڪئي اٿس، ان وقت تائين، سڄي هندستان ۾ بينگالين، مرهٽن، گجراتين يا ٻيءَ ڪنهن به جاتيءَ وارن ڪونه ڪڍيو هو.

ڪاڪي ڀيرومل ڪوجنا ۽ تاريخ بابت جيڪي ڪتاب لکيا سي هن ريت آهن:

قديم سنڌ:

هي ڪتاب، جو ڪاڪي ڀيرومل عمر جي پڇاڙيءَ وارن سالن ۾ لکيو ۽ سندس ديهانت بعد ڇپيو، سو هڪ طرف سندس وطن پرست من ۽ ڪوجنيڪ ذهن جو درشن ڪرائي ٿو ته ٻئي طرف سنڌ جي ماضيءَ جي جدا جدا دؤرن ۾ ان جي سياسي، سنسڪرتي، راڄنيتڪ ۽ سماجڪ حالتن بابت هن بزرگ اديب جي اٿاهه ڄاڻ ۽ سندس عالماڻي عبارت جي به تصوير پيش ڪري ٿو. هن صاحب ائين محسوس ڪيو ته تاريخ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن سان پنهنجي وطن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ماضيءَ جي اوج ۽ عظمت جو احساس ماڻهن ۾ جاڳائي، انهن جي دلين ۾ وطن جو آئينده روشن بنائڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪري سگهجي ٿو.

هي ڪتاب ڪاڪي پيرومل سالن جا سال نور نچوئي ۽ جفاڪشي ڪري، انگريزيءَ، هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪتابن توڙي مقالن مان مواد هٿ ڪري جوڙيو هو. هن دراصل هي ڪتاب ٽن جلدن ۾ مڪمل ڪرڻ لاءِ رٿيو هو ۽ ان لاءِ مواد به گڏ ڪيو هئائين، پر بدقسمتيءَ سان ان جو فقط هڪ جلد (447 صفحا) ئي تيار ٿي ڇپجي سگهيو آهي. باقي ٻن جلدن تي به ڪم، برڻ اوستا جي باوجود هو ڪري رهيو هو، پر هندستان جي ورهاڱي ۽ حالتن جي ناسازيءَ سبب انهن جو خبر ناهي ڇا ٿيو.

هن ڪتاب جي ڇپيل پهرئين جلد ۾ سنڌ جي ماضيءَ جو ورثا درشن ڪرايو ويو آهي. ودوان ليکڪ سر وليم جونس، لوڪمانيه تلڪ، پروفيسر مئڪس مولر، پينڪا، پروفيسر راهز، ڊاڪٽر وارن (Warren) ، هيوگو ونڪلز ۽ ٻين بيشمار عالمن ۽ تاريخدانن جي ڪتابن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري قديم هندستان جي جڙڻ جي تاريخ، آرين جي اصلوڪي ماڳ ويدڪ زماني جي شروعات، سنڌ تان هند جي نالي پوڻ، تاريخ کان اڳ واري زماني، سنڌ جي جنم، قديم سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن، ڪولن، سنٿالن، دراوڙن، موهن جي دڙي ۽ ان جي جدا جدا دؤرن، آرين جي مڪمل تاريخ، ويدن ۾ سنڌ جي ذڪر وغيره انيڪ وشين بابت احوال ويهي درج ڪيا اٿائين. ائين ناهي ته ڪو انهن موضوعن تي ڪو فقط پارتي ۽ يورپي ودوانن جا ليک پڙهي انهن جا ويچار پيش ڪيا اٿس، پر اهي سمورا موضوع بحث هيٺ آڻي، جدا جدا ودوانن جا رايا ڇاڻائي، پنهنجا ويچار به ڏيئي، بعد ۾ ترڪ و ترڪ سان واسطيدار وشين بابت ڪي نتيجا ڪڍيا اٿائين ۽ نيون استاپنائون ڪيون اٿائين.

تاريخ ڪي پيرومل فقط سنبتن ۽ سنن جي ليکي- پٽي يا آڳاٽن حاڪمن جو ۽ سندن جنگين جهيڙن جو ورتانت ڪري نه ڪٽندو هو. هن جو ويچار هو ته تاريخ مان آڳاٽن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، خيالن ۽ جذبن، ريتن ۽ رسمن ۽ ساهت وغيره جو پتو پوڻ گهرجي. اهڙا خيال ظاهر ڪندي، "قديم سنڌ" ۾ لکي ٿو:

"ڪنهن به تاريخ ۾ جيڪڏهن رڳو سنبت ۽ سن ڇاڻائي، آڳاٽن حاڪمن جا پيڙهيءَ به پيڙهيءَ احوال ڏبا ۽ سندن جنگين جو ذڪر ڪبو ته اها ڪا تاريخ نه چئبي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سچي پچي تاريخ آهي ٿي اُها، جنهن مان آڳاٽن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ، خيالن ۽ جذبن، ريتن رسمن، ڌرم ڪرم ۽ ساهت جي سڌ پوي ٿي. انهيءَ منجهان ئي پوريءَ ريت پتو پوي ٿو تہ تهذيب يا سڀيتا جي شروعات ڪيئن ٿي، وقت بہ وقت ان جي ترقي ڪيئن ٿي ۽ هن وقت جيڪي ريتون رسمون ۽ ڌرمي ڳالهيون آهن، تن جو بنياد ڪيئن پيو.“ (ص:5)

پيرومل ”قديم سنڌ“ ۾ ويدڪ زماني تائين احوال ڏنو آهي. جيئن اڳ چيو ويو آهي، هي ڪتاب ٽن جلدن ۾ تيار ڪرڻ جو سوچيو هئائين. پهرين جلد ۾ ويدڪ ساهت ۽ اتهاسن ۽ پراڻن مان سنڌ جا احوال ۽ مڌيہ ديش وارن آرين جو ذڪر درج ڪرڻ جو رٿيو هئائين ۽ ٽئين جلد ۾ ڪلجڳ جي شروعات کان وٺي، عربن جي ڪاهن تائين سنڌ جو احوال ڏيڻ جو رٿيو هئائين.

”قديم سنڌ“ پيرومل جو اَمر- گرنٿ آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ وارن، مصنف جي ديهانت بعد 1957ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ۾ ڊيمي سائيز جا 477 ڇپيل صفحا آهن.

سنڌ جي هندن جي تاريخ (بہ ڀاڱا):

هي ڪتاب پيرومل مهر چند جو پيو هڪ وڏو ڪم آهي، جنهن لاءِ هن کي هميشہ وڏي عزت سان ياد ڪيو ويندو. سنڌي هندن جي پنڳتي تاريخ ۽ ڪن ڪن برادرين ۽ آکهين بابت ننڍا ننڍا ليک ۽ چونڊيون هن ڪتاب کان اڳ بہ شايع ٿيندا رهيا هئا. پر سنڌ جي هندن جي اوج ۽ عظمت جو وستار سان ۽ ترتيبوار اتهاس ۽ انهن جي آکهين، نکن ۽ ذاتين بابت تفصيل وار احوال سڀ کان پهرين هن ڪتاب ذريعي ئي روشنيءَ ۾ آيو. هي ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ آهي.

پهرئين ڀاڱي ۾ ”هندن جي صاحبيءَ جي تاريخ“ جي عنوان هيٺ ڏنل مضمون لاشڪ هندن جي شاندار ماضيءَ، جدا جدا دورن ۾ انهن جي ترقيءَ ۽ تنزل ۽ انهن جي خوبين ۽ خامين بابت هڪ عالماڻو، پر ساڳئي وقت دلچسپيءَ ڀريو وڏو مضمون آهي، جو هر دور ۾ سنڌين جي نئين ٽهيءَ کي پنهنجي اباڻي ورثي جي شناس ڏيندو رهندو. 56 صفحن تي مشتمل هن مضمون ۾ رگ ويد واري زماني، آرين، سپت سنڌو، سنڌ جي آڳاٽن راجائن جي ساڪن جو ذڪر ڪندي، هندن جو سنڌ ۾ اچڻ، عاملن ۽ ڀائيبندن جي بيان، حيدرآباد ۽ شڪارپور شهر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي وَسَڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي وشين بابت وچور وار احوال انهن بابن ۾ ڏنو ويو آهي. بعد ۾ ٽائين باب کان سنڌي هندن جي آکهين جو اتهاس شروع ٿئي ٿو. الف ب وار آڏواٽين کان وٺي نوتاٽين تائين هن ڀاڱي ۾ ڏنل آهي.

هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو جون 1946ع ڪراچيءَ مان ڇپجي ظاهر ٿيو. ڪتاب جي ٻئين ڀاڱي ۾ آسواٽين کان وٺي هگوراٽين تائين آکهين جا احوال آهن. پر هن ڀاڱي جو جيڪو اهميت ڀريو حصو آهي، سو آهي، اُن جي اڳياڙيءَ ۾ "اڳاٺو سنڌ سماچار" جي عنوان سان انهن بابن ۾ ڏنل شاهي مضمون، جيڪو 138 صفحن تي مشتمل آهي ۽ جڻ ته پنهنجو پاڻ ۾ هڪ بي بها ڪتاب آهي. ان ۾ سنڌي هندن بابت وڏيڪ تاريخي احوال ۽ عاملن ۽ ڀائيبندن بابت وڏيڪ تفصيل ڏيڻ کان سواءِ سنڌي استرين جي ڪيل ترقيءَ تي به روشني وڌي ويئي هئي. سنڌ ۽ سنڌين بابت ڦهليل غلط فهمين ڪي ردڪبدي، ڀيرومل ڪتاب جي "منڍ" ۾ لکيو:

"ڪن اڳوڻن يورپي عالمن سنڌ کي "ستل پرڳڻو" ۽ "دکي ماتر" ڪوٺيو آهي، پر اهو اڳيون زمانو گذر ڪري ويو. هن وقت سنڌ ۾، خاص ڪري سنڌ جي هندن ۾، اڳي کان گهڻي جاڳرتا آهي، ۽ پنهنجي جيوت ۽ عزت ۽ آبرو ۽ سک سان گذارڻ لاءِ ايڪتا جي اوت ورتي اٿن. سنڌ جون حالتون ڦرنديون ڏسي، پليءَ پت محسوس ڪرڻ لڳا آهن ته هڪ ٻئي سان ملي ڪم ڪرڻ ۾ ئي سڄي هندوجاتيءَ جو ڀلو آهي." (ص: 7)

ڪتاب جو هي ڀاڱو ڇپيو ئي پئي، جو ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ سنڌ مان هندن جي لڏپلاڻ شروع ٿي. ان ڪري ڀيرومل هن ٻئين ڀاڱي جي آخر ۾ "هندن جي لڏ پلاڻ جي تاريخ" بابت به هڪ مختصر مضمون درج ڪيو، جنهن ۾ جدا جدا دورن ۾ سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ جو احوال آهي. ڀيرومل جي هن اعليٰ گرنٿ تي راءِ ڏيندي، پرسڌ ساهتڪار پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته:

"قابل مصنف جي دعويٰ ۽ تحقيق سچي آهي ته هيءَ هڪ نئين نموني جي پنگتي تاريخ آهي... هيءَ پستڪ نه فقط سنڌي ساهت جي هن اعليٰ هستيءَ جو آخرين يادگار رهندو، بلڪ سنڌي هندن جي اتهاس کي پڻ امر رکندو، جو سنڌ ۾ شايد سگهو ئي وسري وڃي، پر هتي هندستان ۾ وسارڻ نه ڏينداسين!

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب جو هي ٻيون ڀاڱو ڀيرومل مارچ 1847ع ۾ شايع ڪيو. هن ڀاڱي ۾ ڪل 372 صفحا آهن.

عاملن جو احوال (1919ع):

ڪاڪي ڀيرومل "سنڌ جي هندن جي تاريخ" نالي سان جيڪو مذڪور وڏو ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ لکيو، ان جو بنياد ڇنڇڻي ڪڍي ته سندس ڪتاب "عاملن جو احوال" آهي. سنڌ جا هندو مکيه طرح ٻن طبقن ۾ ورهايل هئا. هڪڙا هئا عامل ۽ ٻيا هئا ڀائيبند. عامل گهڻو ڪري پڙهيل ڳڙهيل ۽ اوچ تعليم يافته هوندا هئا ۽ وقت جي حڪمرانن جي سايي ۾ رهندي، راڄ ڪاروبار هلائڻ واري سرشتي ۾ مختلف سطحن تي ڇانيل هوندا هئا. ٻئي طرف ڀائيبند وري گهڻو ڪري واپاري ڪيتر ۾ هئا.

ڀيرومل پاڻ آڏواڻي هو، جا آکهه عاملن جي طبقي ۾ اينڊڙ آهي. هو سياڻو ڪانئي هڪ ڪوڄنيڪ شخص هو. سو پنهنجي آکهه ۽ طبقي بابت به وسيع ۽ گهري ڄاڻ هٿ ڪندو رهيو، جا هن ڪتاب ۾ ڏني اٿس.

بهرحال، هن ڪتاب لکڻ لاءِ سندس مقصد، جيئن پاڻ لکيو اٿس، ڪجهه هن طرح جو هو: عامل جيتوڻيڪ نالي ۾ هڪڙو ئي طبقو هئا، پر جدا جدا آکهين ۽ جدا جدا شهرن جي عاملن وچ ۾ وري پنهنجا الڳ فرقا هئا. حيدرآباد جا عامل پاڻ کي ٻين شهرن جي عاملن کان برتر سمجهندا هئا.

ڀيرومل هي ڪتاب ان مقصد سان لکيو ته پنهنجي برادريءَ وارن کي اها حقيقت ذهن نشين ڪرائي سگهي ته سيني جو اصل نسل ساڳيو ئي آهي ۽ سڀ پاڻ ۾ پائر آهن.

"عاملن جو احوال" ڪتاب ۾ ڀيرومل، ديوانن، منشين، مهتن واڻين بابت سمجهاڻيون ڏنيون آهن. عاملن جي، پنجاب مان سنڌ اچڻ واري وقت، سنڌ جي پنهنجن پروارن صوبن سان جڙيل شاهي رستن، جهڙوڪ: ملتان واري رستي، جوڌپور واري رستي، سيوهڻ واري ۽ لکپت واري رستي جو بيان ڏنو اٿس ۽ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جا بيان به ڏنا اٿس.

هي ڪتاب ڀيرومل 1919ع ۾ ڇپايو، جڏهن هو ڪوٽڙيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر هو. ان ۾ 147 صفحا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هندن جون ريتيون رسمون:

ڪاڪي پيرومل هندن جي سماجڪ ۽ ڌرمي ريتن رسمن بابت باريڪيءَ سان ڪوڇنا ڪئي هئي ۽ انهن جي سٺاين ۽ خرابين تي پڻ غور ڪيو هئائين. "هندن جون ريتيون رسمون" ان ئي وشيہ تي لکيل سندس ڪتابڙي آهي، جنهن ۾ هڪ شخص جي، هڪ پڍيوان برهمڻ سان گفتگو ذريعي ان ڳالهہ تي روشني وڌي اٿس تہ هندن جي جهونين ريتن رسمن پٺيان معنيٰ ۽ مراد ڪهڙي آهي. ساڳئي وقت اهڙي صلاح پڻ ڏني اٿس تہ چالو زماني ۾ انهن مان ڪهڙيون ريتون رسمون چالو رکجن ۽ ڪهڙيون ترڪ ڪرڻ گهرجن.

ريتين رسمن جو بنياد:

هيءَ بہ پيرومل جي لکيل هڪ چونپڙي آهي، جنهن ۾ هڪ وٽندڙ آڪاٽيءَ جي ذريعي، جنم کان وٺي مرڻ تائين، جيڪي هندڪيون ريتون اُن وقت هلندڙ هيون، تن جي بنياد جو بہ احوال ڏنل آهي تہ اُهي ڪيئن شروع ٿيون.

سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ:

ڪاڪو پيرومل ڪجهہ وقت ٿر ۾ بہ رهيو هو. ٿر ۾ رهائش دوران هن اتي جي ۽ پر واري ايراضي راجپوتانا جي سوڍن راجپوتن ۽ راڻن بابت بہ ڪافي معلومات هٿ ڪئي ۽ انهن بابت هي ڪتاب "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" لکيائين. سنڌ ۾ سومرن جي صاحبيءَ واري وقت کان ٿر ۾ سوڍا راجپوت زور ٿيا ۽ اُتان جا خودمختيار حاڪم هوندا هئا.

هن ڪتاب ۾ پيرومل ٿر جي سوڍن راجپوتن جي اصل نسل، اُنهن جي سنڌ سان لاڳاپن، سندن ڪماليت ۽ زواليت وغيره ڪي چڱي تفصيل سان لکيو آهي. هيءُ ڪتاب 1924ع ۾ شايع ٿيو.

"عاملن جو احوال"، "هندن جون ريتون رسمون"، "ريتن رسمن جو بنياد" ۽ "سوڍن جي صاحبيءَ يا راڻن جو راڄ"، انهن ننڍن ننڍن ڪتابن ۾ درج ٿيل اوائلي معلومات بابت وڌيڪ کوجنا ڪري، وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري ٿي. ڪاڪي پيرومل سالها پوءِ "قديم سنڌ" ۽ "سنڌي هندن جي تواريخ" جهڙا شاهي گرنٿ لکيا، جن ۾ انهن ننڍن ڪتابن ۾ ڄاڻايل ڄاڻ وارت روپ حاصل ڪيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لسانياتي ماهر

ڪاڪو ڀيرومل بنيادي طرح هڪ ئي لسانيات جو ماڻهو. پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ چاهه ۽ ٻين ٻولين بابت وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڇاڻ ڇاڻ بابت ڇڪ منجهس ننڍي هوندي کان ئي هئي. جدا جدا ٻولين ۾ لفظن جون هڪ جهڙايون، لفظن جي پيچ گهڙ، زمان ۽ مڪان جي اثرن هيٺ ٻولين ۾ ايندڙ تبديل، ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي بناوتن ۽ انهن جي ڦير گهير بابت نيم، سماجي، سياسي، اقتصادي، تهذيبي ۽ تمدني حالتن سبب ٻولين ۾ ٿيندڙ ڦير گهير ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي واسطيدار موضوع ننڍي عمر کان ئي سندس تخيل کي پاڻ طرف ڇڪيندا رهيا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اسڪولي جيون ۾ جڏهن هن پهرين ساڌو هيرانند کان ۽ بعد ۾ ديوان تاراچند شوقيرام کان "شاهه جو رسالو" پڙهيو تہ ان اڀياس دوران رسالي جي جن ڏکين لفظن سان مقابل ٿيو، انهن جي معنيٰ ڇاڻي، رسالي جي بيتن جو مطلب سمجهي، انهن کي ڇڏي ڪونہ ڏنائين، پر انهن لفظن کي وڌيڪ غور ۽ عوض ڪري، انهن ڏکين لفظن ۾ اونهو وڃي، انهن جون وستار سان جدا جدا معنائون هٿ ڪري 30 ورهين جي ننڍي ڄمار ۾، "غريب اللغات" نالي ڪتاب جوڙي ڇڏيائين.

ادبي زندگيءَ جي شروعاتي سالن ۾ جيتوڻيڪ سندس ڌيان ۽ دلچسپي ان زماني جي ريت موجب، ادب جي جدا جدا صنفن- ناٽڪ، ناول، ڪهاڻي، مضمون وغيره طرف ورهايل رهي، پر جيئن سندس عمر وڌندي ويئي ۽ سندس طبيعت ۾ پختگي ايندي ويئي، تيئن تيئن سندس ڌيان بہ هيڪاندو ٿيڻ لڳو ۽ هن جو لاڙو ٻولين جي اڀياس، تاريخ، تحقيق طرف وڃي مرڪوز ٿيو. دراصل هو جيڪو تاريخ ۽ تحقيق (کوجنا) طرف ڇڪجي ويو، سو بہ ٻولين جو اڀياس ڪندي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان طرح ڏسبو تہ سندس پهريون پيار سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻين ٻولين جي تاريخن جو اڀياس هو. سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس ۾ وزي هن اِن جي جدا جدا انگن- تاريخي پهلن، لغات، گرامر، پهاڪن وغيره تي، محنت ۽ مشقت ڪري ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات جي حلقي ۾ تاريخي ۽ يگاني حيثيت حاصل آهي، انهن ۾ ڪي مکيہ ڪتاب هي آهن:

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (1941ع):

سنڌي ٻولي ۽ اُن جي تاريخ بابت ڄاڻ ڏيندڙ هي پهريون باتفصيل ۽ تحقيقي فطرت وارو ڪتاب آهي، جو ڀيرومل 1941ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن کان اڳ ان موضوع تي ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ ڪو ڪتاب نہ لکيو هو. ان موضوع تي اڳ موجود ننڍو ڪتاب بہ (عنوان: سنڌي ٻولي) سندس ئي لکيل هو، جو 16 سال اڳ، مکيہ طرح ڪاليجي شاگردن جي ضرورت کي پورو ڪرڻ جي خيال کان لکي شايع ڪيو هئائين.

ڀيرومل ڏٺو تہ يورپي لوڪ پنهنجن ٻولين ۽ پڻ دنيا جي ٻولين جي تاريخن جوڙڻ کي لڳا پيا آهن. انهن کي ڏسي کن ڏيهي عالمن بنگالي، گجراتي ۽ مراهٽي ٻولين جون تاريخون بہ ناهيون آهن. تن ئي ڏينهن ۾ سر گريئرسن جي ڪوشش سان "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جا ڪيترائي جلد پڻ ڇپجي پڌرا ٿيا هئا. اتي ڀيرومل کي اها کوٽ محسوس ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس لاءِ ڪو هڪڙو ڪتاب بہ نہ آهي. ڪيترن کي اها بہ سڌ نہ آهي تہ ڇو لاڙ جي ٻولي هڪڙي، وچولي جي ٻي ۽ سرحد سنڌ جي وچائين ٽين ٻولي آهي، ۽ کهڙي سبب شڪارپور جي ٻولي سيني کان ميٺاج ۾ سرس آهي؟ ان جو ڪارڻ سندس سمجهہ ۾ اهو هو تہ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ جو اتهاس اسان وٽ آهي ئي ڪونہ. جنهن مان انهن ڳالهين جو پتو پوي جن اسان جي ٻوليءَ تي اثر ڪيو.

ان ڪري هن سانده ٽي سال محنت ڪري، ڏيڍ سوَ کن ڪتابن مان قديم سنڌ جا احوال ويهي ڪڍيا ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پيدائش، رچنا ۽ اوسر جي لڪل پهلن کي ڄاڇڻ ۽ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري هي ڪتاب هڪ طرح سان سنڌين ۽ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جو ڳڏيل اتهاس آهي. ائين ڇو ڪيو اٿس، تنهن جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ٻوليءَ جي تاريخ معنيٰ ٻوليءَ جي تبديل جي تاريخ. ٻوليءَ ۾ تبديل ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ آڻين ٿا. تنهنڪري جنهن ٻوليءَ جي تاريخ لکجي تنهن ۾ پرڳڻي جي ماڻهن جو ذڪر به ضرور ڪجي. انهيءَ سبب سنڌ جي تاريخ ۽ ان جو جيڪو اثر ٻوليءَ تي ٿيو آهي، سو ڄاڻايو اٿم.

ٻولي ۽ ساهت پاڻ ۾ ڳنڍيا ڳتيا پيا آهن. ساهت جو مدار ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جو ماڻهن تي. تنهنڪري هن ڪتاب ۾ اهو به ڄاڻايو اٿم ته سنڌي ساهت جي ترقي ڪيئن ٿي- مطلب ته هن ڪتاب ۾ ٽي تاريخون آهن. سنڌ جي تاريخ، ٻوليءَ جي تاريخ ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ." (1)

ڪتاب ۾ ٻولين جون ڪوڙناڻون، قديم سنڌ ۽ اڻ آرين جون ٻوليون، آريه لوڪ ۽ سنسڪرت، سنڌيءَ جو ٻين ٻولين سان ناتو، سنڌيءَ جون اُپڀاشائون، ٻولين جي وچ ۾ فرق، سنڌي لغت، اصطلاح ۽ پهاڪا، مسلمانن ۽ انگريزن جي حڪومت جو سنڌيءَ تي اثر، ٻوليءَ جي تبديل ۽ واڌارو، اکرن تي ويچار، سنڌيءَ جون خوبيون ۽ خاصيتون، لفظن جي بناوت، سنڌي صرف جا اصول وغيره موضوعن تي روشني وڌي ويئي آهي.

ڪتاب ۾ سنڌ جي سياسي تاريخ، ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ادب جي تاريخ هڪ ٻئي سان الجهي پئي آهي. ڪٿي ٻوليءَ جي تاريخ سنڌ جي تاريخ پنيان لڪيو وڃي، ته ڪٿي سنڌ جي تاريخ، ادب جي تاريخ پنيان لڪيو وڃي. ان ڪري ڪنهن به هڪ پهلوءَ جي اوسر جو ترتيبوار سلسلو جڙي نه سگهيو آهي. البت، ان نقصد کان ليکڪ پاڻ به باخبر نظر اچي ٿو، ڇو جو ڪتاب جي "منڍ" جي آخرين جملن ۾ چيو اٿس ته:

"جيڪڏهن پڙهندڙن ٻوليءَ جي اونهي اڀياس لاءِ چاهه ڏيکاريو، ته "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" نالي ڪتاب جلد ڇپائي پڌرو ڪندس، جنهن ۾ تاريخي احوال ٿورو ۽ ٻوليءَ جو ذڪر گهڻو آهي." (2)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هڪ ڳالهه طرف ڌيان ڇڪايو آهي ته گريئرسن توڙي ٻين ڪن ڀاشا وگيانين جنهن طريقي سنڌيءَ ۽ ٻين هاڻوڪين آريه ٻولين جي اوسر سمجهائي آهي، انهيءَ کي به هن ڪتاب ۾ نيڪ طرح پيش نه ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي ائين به چيو آهي ته ڪتاب ۾ ڪن ڪن هنڌن تي ڀيرومل ڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقيقتن جون غلطيون بہ ڪيون آهن. مثال طور هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ، "ديوان ننديرام سيوهاڻيءَ "تاريخ طاهري" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو"، جا ڳالهہ صحيح نہ آهي. اهڙيءَ نموني هن غلطين جا هڪ ٻہ پيا بہ مثال ڏنا آهن. (3)

بهرحال، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هي ڪتاب لکي پيرومل سنڌي لسانيت جي حلقي ۾ هڪ بنيادي ڪم ڪري، اهميت ڀريو ڪارنامو سرانجام ڏنو. هن جو مقصد اهو هو تہ سنڌيءَ جي علم ۽ ادب ۾ چاهہ رکندڙن ۾ ٻوليءَ جي تاريخ واري، ان وقت تائين اڻ ڇُهيل وشيہ لاءِ چاهہ پيدا ڪجي.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنڌ ۾ 1941ع ۾ نڪتو هو. ان بعد اسان جي ڄاڻ موجب ٽي ڇاپا پيا 1956ع، 1966ع ۽ 1972ع ۾ سنڌ مان شايع ٿيا آهن ۽ پڻ دهلي يونيورسٽيءَ وارن ديوناگري سنڌيءَ ۾ بہ ان جو ڇاپو شايع ڪيو آهي.

سنڌي ٻولي:

هي پيرومل جو لکيل ننڍڙو ڪتاب آهي. "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" واري وڏي ۽ باتفصيل ڪتاب لکڻ کان گهٽ اڳ فيبروري 1925ع ۾ سنڌي ساهتيہ سوسائٽي، ڪراچيءَ جي ماهوار رسالي جي سيريز ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين. ان کان هڪ سال اڳ هو ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار طور مقرر ٿيو هو. هن ڪاليج جي شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي مختصر ڄاڻ ڏيڻ لاءِ 22 صفحن واري هيءَ ڪتابڙي لکي. هن ۾ سنسڪرت، پراڪرت، پالي، سنڌي ٻوليءَ جي نمونن، آئيوينٽيا- عربي ۽ فارسي اکرن، هندستاني، هندو سنڌي ۽ گرمکي اکرن، ٻولي، آواز، اکر، لفظ، عبارت، آڳاٽي تواريخ، سنڌي نظم، سنڌي نثر وغيرهہ وشين تي روشني وڌي ويئي آهي.

غريب اللغات (1907ع):

پيرومل جي ناهيل هن ننڍي ڊڪشنري (شبد ڪوش) ۾ شاهہ جي رسالي جي ڏکين لفظن جون معنائون واضح ڪيون ويون آهن. "غريب اللغات" جو مطلب آهي "غريب" (سندس تخلص) جي ناهيل ڊڪشنري (لغات). هن ڏنو تہ رسالي پڙهڻ جو چاهہ ماڻهن ۾ تمام گهٽو آهي، پر ڏکين لفظن سبب ڪجهہ منجهن ٿا ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪو معنائن جو ڪتاب ميسر ڪري ڏجي تہ هوند ان کي ڇهٽي پون. پيرومل ماڻهن جي ان ضرورت کي محسوس ڪندي هن صديءَ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شروعاتي سالن ۾ شاهه جي رسالي جي اُهنجن لفظن ۽ جملن جي معنائن جو ڪتاب جوڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هن ڪتاب ۾ هن پنهنجي شخصي اڀياس ۽ ڪوششن سان هٿ ڪيل معنائون ڏنيون آهن ۽ ان ڏس ۾ هن مرزا قليچ بيگ جي شاهه جي بيتن جي معنائن بابت تيار ڪيل لغت جي دستخط ۽ هڪ آخوند عبدالرحيم بن محمد وفا عباسيءَ جي تيار ڪيل شاهه جي بيتن جي معنائن واري لغت ۽ ٽرمپ صاحب جي رسالي ۾ ڏنل معنائن کان به مدد ورتي. لائق مصنف جي ايمانداري ۽ چڱيءَ مڙسائي ان مان ظاهر آهي جو هر معنيٰ جي اڳيان برئڪيٽ ۾ ڄاڻايو اٿس ته هي معنيٰ فلاڻي جي ٻڌايل آهي ۽ هيءَ فلاڻي جي. (6)

هن لغت ۾ پيرومل، شاهه جي رسالي جي ٽن سرن- سر يمن ڪلياڻ، سر ڪلياڻ ۽ سر ڪنڀات جي اهنجن لفظن ۽ جملن جون معنائون سمجهايون آهن. سندس ارادو رسالي جي سڀني سرن جي ڏکين لفظن ۽ جملن جون معنائون لکي ۽ ڇپائي پڌريون ڪرڻ جو هو، پر ائين ٿي نه سگهيو.

هتي اسان کي ان ڳالهه جو تصور ڪرڻ گهرجي ته پيرومل هي ڪتاب ان وقت ڇپايو، جنهن وقت تائين ان ڪيتر ۾ اجا گهڻو ڪم نه ٿيو هو. مرزا قليچ بيگ جو "لغات لطيفي" جيتوڻيڪ هن صاحب لکي رکيو هو، پر شايع بعد ۾ ٿيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ به پنهنجو مشهور "شاهه جو رسالو" (معنائن ۽ شرح سان گڏ). گهڻو پوءِ شايع ڪرايو. "غريب اللغات" ۾ ڀريان ست صفحا "منڍ" جا آهن، جن ۾ شاهه جي رسالي جي اهميت ۽ لغات لکڻ جي مقصد وغيره تي روشني وڌل آهي. ان بعد ڇهن صفحن ۾ "شاهه جو ٿورو ذڪر" ڏنل آهي ۽ پوءِ 52 صفحن تائين ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

پيرومل جي هن ڪتاب کان اڳ جيڪي شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن جو معنائون لکڻ جون ڪوششون ٿيون، تن جي ۽ پيرومل جي ڪوشش جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پيرومل معنائن ڏيڻ ۾ پنهنجي نظر جي دائري کي وڌيڪ وسيع رکيو آهي. مثال طور قليچ بيگ "مهيسر" لفظ جي معنيٰ ڏيندي ڇيو آهي: هندڪو نالو خدا جو، پير مغان (لغات لطيفي، ص 12). ٻئي طرف پيرومل وري مهيسر جي معنيٰ ڏيندي لکيو آهي: مهيسر- مها ايشور يعني شوِّيا پيرم، جنهن جي مورت تي گنگيوال وڪري ڪرڻ کان اڳ شراب جا ڇنڊا وجهندا آهن. (غريب اللغات، ص: 11)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل لفظن جي معنيٰ ڏيندي، ڪيترن هنڌن تي ٻاشا وگيان جي اصولن موجب لفظن جي تبديل طرف اشارا به ڪيا آهن. مثال طور ڪر= ڪل= خبر (ر ۽ ل پاڻ ۾ مٽيا آهن، جيئن جر=جل يا ڪرتار= ڪلتار) اهو ئي پيرومل وارو نمونو آهي، جيڪو بعد ۾ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ به پنهنجي "شاهه جو رسالو" ۾ وڌيڪ وضعت سان ڪم آندو آهي. هيءَ ڪتاب پيرومل 1907ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو جڏهن هو ڪليڪٽر (سالٽ روينيو، سنڌ) جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو.

وڏو سنڌي وياڪرڻ (صرف نحو):

پيرومل صاحب سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جو به گهرائيءَ سان اڀياس ڪيو هو. هن ڏٺو ته سنڌس وقت ۾ جيڪي سنڌس گرامر اسڪولن ۾ پاڙهيا پئي ويا، سي بلڪل هيٺين درجن جي ڏانوَ جا هئا. باقي مٿين درجن لاءِ توڙي سنڌي ٻوليءَ جي زياده اڀياس ڪرڻ لاءِ ڪو وڏو گرامر موجود ڪونه هو. انهيءَ اوڻائيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ، هن سنڌي ٻوليءَ جي گرامر بابت پنهنجي اڀياس سان گڏوگڏ سنسڪرت، فارسي ۽ ڪيترين هندستاني ٻولين جي گرامر تي غور ڪري، وولنر واري پراڪرت گرامر، سرگريئرسن جي لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا ۽ پروفيسر هوتچند گربخشاڻي واري شاهه جي رسالي ۽ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي اڳ لکيل گرامر کي اڳيان رکي سنڌي ٻوليءَ لاءِ هي وڏو ويا ڪرڻ تيار ڪيو، جو 1925ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين. البت هن ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ هن گهڻي مدد ٽرمپ واري گرامر تان ورتي، جيڪو سن 1872ع ۾ جرمنيءَ مان شايع ٿيو هو، جا ڳالهه ليکڪ خود پنهنجي ڪتاب جي مهڙ ۾ تسليم ڪئي آهي.

هيستائين سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ بابت ڪتاب ڇپيا آهن، تن ۾ شري پيرومل جي هن "سنڌي وياڪرڻ" کي خاص اهميت حاصل آهي. هن پستڪ ۾ ليکڪ ٿوري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بيهڪ ۽ خاصيتن بابت گهڻو ڪجهه هڪ ئي هنڌ سمائي رکيو آهي. وياڪرڻ جا نيم سمجهائيندي هن مثالن ۾ سنڌن طور شاهه جي رسالي ۽ ٻين ساهتڪ پستڪن مان ڪيترا حوالا پڻ پيش ڪيا آهن. هن ڪتاب جي مکيه خوبي اها آهي ته هن ۾ ڪيترن هنڌن تي سنڌي لفظن ۽ وياڪرڻ وارن ٻين روپن جي اوسر تي پڻ روشني وڌي ويئي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"سنڌي وياڪرڻ" جو پهريون ڇاپو 1925ع ۾ ۽ ٻيون ڇاپو 1926ع ۾ شايع ٿيو هو. تازو 1977ع ۾ پارت ۾ ۽ 1986ع ۾ سنڌ ۾ هن ڪتاب جا نوان ڇاپا شايع ٿيا آهن. سنڌ واري ڇاپي ۾ ٽيون ۽ چوٿون ڀاڱو به ڏنو ويو آهي، جو پارت واري ڇاپي ۾ نه آهي.

ننڍڙو سنڌي وياڪرڻ:

"سنڌي وياڪرڻ" نالي وڏو ڪتاب شايع ڪرڻ کان اڳ ڀيرومل صاحب شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ سان گڏجي "ننڍڙو سنڌي وياڪرڻ" نالي هي ڪتاب شايع ڪيو هو، جيڪو چوٿين ۽ پنجين سنڌي ۽ پهرئين انگريزي وارن ڪلاسن جي شاگردن لاءِ درسي ڪتابن طور لکيو ويو هو.

گلقند (ٻه ڀاڱا):

ڀيرومل مهرچند جي لکيل هن ڪتاب ۾ سنڌي پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح معنيٰ ۽ وضاحت سان درج ٿيل آهن. ڀيرومل جو خيال هو ته پهاڪن ۽ اصطلاحن ۾ نج سنڌي ٻولي ڪم آيل هجي ٿي. انهن جي ڪم آڻڻ سان مضمون به نهايت سهڻو ۽ سلوڻو بڻجي ٿو. اُن ڪري هن سنڌي ٻوليءَ جي اُن قيمتي سرمايي کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪوشش ورتي. ڪتاب جي مهڙ ۾ لکيو اٿس ته، "مون ورهين کان ڪيترين چوڻين ڪٺيون پئي ڪيون آهن، جن مان حال اٽڪل ٻه هزار چوڻيون هن ڪتاب ۾ آنديون اٿم."

هي ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ 912 پهاڪا آهن، جن مان ڪي "گلشڪر" ۽ ٻين پهاڪن جي ڪتابن مان چونڊي وڌا ويا آهن ۽ ڪي اهڙا آهن، جيڪي اڳ ڪٿي نه ڇپيا هئا. ڪي چوڻيون، جن پٺيان ڪي ڪهاڻيون آهن، تن سان گڏ اهي ڪهاڻيون به ڏنيون ويون آهن.

ڪي اهڙا پهاڪا، جن جا هم معنيٰ پهاڪا انگريزي، هندي، اردو يا ٻين ٻولين ۾ آهن، ته انهن اڳيان اهڙا پهاڪا به ڏنا ويا آهن. خاص ڪري پهرئين ڀاڱي ۾ ته اڪثر سنڌي پهاڪن جي سامهون هم معنيٰ انگريزي پهاڪا به ڏنا ويا آهن، جيڪي، ليکڪ خود تسليم ڪيو آهي ته فئلن صاحب، هينري بان ۽ ديوان روچيرام جي ڪتابن تان ورتا ويا آهن.

ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ 1450 اصطلاح ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌيءَ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙا چيندا ۽ اثردار پهاڪا ۽ اصطلاح ڏنل آهن، جيڪي ٻئي ڪٿي ملڻ مشڪل آهن. جنهنڪري پهاڪن جو هي سنگرهه سنڌيءَ ۾ اهميت ڀري جاءِ رکي ٿو.

ٻن ڀاڱن ۾ ڪتاب ڀيروُمل صاحب 1928ع ۾ ڇپائي شايع ڪيو، جنهن وقت هو ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار هو. ڪتاب ۾ جملي 230 صفحا آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مضمون نگار

مضمون بہ نظم وانگر ئي ادب جي شخصي يا داخلي شاخ آهي، جنهن ۾ ليکڪ نظم، گو وانگر مکيہ طرح پنهنجن ئي ويچارن ۽ ڀاونائن کي اظهار ڏئي ٿو. برک فرانسيسي مضمون نويس مونتين (Montaigne) چيو آهي تہ، "پنهنجن مضمونن ۾ مان خود پنهنجي چترڪاري ڪريان ٿو." پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ مضمون تي ويچار ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، "ناول ۽ ناٽڪ زندگيءَ جو آئينو آهن تہ شعر ۽ مضمون شاعر يا ليکڪ جي شخصيت جو آئينو". (1) دراصل اهو شخصي پهلوءَ ئي آهي، جنهن جي مضمون ۾ اهميت آهي. مضمون ۾ ليکڪ جي شخصي ڄاڻائن، هن جي پنهنجن ويچارن ۽ ڀاونائن، آشائن آڪانڪيائن، پسندين- ناپسندين ۽ شخصي دليلن جي اظهار کي ئي اهميت آهي.

سنڌيءَ ۾ مضمون نويسيءَ جي شروعات ڌرمي ۽ اخلاقي يا سماج سڌار وارن مضمونن سان ٿي. ديوان ڪوڙي مل کلناڻيءَ ڳالهن جي تعليم واري وشيہ تي 1862ع ڌاري "پڪو پهہ" ڪتاب لکي، ان جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ ان وشيہ تي لمبو مکمل مقالو هو، جو بہ مضمون نويسيءَ جو ئي هڪ قسم آهي. ديوان صاحب سماج سڌار، اخلاقي ۽ ڌرمي وشين تي ٻيا بہ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا. مرزا قليچ بيگ وري مذهب ۽ اخلاقي موضوعن سان گڏوگڏ، فلسفائن، زرعي، جاگرافيائي فطرتي ۽ ٻين ڪيترن موضوعن تي مضمون ۽ مقالا ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آندا ۽ ڪي طبعزاد مضمون پيش ڪري، سنڌي مضمون نويسيءَ ۾ گونا گونيت آندي. ديوان ڏيارام گدومل وري اخلاقي ۽ ڌرمي وشين سان گڏ اوچ فلسفاڻا ۽ روحاني نقطن وارا مضمون لکي مضمون نويسيءَ ۾ اونهائي پيدا ڪئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند جي ادبي منچ تي اچڻ تائين سنڌي مضمون نويسي چڱو اوج کي پهچي چڪي هئي، جنهن ۾ پرمانند ميوارام، ڄيٺمل پرسرام، لعل چند امر ڏنو مل، پرنسيپال صاحب سنگهه شاهاڻي، ڏيارام وسڻ مل، پرنسپال لالسنگ اجواڻي جهڙا ۽ ٻيا ڪيترا برک ليکڪ اُن کي برجستگي ۽ گونا گونيت بخشي رهيا هئا. انهن سڀني ۾ ٻين به ڪن مضمون نويسن کي سنڌي مضمون نويسيءَ ۾ قابل ذڪر جاءِ حاصل آهي. پر جيڪا ڳالهه پيرومل مهرچند کي ٻين کان جدا ڪري بيهاري ٿي، سا آهي سنڌس مضمونن تي سندس شخصي لاڙي جي ڇاپ. هونئن ته ڪاڪي پيرومل رواجي طرح بياني، ڌرمي ۽ اخلاقي مضمون به لکيا، پر هن خاص ڳالهه اها ڪئي، جو پنهنجي شخصي رجحان موجب وڏي تعداد ۾ تواريخي ۽ کوجناتمڪ مضمون لکي، سنڌي مضمون نويسيءَ جي حلقي ۾ ان قسم جي کوٽ جو نه صرف پورائو ڪيو پر ان شاخ کي مالامال به ڪيو.

ڪاڪو پيرومل پنهنجن مضمونن ۾ رواجي يا عام-طرح مهيا ڳالهيون ڪونه آڻيندو هو. هو پنهنجي وشيه ۾ تمام اونهو وڃي، آتال پاتال مان ڳولهي، ان وشيه بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ڪري، ان کي وزنائتي ڍنگ سان، سڌي سنواٽي، پر ٺيٺ ۽ پختي ٻوليءَ ذريعي اظهار ڏيندو هو. سندس "انڊس" نالي مضمون، جو ڪراچي رابندر ناٿ ڊراماٽڪ ڪلب جي "انڊس" مخزن جي 1935ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو، تنهن مان هڪ ٽڪر هيٺ ڏجي ٿو، جو هن اُستاد ليکڪ جي اونهي ڄاڻ ۽ اعليٰ زبان دانيءَ جي ساک پري ٿو. لکي ٿو:

"انڊس" لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "سنڌو" معنيٰ "سمنڊ"، پوءِ معنيٰ "وڏي ندي"، پڻ انهيءَ نديءَ جي ڪناري وارو ملڪ، جو اڄ تائين "سنڌ" سڏجي ٿو...

پنجاب جو ٽاڪرو لوڻ (Rock Salt) اڄ تائين "سينڌو لوڻ" يعني سنڌ جو لوڻ سڏجي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهي لوڻ وارا ٽڪر اڳ ۾ سنڌ جي اندر هئا. "انڊس" يا "سنڌو"، لفظ جو ڌاتو آهي "سيند" (Syand)، معنيٰ "وهڻ". مطلب ته سنڌو اها جا سداءِ پئي وهي. پروفيسر مئڪس ملر جي خيال موجب "سنڌو" لفظ جو ڌاتو آهي "سڌ" (Sidh)، معنيٰ رکي ونڻ، بچاءُ ڪرڻ. مطلب ته سنڌو ندي جتان جتان وهي ٿي تن هنڌن جو بچاءُ آهي ۽ ڌڪار وغيره کان رکي وٺي ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنسڪرت لفظ "سنڌو" جو اچار آڳاٽن ايراني لوڪن ڦيرائي ڪيو "هنڌو"... جو ايراني لوڪ عام طرح "س" کي ڦيرائي "هه" ڪندا آهن... ۽ نڪ جو اچار ڪڍي ڇڏيائون. عيسائين جي بائيبل ۾ "سنڌو" جو اچار "هودو" (Hoddu) آهي. قديم ايراني ٻوليءَ ۾ "ڊ" جو اچار آهي ۽ بائيبل ۾ "د" جو اچار آهي "سنڌوءَ" جو اچار پوءِ جي فارسيءَ ۾ ڦري ٿيو "هندو". گھٽي لڙھ وچڙ ڪري ايرانين کي پوءِ خبر پيئي ته "ن" جو اچار ڪرڻو آهي. "هندو" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌوندي‌ءَ جي ڪناري تي رهندڙ."

سندس شخصيت جي لسانياتي ماهر واري ڇاپ سندس ڪيترن مضمونن تي نمايان آهي. سندس "تير اندازيءَ جي تاريخ ۽ "دال مصالح چٽڻيءَ سان!" سندس وسيع اڀياس ۽ گھري لساني ڄاڻ ۽ پڻ سليس ۽ دلچسپ لکڻيءَ جي ساک پرين ٿا. "تير اندازيءَ جي تاريخ" ۾ شر يعني تير لفظ جي وياکيا ڪندي لکي ٿو:

"سَر" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شر" ۽ اهو هندن جي رگ ويد جي منڊل پهرئين (سُوڪت 100، منتر 18) ۽ ٻين ڪن منڊلن ۾ ڪم آيل آهي. سنڌو ماٿر ۾ سرجام ٿئي ٿو. سر جي گاھ ۽ ڪانن کي سڻي ڪٽي مڃ ڪندا آهن ۽ انهيءَ مان نوڙيون وٽيندا آهن. آڳاٽن آرين انهيءَ سر جي ڪانن مان تيرن جوڙڻ جو رواج جاري ڪيو. جنهنڪري اڄ تائين سر جي هڪڙي معنيٰ آهي ڪانو ۽ ٻي معنيٰ آهي تير. تير کي ٻاڻ (سنسڪرت ٻاڻ) به چئبو آهي ۽ سنسڪرت ۾ ان جي ٻي معنيٰ ڪانو به آهي. خود ڪانو (سنسڪرت ڪانڊ) مان ٻيو لفظ ڪان جڙيو آهي، جنهن جي ٻه معنيٰ آهي تير. هن لفظ جي بنياد تي ويچار ڪري چئبو ته "ڪان" تير اهو آهي جو ڪاني مان ٺهيل آهي." الخ.

ڀيرومل فقط تاريخي، تحقيقي، لساني ۽ علمي موضوعن تي ئي مضمون ڪونه لکيا. سندس خيال کي لاثاني وسعت حاصل هئي ۽ هن جي مضمونن ۾ موضوعن جي گوناگونيت ۽ انهن موضوعن سان سندس نياءُ ڏسي دنگ رهجي ٿو وڃبي. "ساڃهه"، "پريتم جو مهاتم" جهڙا امورُرت (Abstract) وشيه هجن يا "اڪ يا "سارنگ"، "جهڙا مورت دار وشيه. هن هر وشيه تي طبع آزمائي ڪئي ۽ ان سان نباهيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند تاريخي، تحقيقي، علمي، مذهبي سير سفر وارن موضوعن، پنهنجي وقت جي پنڪتي ۽ علمي مسئلن ۽ مها پرشن ۽ شاعرن جي جيون بابت ڪئين مضمون لکيا. جيڪي اڪثر سنڌو، مهراڻ، انڊس،، سرسوتي، ڦلواڙي وغيره مخزنن ۾ ڏي. جي سنڌ ڪاليج مسلنيءَ وغيره ۾ ڇپجندا رهندا هئا. "سنڌو" رسالو، جيڪو بولچند راجپال ڪڍندو هو، ان جو تہ ڪو اهم ترين مضمون نگار هو. ان رسالي ۾ هن استاد ليکڪ جا اونهي کوجنا وارا مضمون اڪثر ڇپجندا رهندا هئا. جيڪي ڪڏهن تہ ٽن ٽن، چئن چئن قسطن ۾ پورا ٿيندا هئا.

پيرومل صاحب سنڌي مضمون نويسيءَ ڪي همٿائڻ ۽ اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن جون درسي ڪتابن واريون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ سنڌي مضمونن جا ٻي ڪن انتخاب (سنگرهہ) تيار ڪري، شايع بہ ڪيا هئا، جيڪي هن طرح آهن:

گلزار نثر:

مضمونن جو هي مجموعو 1929ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين. جنهن ۾ جدا جدا ليکڪن جا 40 ڪن چيدا ليک، جدا جدا موضوعن تي لکيل، شامل هئا. هن ڪتاب جو مهاڳ شري لال سنگ هزاري سنگ اجواڻيءَ لکيو هو ۽ پيرومل صاحب خود هن ۾ مضمون نويسي جي اصولن بابت هڪ ڪارگر ليک لکيو هو. هي ڪتاب ساڳئي ئي سال مئٽرڪ جي درجي لاءِ درسي ڪتاب طور منظور ٿيو هو ۽ ڪيترائي سال انگريزي ڇهين درجي تائين پڙهائڻ ۾ ايندو رهيو. هن مجموعي ۾ پيرومل جي مضمونن کان سواءِ، ٻين بہ نامور ليکڪن جهڙوڪ ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڪوڙو مل چندن مل، مرزا قليچ بيگ، پرمانند ميوارام ۽ لعل چند امر ڏنو مل وغيره جا مضمون پڻ شامل هئا.

بهار نثر:

(Choicest Selection from Mo 'ern Prose) مضمونن جو هي ڳٽڪو، پيرومل 1932ع ۾ تاليف ڏيئي، شايع ڪيو. جن ڏينهين هو ڏي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار هو. هن مجموعي ۾ بہ 40 چونڊ ڌرمي، اخلاقي، تعليمي قدرتي جي نظارن، قديم سنڌ جي احوالن، سير سياحت بابت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مضمون شامل هئا، جي ڪتاب پڻ مشترڪ وارن لاءِ منظور ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ 204 صفحا آهن.

پيرومل صاحب جي، هيءَ مجموعو تاليف ڪري ڇپائڻ پٺيان هڪ مراد هيءَ به هئي ته اهو مضمون نويسيءَ لاءِ رهبر ٿي ڪم اچي. ان ڪري ڪتاب جي پڇاڙي ۾ "مضمون نويسيءَ بابت ڪي هدايتون" پڻ ڏنيون هئائين، جن ۾ ڏيکاريو هئائين ته سٺو مضمون لکڻ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون خيال ۾ رکڻ ضروري آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪٿاڪار

پيرومل مهرچند "ڪهاڻيون" ۽ "ناول" بہ لکيا. ان زماني ۾ ڪا ريت ٿي اهڙي هئي جو ائين سمجهيو ويندو هو تہ ليکڪ معنيٰ ساهت جي هر صنف تي قلم هلائيندڙ. جيڪو جيترين وڌيڪ صنفن تي لکي سگهي اهو اوترو ئي وڏو ۽ مشهور ليکڪ سمجهيو ويندو هو. منوهرداس ڪوڙو مل، لعل چند امر ڏنو مل، چيتمل پرسرام، پيرومل مهرچند ۽ گهڻا ئي ٻيا ان ڳالهہ جو مثال آهن. ان ڳالهہ جو اثر چالو دؤر جي ليکڪن پروفيسر رام پنجواڻي، ڪيئلداس "فاني" وغيره تي بہ نمايان آهي.

پيرومل صاحب چار ڪن اصلوڪا ڪٿاتمڪ ڪتاب لکيا جيڪي آهن، "آنند سندريڪا"، "موهني بائي"، "پريم جو مهاتم" ۽ "وريل ۽ نعمت". انهن ۾ پهريان ٽي پنگتي ۽ اخلاقي قسم جا قصا آهن ۽ چوٿون جاسوسي قسم جو ڪتاب آهي. جيئن نانڪن لکڻ پنيان، تيئن ئي پنگتي ۽ اخلاقي "قصا" لکڻ پنيان بہ پيرومل جو مقصد سماج ۾ ڦهليل خرابين ۽ اوڻاين جي اوگهڙ ڪرڻ جو رهيو آهي. هنن ڪتابن ۾ ليکڪ پنهنجي خيالن جي اظهار ۽ سنديش جي ڦهلاءَ جي مقصد لاءِ ڪي ڪردار خلقي، سماجڪ براين کي اجاگر ڪيو آهي ۽ انهن کي درست ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ اپاءَ بہ پيش ڪيا آهن. هن ڪن آدرشي ڪردارن ۽ مثالي شخصيتن کي اڀاري، بنيادي سماجڪ ۽ انساني قدرن جي حمايت ڪري، انهن کي وري استاپت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پيرومل مهرچند جا لکيل ڪٿاتمڪ ڪتاب هن طرح آهن:

1- آنند سندريڪا:

هي هڪ دڪانت قصو آهي، جيڪو پيرومل صاحب 1910ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن قصي جي نائڪا سندريڪا ۽ نائڪ آنند آهن. نائڪا هڪ آدرش، گڻ ونتي، پڙهيل، ڳڙهيل، سيل ستيا واري ۽ چريتر وان پاندري آهي، جنهن جو آنند ٿالي ڪريل ۽ بداخلاق پتيءَ سان پاند اٽڪي ٿو.

هن ڪتاب جو ذڪر ڪندي، ڀيرومل صاحب خود لکيو آهي ته. "جن صاحبن اهو پڙهيو هوندو، تن کي خبر هوندي ته انهيءَ ڪتاب ۾ توڙ تائين ڏکن جون ڳالهيون آهن. انهيءَ قصي کي غمناڪ ڪرڻ جو منهنجو اهو مطلب هو ته من اهي ڏک ڀريون ڳالهيون اسانجن ڀائرن ۾ ڪا رحم جي رتي پيد ڪن، ته اٻلائن سان جيڪي وٺل ڏيتي ليتي ۽ مردن جي جيٺري تي جيٺري شادي ڪري وهن ٿا، تن کي بند ڪرائڻ لاءِ ڪي اپاءَ ڪن." (1)

2- موهني ٻائي:

هي ڪتاب "آنند سندريڪا" قصي جي ٻئين ڀاڱي جي روپ ۾ آهي، جو 1917ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. هي ڪتاب سڪانت قصو آهي.

هن قصي ۾ ليکڪ ڏيتي ليتي، جيٺري تي جيٺري شاديءَ جي بدعتن ۽ زالن جي تعليم، ان وقت جي ٻين ٻرندڙ مسئلن تي روشني وجهڻ سان گڏوگڏ، ڪنيائن کي ڪمائتي سکيا ڏيڻ، گهرو ڪفايت، اجاين خرچن گهٽائڻ، حيدرآبادين ۽ ڀهراڙين وارن وچ ۾، هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ ڀائپي پيدا ڪرڻ جي ڳالهين تي به زور ڏنو آهي ۽ پڻ نوڪريءَ جي گهٽتائي ۽ ان ۾ ڪيتي وڏي واپار واري اصول تي به زور ڏنو آهي.

اڄ کان 70 سالَ اڳ ۾، ليکڪ استري پرش جي برابري ڀرين اڏڪارن بابت موهني ٻائيءَ جي سوچ جي ماڌيم سان جيڪي ويچار ظاهر ڪيا آهن، سي اڄ جي سڀيه سماج لاءِ به رشڪ جو باعث ٿي سگهن ٿا.

جيتوڻيڪ فن ۽ رتا جي خيال کان ڀيرومل جي هنن قصن ۾ گهڻيون خوبيون نه ملنديون پر جيستائين ڪردار نگاريءَ جو ۽ پنهنجن ويچارن جي سنديش ڦهلائڻ جو سوال آهي، تنهن ۾ ڪاڪو ڀيرومل ڪامياب رهيو آهي.

3- پريم جو مهاتم

هي ڀيرومل صاحب جو لکيل هڪ ننڍڙو اخلاقي رسالو آهي، جنهن ۾ هن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صبر، سهن شيلتا، قرب پرئي ۽ ٻاجهاري سياءَ جي مهما جي واکاڻ ڪئي آهي ۽ انهن بنيادي انساني گڻن تي زور ڏنو آهي.

"پريم جو مهاتم" ۾ نيڪ انساني سڀاءَ تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪندي، ڀيرومل لکي ٿو:

"ڪن ماڻهن جو اهڙو عمدو سڀاءُ ٿيندو آهي، جو سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ حڪمت سمجهندا آهن... اهڙو ڪو سورج سدائين سندن چت جي چوڌاري پيو چمڪي، جو سندن اندر ٻارهو ئي پيو ڀڪي ۽ جيڏانهن به نيڻ کڻي ٿا نهارين تيڏانهن نور کان سواءِ ٻيو ڪجهه نگاهه ۾ نٿو اچين."

هي هڪ ننڍو ڪتاب آهي، جو سنڌي ساهت پرچارڪ سوسائٽيءَ 1914ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هي ڪتاب 21 صفحن تي مشتمل هو ۽ هي رسالو ماڻهن ۾ ايترو ته پسند پيو هو جو سوسائٽي وارن اهو ٻيو ڀيرو به ڇپايو.

4- وريل ۽ نعمت:

ڀيرومل صاحب هڪ ڀهومکي پرتيا وارو ليکڪ هو. هن نه فقط ساهت جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، پر قصا ڪهاڻيون لکندي وري هن مختلف دلچسپيءَ وارن ماڻهن جو به خيال رکيو. "وريل ۽ نعمت" ڀيرومل صاحب جو لکيل هڪ جاسوسي ناول آهي. انهن ڏينهن ۾ آرٿر ڪانن ڊايل جي خلقيل ڪردار، شرلاڪ هومز جاسوس ۽ ٻين رابرٽ بليڪ، سمٿ وغيره جاسوسي جا انگريزي قصا گهڻو پسند ڪيا ويندا هئا. ڀيرومل صاحب به ماڻهن جي پسنديءَ کي خيال ۾ رکي هي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن هڪ ديسي جاسوس وريمل جو ڪردار خلقيو آهي. نعمت يا نعمت راءِ هن جو دوست آهي.

هن جاسوسي قصي ۾ ڀيرومل صاحب رهسيه، رومانچ ۽ انتظاريءَ وارا عناصر خوبيءَ سان آندا آهن. هڪ خون جو معاملو پيش ڪري، ان پنيان لڪل راز کي تهه به تهه ويهي کوليو اٿس. هن "جاسوسي نقل" ۾ ڀيرومل جي منظر ڪشي ۽ ڪردار نگاري قابلِ داد آهي.

هي هڪ گهري راز ۽ انتظاريءَ ڀريو جاسوسي ناول آهي، جيڪو ان وقت جي عوام ۾ خوب پسند پيو هو. هن قصي جي لوڪ پريتا ان مان به ظاهر آهي جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پهريون دفعو 16-1915ع ۾ ڇپجڻ کان 30 سال پوءِ وري ٻيون دفعو 1946ع ۾ ڊاڪٽر مائيداساڻيءَ "جاسوس" جي نالي سان ڇپايو. هن ڪتاب جو اصلوڪو ڇاپو، سنڌ ساهت سوسائٽيءَ وارن ٽن ڀاڱن ۾ ڊسمبر 1915ع، جنوري 1916ع ۽ فيبروري 1916ع ۾، پنهنجن ٽن ماهوار شمارن جي روپ ۾ ڪڍيو هو.

انهن نسبتن وڏن قصن کان سواءِ، ڀيرومل صاحب ٻيا به ڪيترائي ننڍا ننڍا قصن ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا، جن ۾ "حڪمتي ماجسٽريٽ"، "شيطان منجهان انسان"، "موتين جي مالها"، "ڏي ۽ وٺ"، "سنڌ جون سوڪڙيون" وغيره جا نالا ڪٽي سگهجن ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناٽڪ ڪار

پيرومل واري زماني ۾ سنڌ ۾ ناٽڪ جو بول بالا هو: تن ڏينهن سئنيما جو رواج اڃا پيو ڪونہ هو. ان ڪري جا لوڪ پريتا بعد ۾ سئنيما کي نصيب ٿي سا پهرين ناٽڪ کي حاصل هئي. اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ سنڌيءَ ۾ ناٽڪ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ، بمبئيءَ مان ڪيترين ئي پيشيور پارسي ۽ گجراتي ناٽڪ ڪمپنين سنڌ ۾ ناٽڪ ۽ کيل (Stage Play) کي ڪافي مشهور ڪيو هو، ۽ خلق ۾ ناٽڪ ڏسڻ جو شوق گهڻو ڦهليل هو. وڪٽوريا، آلفريڊ، گيئٽي، ڪاٺائو، وانڪانير وغيره نالن واريون اهي ناٽڪ ڪمپنيون گهڻو ڪري ڌرمي ۽ ڪرامتن وارا يا شيڪسپيئر جا تاريخي ۽ ٻيا دکدائڪ ناٽڪ اردو ۽ گجراتي ٻولين ۾ سنڌ جي اڪثر وڏن شهرن ۾ ڪري ڏيکارينديون هيون.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ناٽڪ مرزا قليچ بيگ، "ليليٰ مجنون" مجنون عنوان سان 1880ع ۾ لکيو ۽ ٿورو ئي پوءِ سنڌ جي پنهنجي پهرين ناٽڪ منڊلي- ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊراماٽڪ سوسائٽي جي نالي سان 1894ع ۾ وجود ۾ آئي، جيڪا بعد ۾ پريا 20 سال حيدرآباد ۾ سنڌ ناتال جي موڪلن ۾، ساندهہ ٽن راتين لاءِ ناٽڪ ڪري ڏيکاريندي هئي، ان ناٽڪ منڊليءَ عام جنتا ۾ ناٽڪ لاءِ زبردست جاڳرتا پيدا ڪئي.

جيئن دنيا جي اڪثر قومن ۽ ٻولين ۾ ٿيو آهي، تيئن اسان سنڌين وٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ناٽڪ جي اوائلي دؤر تي ڌرمي وشين وارا ناٽڪ ڇانيل رهيا. ڀارت ۾ توڙي چين ۾ يا پراڻي يونان ۽ روم ۾ بہ عيسوي سنہ کان صديون اڳ ڌرمي ناٽڪ ئي ڪيا ويندا هئا. لکيت ۾ "رامائڻ"، "مهاڀارت" ۽ منچ جي خيال کان "رام ليلائون" ۽ "ڪرشن ليلائون" ان جو جيئرو جاڳندو مثال

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن، جيڪي اڄ بہ مشهور آهن. سنڌ ۾ جڏهن اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ ناٽڪن جو آرنڀ ٿيو تہ اهو بہ ڌرمي ناٽڪن سان، جو وشيہ ان وقت بہ سنڌي عوام ۾ گهڻو لوڪپريہ هو.

ان ئي لوڪ پسنديءَ کي خيال ۾ رکي، ڀيرومل مهرچند "درو ڀڳت" ۽ "گوپي چند" جا ڌرمي وشين وارا ناٽڪ لکيا. انهن ناٽڪن جو مرڪزي خيال بہ ان زماني جي عوام جي دلين کي ڇهندڙ ان فلسفي پٺاندڙ هو تہ "انسان هڪ بيوس ۽ ڪمزور جيوَ آهي ۽ زبردست ۽ بي رحم قدرت هميشہ ان تي غالب آهي، جا ڪيس سختيون سهائي ٿي، پريڪائون وٺي ٿي ۽ پيو تہ سچ جي ٻيڙي پلي ڪيترا بہ لهرون لوڏا ڏسي پر آخر ۾ اها پنهنجي منزل، مقصود کي رسي ٿي."

ڪاڪي ڀيرومل جو "درو ڀڳت" ناٽڪ، جيڪو 1919ع ۾ پريميئر پرنٽنگ پريس مان ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ سندس "گوپي چند" ناٽڪ، جنهن جي اشاعت جو سنہ ۽ ٻيا تفصيل نہ ملي سگهيا آهن، سي مڪيہ طرح اسٽيج تي آڻڻ جي مقصد سان ئي لکيا ويا هئا ۽ غالباً اهي ڪن اسڪولي ۽ ڪاليجي ڊراما گروپن طرفان اسٽيج تي پڻ آندا ويا.

پر ناٽڪن جي ڪيتر ۾، ڀيرومل صاحب جي جن تصنيفن جو خاص طرح ذڪر ڪيو ويندو آهي، سي آهن سندس لکيل پنگتي ناٽڪ. سندس اِن قسم جي ناٽڪن ۾ "بزازين جو ناٽڪ"، "پنگتي مقدمو"، "ڏيتي ليتي ائڪٽ"، "مڙس جي مڙسي" وغيره قابل ذڪر آهن.

پنگتي ناٽڪن لاءِ ڀيرومل جو نظريو صاف هو تہ انهن جو مقصد اهو هئڻ گهرجي تہ اهي سماجڪ برايون دور ڪرڻ لاءِ آماده ڪن. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو "پنج ننڍڙا ناٽڪ" جو 1937ع ۾ شايع ٿيو، تنهن تي راءِ ڏيندي ڀيرومل مهر چند لکيو هو تہ: "منهنجي دوست ۽ همڪار ناٽڪ نويسيءَ جي اصولن جي تعريف جوڳي پيروي ڪئي آهي. مضمون بہ عمدا آهن. ڪنهن ناٽڪ ۾ گهرو حالتن جو نقشو چٽيل آهي تہ ڪنهن ۾ وري سٽ (Satire) آهي. پنگتي ڪيلن جي مراد ئي اها آهي تہ پنگت ۾ جيڪي اوڻايون هجن، سي ڏيکاري، سڌاري جي واٽ ٻڌائجي."

سو ڀيرومل جي پنگتي ناٽڪن ۾ بہ ڏسبو تہ هن سماج سڌار جو اهو ئي مقصد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي اڳيان رکيو آهي. سندس اهي ناٽڪ سماجي سٽ (Social Satire) وارا ناٽڪ آهن. جن ۾ طنز ۽ مذاق به سهڻي، اثرائتي ۽ ڪارائتي نموني آندا ويا آهن. سندس مزاحيه طرزِ بيان ڪي ساراهيندي شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ لکيو آهي ته، ”مون ڪونه سمجهو هو ته ڪاڪي پيرومل جهڙو گنڀير نثر نويس ڪو مذاقي طرز بيان ڪري سگهندو. پر سندس به ناٽڪ ”ٻڙازين جو ناٽڪ“ ۽ ”ڏيتي ليتي ائڪٽ“ پڙهي دنگ رهجي ويس. نه رڳو مذاق لکي اٿائين، پر خوب لکي اٿائين.“ (1)

پيرومل مهر چند انهن پنگتي ناٽڪن ۾ خاص طور اسان جي سماج جي ڪنهن ڪهني بيماري، ڏيتي ليتي تي سخت جلهه ڪئي آهي، جڏهن ته انهن ۾ ٻين سماجڪ براين مٿين مائٽين ڪرائيندڙن جي چال بازين، سس- نهرن وچ ۾ ترشي وارن لاڳاپن، پاڻ کي سماج جا ابا سڏائي ڪارا ڪارناما ڪندڙ پنچن ۽ مکين، مڇو مڙسن ۽ راڄ رلائيندڙ زالن جي به چڱي خاصي اوگهڙ ڪئي اٿائين.

”ٻڙازين جو ناٽڪ“، 1921ع ۾ حيدرآباد سنڌ جيٰ پرڳتي شيوا منڊلي طرفان شايع ٿيو. هي ناٽڪ گهريچي چنيدي سنڌيءَ ۾ ۽ تمام روچڪ ڍنگ سان لکيل آهي ۽ اهڙو ته وندرائيندڙ آهي جو پنهنجي زماني ۾ ڏاڍو لوڪپريه ٿيو ۽ گهڻين ئي ناٽڪ منڊلين اهو اسٽيج تي پڻ پيش ڪيو.

پيرومل صاحب جي ٻي هڪ سماجي- سٽ ”پنگتي مقدمو: ڏيتي ليتي ائڪٽ“ هئي، جنهن ۾ به خاص مارو ڏيتي ليتيءَ تي هو. اهو 1927ع ۾ شايع ٿيو ۽ هڪ مزيدار ناٽڪ آهي. جيڪو اسٽيج تي اچي، عام توڙي خاص ۾ چڱو مقبول ٿيو.

”پنگتي مقدمو: ڏيتي ليتي ائڪٽ“ هڪ فارس (Farce) آهي، جنهن جي منڍ ۾ هڪ نقلي (Mock) ڏيتي ليتي ائڪٽ ڏيئي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ان ائڪٽ جي بنياد تي ناٽڪي مقدمو هلايو ويو آهي.

”پنگتي مقدمو: ڏيتي ليتي ائڪٽ“ مختلف ناٽڪ منڊلين جدا جدا هنڌن تي اسٽيج تي آندو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پڻ هي ناٽڪ ڪراچيءَ جي شاهاڻي اسڪول جي ساليانې جلسي ۾ پيش ڪيو هو، جنهن ۾ رامن ماءُ مائٽين واريءَ جو پارٽ چترو اتم سنگهه تمام مزيدار نموني ڪيو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀيرومل مهر چند جو ڀيو هڪ ننڍو ”ڀنگتي ناٽڪ ”مڙس جيءَ مڙسي“ (1925ع) پڻ چڱو مشهور ٿيو هو. ايتري قدر جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جهڙي شخص، ڪراچي ڪاليج جي 1925ع واري ساليانيءَ جلسي ۾ اهو پنهنجي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو هو، جنهن ۾ زنانا پارٽ بہ مرد اداڪارن ادا ڪيا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سچو سيلاني

پيرومل مهرچند پنهنجي ”لطيفي سير“ نالي ڪتاب ۾ ”سچو سيلاني“ مضمون ۾ جيڪي ڪجهه شاهه عبداللطيف لاءِ لکيو آهي، سو اگر خود سائنس بہ منسوب ڪجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. ان مضمون ۾ هو لکي ٿو تہ، ”سير ۾ تعليم آهي، پر جو اکيون کولي نہ هليو، تنهن جهڙو سير ڪيو تهڙو نہ ڪيو. سچو سيلاني سدائين اکيون کولي هلي ٿو ۽ هيءَ ساري قدرت، جا ڪيل ڪتاب جي مثل آهي، تنهن جو هر هڪ جزو چڱيءَ ريت جاچي، جنسيس خسيس ڳالهين مان بہ وڏا وڏا سبق سکي ٿو. اهڙو سچو سيلاني شاهہ لطيف هو.“ (1)

پيرومل صاحب ان ساڳيي معيار موجب، پاڻ بہ سچو سيلاني هو. سير سفر جو شروع کان وٺي ڏاڍو ڪوڏيو هوندو هو. قدرت هن لاءِ مڪتب هئي ۽ هو ساري عمر قدرت جي ڪتاب کي پڙهندو رهيو. هونئن تہ سندس دلچسپيءَ سچي انسان ذات ۽ ان جي تهذيب تمدن ۾ هئي ۽ سندس جڳياسا زمان ۽ مڪان ۾ وڏا ڏورانهان سفر ڪيا هئا، جن جو احساس اسان کي سندس ”قديم سنڌ“، ”موهن جو دڙو“ ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن مان ٿئي ٿو. پر هن کي پنهنجي سنڌ وطن، ان جي تاريخ، جاگرافي، ان ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين ۽ سنڌو ماتر ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ خاص دلچسپي هئي. وري جو ايڪسائيز کاتي ۾ نوڪري دوران جدا جدا هنڌن تي بدليون ٿينديون رهيس، سو اکيون ۽ ڪن کولي، سنڌ جو چپو چپو گهمي، هن سنڌ وطن جي جهونن مندرن، مسجدن، مقبرن ۽ منارن، تيرٿ ٽڪين، ٻرن ٻحرن، جهر جهنگن، جبلن پهاڙن، وستين ۽ ويرانن، ندين، نارن، ڳوٺن شهرن، ان جي سادن سودن ۽ پرخلوص مارووئڙن، هارين نارين، ماڇين، مهاڻن، سانگين سنگهارن کي ويجهڙائيءَ تان ڏٺو. انهن سان رلي ملي انهن

books.sindhsalamat.com · www.sindhsalamat.com

کي پرکيائين، محسوس ڪيائين، انهن جي حال ۽ ماضيءَ بابت اڻ مئي ۽ اڪيچار ڇاڻ پڇ ڳڇ ڪيائين. جا هن تمام دلچسپي عبارت سان پنهنجن ٻن املهہ ڪتابن "سنڌ جو سيلاني" ۽ "لطيفي سير" ۾ درج ڪئي آهي. "سنڌ جو سيلاني" ۾ هن خود پنهنجن سنڌ ۾ ڪيل سفرن جو احوال ڏنو آهي ۽ "سير لطيفي" ۾ شاهہ جو رسالو جي آڌار تي، شاهہ لطيف جي ڪيل سيرن سفرن دوران شاهہ طرفان پيش ٿيل نڪاتن ۽ هن طرفان سفر دوران ورتل واٽن جو دلچسپ احوال آهي.

سنڌ جو سيلاني:

"سنڌ جو سيلاني" جو پهريون ڀاڱو (ٻيون ڀاڱو پوءِ ڇپيو ئي ڪونہ) چيتمل پرسرام گلراجاڻيءَ پنهنجي نئين سنڌي لئبرري ڪتابي سلسلي جي پشپ نمبر ستين طور، 1923ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ڪتاب جو مهاڳ بہ چيتمل پرسرام پاڻ لکيو هو، جنهن ۾ ڀيرومل جي لکڻيءَ ۽ ڪتاب جي موضوع تي چڱي روشني وڌي ويئي آهي.

چيتمل صاحب پنهنجي عالماڻي مهاڳ ۾ لکيو تہ: "سنڌ جو سيلاني" سنڌ جي مڪانن جو سير ڪرائي ٿو، سنڌ جي تواريخ جا عجيب غريب نشان بتائي ٿو. سنڌ جي قديم بزرگن جي ملاقات ڪرائي ٿو، ۽ سنڌ جي ڪهنين ڪهاڻين جي وندر جي لذت وٺائي ٿو. خاص ڪري شاگردن لاءِ هي ڪتاب گهڻو ڪارائتو ٿيندو، ڇو تہ رواجي تاريخ جا سڪا داستان ۽ جاگرافي جا ٿڪائيندڙ بيان اڪثر پڙهڻ جو شوق گهٽائيندڙ آهن. پر هن ڪتاب ۾ تواريخ ۽ جاگرافي ٻئي ڪهاڻيءَ جي نموني ۾ ملي وندر ۽ هدايت ٻيون بخشين. اسين هي ڪتاب خوشيءَ سان تا سنڌيءَ جي شائقن اڳيان رکون. مسٽر ڀيرومل مهرچند سنڌ تي عاشق آهي، سنڌ جي تواريخ، ڪهاڻيون ۽ قصا، سنڌ جا راڳ ۽ ڪافيون ڏاڍيءَ محنت سان پئي ڪنا ڪيا اٿن. گهميو بہ ڪنڊ ڪڙڇ آهي. هي اڄان پهريون ڀاڱو آهي، ٻيو ڀاڱو بہ جلد ڇپجي تيار ٿيندو، جنهن ۾ ٿر ملڪ جا سهڻا احوال، مارئيءَ جي ماروئڙن وارا، راڻل ۽ سوڍل وارا ڏنل آهن."

پر افسوس جو ان ڪتاب جو ٻيون ڀاڱو منظر عام تي اچي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ ٿر ملڪ بابت احوال ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "سوڍن جي صاحبي ۽ راڻن جو راڄ" ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"سنڌ جو سيلاني" ۾ پيرومل فقط ڪراچي ۽ حيدرآباد ضلعن جي مکيه جاين، تاريخ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪرڻيءَ جو احوال ڏنو آهي. پر اهو به ايترو ته دلچسپ جڻ ته اسين ايامڻ ڪان ان هنڌ جا رهندڙ هجون. ان جو انگ هجون ۽ ان جي ذري ذري سان اسان جي واقفيت هجي.

ڪراچيءَ جي ڪهاڻي پنهنجي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪندي، پيرومل لکي ٿو: "ڪراچيءَ جو هيڏو سارو شهر جو عمدي بندر هئڻ سبب تڪڙي تڪڙي ترقي ڪري رهيو آهي ۽ جنهن ڪي منهوڙو ۽ ڪياماڙي، ميريويدر ٽاور ۽ ڊينسو هال، ڪاليج ۽ ان جو عجائب خانو، فريئر هال ۽ عمدا پتلا، هوا بندر ۽ ان جو ڏيداري شئل گاهه. سرڪاري باغ ۽ ان جا عجيب غريب جانور ۽ اڻ ڏٺا ۽ اڻ ٻڌا پکي، خوشنما ۽ عاليشان عمارتون ۽ طرح طرح جا ڪارخانا هيترو ڪٺي بيٺا آهن، جنهن ڪري سڄيءَ سنڌ جو نڪ ٿي ساماڻو آهي. سو 1725ع ڪان اڳي اتي اصل هو ٿي ڪونه. جتي هاڻ ڏسون ٿا! هتي رڳو مهاڻن جا گهر هئا ۽ اڄ تائين ڪاري دروازي واري طرف کي "مڇي مياڻي" ڪوٺيندا آهن. ڪيڏانهن مهاڻن جو ڳوٺ جو منهن، ڪيڏانهن هاڻوڪي شاندار ڪراچيءَ جي شڪل! ڪراچيءَ کي بيشڪ ڀاڳ پيرايو آهي ۽ بخت اهڙي ته ياري ڪئي اٿس جو اهو اصلوڪو غريباڻو ڳوٺڙو اڄ "ايرندي جو ستارو" سڏجي ٿو ۽ واهه جا جهلڪا پيو ڇڏي. هن وقت سڄي هندستان ۾ هي ٽيون نمبر بندر آهي ۽ ان کي سنڌ جو "لورپول" ٿا سڏين. اجا به جي ولايت جي ميل سڌو ڪراچيءَ اچي ته جيڪر هي شهر بمبئيءَ کي به شهه ڏيئي وڃي."

ڪراچيءَ جي حال، ماضي، جاگرافيائي حالت جو ذڪر ڪندي، واسطيدار ڏند ڪٿائون ۽ لوڪ ڪٿائون ٻڌائيندي، وري جي اچي ٿو ان جي ٻوليءَ تي پوي ته اتان جي ٻوليءَ بابت به سموري چاڻ ڏاڍي مزيدار نموني ٻڌايو ڇڏي، چي: "ڪراچيءَ ۾ جيڪي ڇاپرو، سهتا ۽ ٻيا رهن ٿا، تن جي ٻولي مزيدار آهي. هڪ لڳا ڪراچيءَ جي هڪ مائي اسان وٽ گهر ۾ ٻيٺل هئي، تنهنڪري هن جي انن ورهين جي نياڻي اسان وٽ گهر ۾ گهڻو ايندي هئي. هڪڙي ڏينهن ڏياريءَ جي صبوح جو ڏياريءَ جا مناڻ جا ٽولڙا ڊاٻلي ۾ پيل ڏسي، انهيءَ ڇوڪري پڇيو ته، "ٻوڳٽي ۾ ڪرمٽ ڪينجي (ڪنهن جي) آهي؟" اسان جي گهر جي ياتين مان ڪنهن به ڪونه سمجهيو ته ڇوڪري ڇا ٿي پڇي. آءٌ هنن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ٻوليءَ مان واقف ٿي ويو هوس. تنهنڪري مون ٻڌاين تہ ڇوڪري پيڇي ٿي تہ، "داڀليءَ ۾ ٽولڙا ڪنهن جا رکيل آهن؟" مون اجا اُيترو چيو تہ ڇوڪريءَ مون کي چيو تہ، "ليا، اُٿين ڪرمٽ کي ڇا چئو؟" مون چيس، "اسين ڪرمٽ کي چئون "ٽولڙا." منهنجي انهيءَ جواب تي ڇوڪريءَ امالڪ پنهنجا ٻئي هٿ جوتن تي هڻي چيو تہ، "ٻڙي، منيس، اسين ٽولڙا چئون جوئن کي، سي ماڙهو کيندو ڪيئن؟" يعني مٽي ۾ جيڪي جوئن پونديون آهن، جن کي اسين چئون "ٽولڙا" سي ماڻهو ڪائيندو ڪيئن!!!"

"سنڌ جو سيلاني" ڪتاب اٽڪل پوڻن ٻن سون صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪراچي ضلعي ۽ ان جي ماريپور، ٻمبور، ميرپور ساڪرو، گهوڙا ٻاڙي، پير پٺو، مڪلي، ٺٽو، سجاول، شاهہ بندر، جاتي، لکپت، جهوڪ، جهرڪ، ڪوهستان، ڪوٽڙي، لڪي وغيرہ هنڌن جا ۽ حيدرآباد ضلعي ۽ ان جي مياڻي، مٽياڻي، هالا، اڏيرولعل، نصرپور، لاڙ، ٻلڙي شريف، ٽنڊوباگو، بدين، وغيرہ هنڌن جا باتفصيل ۽ دلچسپ احوال درج ٿيل آهن. هي ڪتاب، جو پهرين پهرئين 1923ع ۾ ڇپيو، تنهن جا هيستائين ٽي ڇاپا نڪري چڪا آهن.

لطيفي سير (شاهہ لطيف جي سير جو احوال سندس رسالي مان):

ڀيرومل صاحب "شاهہ جي رسالي" جو گهڙو اڀياسي هو. رسالي تي باريڪيءَ سان غور ڪندي هن محسوس ڪيو تہ "شاهہ جو رسالو" رڳو پڳو روحاني رازن جو ڪتاب ئي ڪونهي. ان ۾ ڪتي ڪتي سنڌ جي آڳاٽي تواريخ ۽ جاگرافيءَ جا بيان بہ آهن. پر اهي سڀ عشق واري ايثار جي سڳي ۾ پوتا پيا آهن. اهي جڏهن ان محبت جي مالها مان الڳ ڪري ڏيکاريا. تڏهن پڙهندڙن کي خبر پوندي تہ سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جا ڪيترا گهر ٿيل ورق رسالي ۾ موجود آهن. تنهنڪري هن شاهہ جي ڪيل سفرن ۽ رسالي ۾ انهن جي بيانن جو سهارو وٺي سنڌ جي آڳاٽي تاريخ ۽ جاگرافي، سنڌ جي نباتات، گلن ڦلن، وڻن ٻوٽن، پسن پکين، جانورن، ڍورن نارن وغيرہ تي روشني وڌي ۽ ان سان گڏ هن پرزا پرزا جوڙي اهو بہ نئين سر استاپت ڪرڻ جي ڪئي تہ شاهہ جي رسالي جي جدا جدا سرن ۽ بيتن جي رچنا ڪهڙي ڪهڙي دور ۾ ٿي، يعني تہ بيتن کي هڪ قسم جو تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر نئين سر ڏنو اٿس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ جي رسالي مان سڳ ۾ ثابتيون هٿ ڪري ڪيئن ويهي شاهہ جي سفر جي واٽ نئين سر جوڙي ڏيکاري اٿس. اُن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو:

"نانگا نانيءَ هليا، هنگلاج ان هلي،
ديکي تن دوارڪا، مهيسين ملهي."
(رامڪلي)

هنن مصراعن ۾ شاهہ صاحب بلڪل چٽيءَ ريت ڄاڻائي ٿو تہ جوڳي پهرئائين هنگلاج ڏي هليا ۽ اتان ٿي پوءِ دوارڪا جي درشن لاءِ ويا. مطلب تہ هي شاهہ صاحب جو هڪ پيو سڃاڻو سفر آهي، جنهن جو بيان رسالي ۾ نهايت رمز سان ڪيو اٿس. رسالي ۾ ڪراچي واري لاڙ، ڪوري ڪاري ۽ لڪپٽ طرف جا اشارا جهجها آهن. تنهنڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ هي جوڳين جي جاٽ هنگلاج جو تيرٿ ڪري، ڪراچيءَ موٽي هئي، ۽ اتان نئين وٺان سنڌونديءَ وارو پتڻ اڪري، سجاول ۽ مغلڀين تعلقي جاتيءَ ڏي ويئي هئي.

پيرومل صاحب جي عام ڄاڻ جو ڪو اتو متو ٿيڻ ڪونہ هو. سنڌ جي نڪر پتر، ڪک پن بابت بہ هن کي ايتري تہ ڄاڻ هئي، جنهن کي پڙهيو دنگ رهجيو وڃي. شاهہ صاحب ٿر جي خطي ۽ اتان جي ماروئڙن، ڪوهن، ڪيتن، وٽن ٻوٽن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، ان جي اپٽار ڪندي، جڏهن ٿر جي وٽن تي ٿو اچي تہ انهن بابت بہ پورو داستان ڪوليو ڇڏي:

"آئيو وجهن، آهرين روڙي رتا گل."
(مارئي)

اهي رتا يعني ڳاڙها گل روهيڙي جي وڻ جا آهن، جن بابت شاهہ صاحب چوي ٿو تہ ٿري ماڻهو اهي پنهنجي وهڻن جي ڪارائڻ لاءِ آهر ۾ آڻي وجهندا آهن. روهيڙي جي ڪاٺي اهڙي آهي، جهڙوڪ پڪو ساڳ. جيڪڏهن انهن مان ڪٽن جا پاوا، ڪرسيون، پلنگ ۽ هندورا جوڙائجن تہ جيڪر چوٽون ڏيئي هلن. روهيڙي جا وڻ هڪڙو ٿر ۾ ٻيو ڏاڙهياڙي جبل تي جام آهن." (1)

پوءِ وري گولاڙ ۽ ڪگڙ ۽ ٿوهر وغيره جي وٽن تي اچي ٿو پوي. مطلب تہ ڪو لفظ سنڌس اڳيان اچي سهي، ان جي سڄي جنم جنم پتري ڪوليو ڪري اڳيان رکي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل صاحب جو "لطيفي سير" ۾ درج ٿيل ڪوجنا وارو ڪم ڪيترو اهميت پريو هو ۽ هن صاحب اهو ڪيتري نه ڏن ۽ ڌيان سان سرانجام ڏنو، تنهن ڳالهه کي ان وقت جي سنڌي ادب جي ٻئي هڪ روشن ستاري، شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب "لطيفي سير" جي مهاڳ ۾ پيرومل کي داد ڏيندي هن طرح اظهار ڏنو آهي: "شاهه لطيف ڀٽائيءَ کي سچي سنڌ سڃاڻي ٿي ۽ کيس ساراهي ٿي ۽ تعظيم ڏئي ٿي... مگر شاهه صاحب جي ڪلام مان سندس حياتيءَ جو احوال ترتيب وار ڪڍي نه ڏيکاريو ويو آهي، ۽ نه ان مان ان جي تصديق ڪئي وئي آهي، يعني، پوريءَ طرح اجا نه ڏيکاريو ويو آهي ته سندس ڪلام ڪيئن ترتيب وار وقت بوقت ظاهر ٿيو ۽ ڪيئن هن جدا جدا پاسن ڏي ۽ هڪ ٻئي جي پٺيان سفر ڪيو ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙي هنڌ جدا جدا سر چوڻ ۾ آيا ۽ انهن بابت سندس خيال ڪهڙا هئا. اهو احوال علمي نظر جي نقطي سان نهايت ضروري ۽ پسنديءَ جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو، ڇا لاءِ جو انهن مان انهيءَ قوت جي تاريخ ۽ حالت ۽ قوميت ۽ رسم رواج ۽ اصطلاح وغيره ڳالهين جي تمام چڱي خبر پئجي سگهي ٿي. گهڻي وقت کان آءٌ پاڻ انهيءَ پورهيي ڪرڻ جي خواهش دل ۾ رکندو آيس ۽ انهيءَ لاءِ نوٽ به رکندو آيس ۽ گهڻو ڪري سنڌ جي سيني ضلعن ۾ نوڪري ڪرڻ ڪري گهڻا هنڌ سنڌ اندر ڏسي ڇڏيم. بلڪ بلوچستان، قلات ۽ لس ٻيلي جي پاسي به ڏٺم جيئن حب، لاهوت وغيره. پر جيسين مون انهيءَ بابت سوالين وانگي اجا خيال پئي پچايا، تيسين منهنجي دوست مسٽر پيرومل اهو ساڳيو ڪم لاهي، پنهنجا سڀ ڪاغذ اوچتو آڻي منهنجي اڳيان رکيا. تڏهن اک پٽيم ۽ اهي پڙهي پنهنجي سستي ۽ نااميديءَ تي افسوس به ڪيم ۽ اهڙي ضروري ڪم جي پوري ٿيڻ ڪري خوشي به ٿيم. سچي ڳالهه اها آهي ته جهڙو ڪم آءٌ پاڻ ڪري سگهان ها، تنهن کان مسٽر پيرومل جو ڪم بهتر ڏٺم. گهڻيون ڳالهيون جي شايد منهنجي خيال ۾ نه اچن ها، سي هن جي خيال ۾ آيون آهن ۽ انهن جي هن پوريءَ طرح جانچ ۽ ڪوجنا ڪري، اهي پنهنجي ڪتاب ۾ آنديون آهن. امڪان آهي ته انهن مان ڪن جي نسبت ۾ ڪي صاحب هن سان شامل راءِ نه به ٿين ۽ هن جو قياس خيالي شمار ڪن، تڏهن به جيتري قدر شاهه صاحب جي لڪيل احوال ۽ سندس رسالي جي پرزن ڳنڍڻ سان سندس احوال جو سلسلو قائم ڪري ٿو سگهجي، انهيءَ موجب حقيقتون ترتيب وار آنديون ويون آهن. انهيءَ لاءِ سنڌ جي ماڻهن کي پيرومل جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شڪرگذار ٿيڻ گهرجي ۽ اميد ٿي رکجي ته اهو ڪتاب ماڻهو پڙهي خوش ٿيندا ۽ انهيءَ مان فائدو حاصل ڪندا." (2)

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو اين. ايچ پنجابي ۽ ڪمپني ڪراچي وارن 1928ع ۾ ڪڍيو هو. جڏهن ته اهو ان کان ٻه سال ڪن اڳ ٺي پنهنجي سنڌي ساهتيه سوسائٽيءَ واري ماهوار رسالي جي پرچن ۾ ننڍين ننڍين ڀاڱن "هنگلاج ڏي وينديءَ"، "گرنار ڏي وينديءَ"، "گرنار ڏي"، "سنڌ ڏانهن موٽنديءَ"، "مازئي جي ملڪ ۾"، "ٿر جو احوال" وغيره سرن هيٺ شايع ڪيو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاعر

ڪاڪي پيرومل ڪي جيتوڻيڪ "سنڌي نثر جو تنيو" ڪري سڏيو ويندو آهي، پر هن جو شاعريءَ جي ميدان ۾ بہ چڱو دخل هو. ٻوليءَ تي دسترس تہ رکندو ئي هو، پر منجهس مشاهدي جي قوت ۽ تخيل جي اڏام بہ خاصي هئي. هڪ حساس دل جو مالڪ تہ هو منڍ کان ئي هو. "غريب" جي تخلص سان شعر لکندو هو ۽ ڪيترائي شعر جوڙيا اٿائين. سندس جوڙيل شعرن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا اصلوڪا شعر جيڪي پاڻ جوڙيا اٿائين ۽ ٻيا ڪيترا شعر وري ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾، شاعراڻي قالب ۾ گهڙي، ترجمو ڪيا اٿائين.

پيرومل جا اصلوڪا شعر گهڻو تڻو واقعاتي آهن. ڪي اهڙا درشيہ يا گهٽنائون ڏسندو هو، جيڪي سندس چت کي چورينديون هيون، تہ سندس جذبا اٿل کائي اٿندا هئا ۽ انهن واقعن کي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪندو هو.

ڪراچيءَ وِيجهو بابا ڀيٽ کان وٺي - ماريپور لوڻ کاڻ تائين جيڪا کاري آهي، تنهن کي "نيءَ نار" سڏيندا هئا. 1902ع ۾ سخت طوفان لڳڻ ڪري، "نيءَ نار" جو پاڻي ماريپور تائين اٿلي ويو. پيرومل تن ڏينهين لوڻ کاتي ۾ ملازمت جي سلسلي ۾ ماريپور ۾ رهندو هو. جڏهن سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اٿل جو نظارو ڏٺائين تہ اُن تي امالڪ هڪ شعر جوڙيائين:

نيءَ نار ۾ نئي پيو، دم نہ دميائين،
مانڊان پٽ مواڄ جو، پيري پريائين،
جتي جر نہ اڳي اچٿو، اتي غضب ڪيائين،
لوڻ سڀ لوڙهيائين، اڊائي لک مڻ چٽ ٿيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ لڳا هڪ ڪنيو پڪيءَ ڪي سنهي مڇي ڪائيندي ڏٺائين. ٿورو پريرو هڪ ڏوئل پکڻ اهڙيءَ طرح ويني هئي ڄڻ ڪنيوءَ کي ڪائيندو ڏسي هن کي حسد پريو ارمان پئي ٿيو، جو وير ڏي پئي واجهايائين. اتي ٻيرومل ڪنيوءَ بابت ڪي بيت چيا، جن مان هڪ مثال هن ريت آهي:

ڪنيو ڪاري نير تي، ڦري ، ڦيريدار،
متان ڏسي مهراڻ ۾، ڪتي کو شڪار،
آلهي اچي اوچتو، تر تون ترت طمعدار،
ڦيرائي ڦهيار، چاٺيو وڃي چنج ۾.

ٻيرو مل شعرن جو هڪ مجموعو "گلزار نظم" جي نالي سان، 1909ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. بعد ۾ شعرن جو ٻيو هڪ انتخاب "جوهر نظم" جي نالي سان ۽ هڪ انتخاب "چونڊ ڪلام" جي نالي سان 1923ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين. "جوهر نظم" ۾ شاهه عبداللطيف، شاهه ڪريم، سچل سرمست ۽ خليفي گل محمد جي ڪلام مان چونڊ شعر، مضمون وار بيهاري ڏنا ويا هئا. هر هڪ شاعر جي زندگي، شعرن ۾ آيل لوڪ ڪهاڻين ۽ اوکن لفظن جي سمجهاڻي به ڏنل هئي.

ٻيرومل جي شعرن جي ٻولي، عبارت ۽ اسلوب تي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪيءَ شاعرن واري پراڻي لهجي جو گهڻو اثر هو. سنڌس شعر جو گهاڙيٽو به بيتن، دوهن ۽ سورٺن وارو هو. ڪجهه شعرن، غزلن ۽ ڪافين جي فارم ۾ ٻه لکيو اٿائين. سنڌس "سسئي ۽ ماڻس" وارو دوگاني جي روپ ۾ لکيل شعر ۾ به ڏسندا ته ان جي ٻولي ۽ گهاڙيٽو هوبهو پراڻي ڪلاسيڪي سنڌي شعر وارو آهي.

"سسئي ۽ ماڻس" وارو شعر ڌيءَ ۽ ماءُ وچ ۾ گفتگو واري ڍنگ ۾ آهي ۽ اهو شعر پراڻي سنڌي ۽ پنجابيءَ ۾ هير ۽ ان جي ماءُ ۽ سهڻيءَ ۽ ان جي ماءُ وچ ۾ ڳالهه ٻولهه واري انداز ۾ آهي. جنهن ۾ ماءُ ڌيءَ کي سمجهائيندي ڪيس پيار جي راهه ترڪ ڪرڻ لاءِ چوندي هئي ۽ هير يا سهڻي ان ڳالهه تي ڳت ڏينديون هيون ته اسين پنهنجو ساهه ڪان به پيارو عشق ڪيئن ڇڏيون. ٻيرومل جي "سسئي ۽ ماڻس" جا ڪجهه بيت هن طرح آهن:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سسئي: ماءُ!

اَيريا اَڄ انگور، ٻيني اندر ساجن سُور،
پل پل مارن مون کي پُور، منجهين ميوا منجهين ٻُور،
گولين کي جو کري گلزار، ڪيئن وساريان ٻو سردار!

ماڻس:

پهي ارٽ ۾ تو جا پاتي، ڪٽ تنهنين ڪَي تون ڪپاتي،
جيڏين تان آ جهر مر لاتي، تون پٽين ڇو چوري ڇاتي،
ويهي ڪٽ کا تن سان تار، پڻ تون پوري ڪين پهار،

سسئي:

اندر پنهنجو ارٽ بڻايم، پوڻي تنهن ۾ پرت جي پايم،
ڏور ڏکڻ جي جيئن جيئن ڏايم، سورن جيجان گهڻو ستايم،
تن ۾ جنهن جي تاڻيان تار، ڪيئن وساريان سُو سردار!

بهرحال، پيرومل جو جيڪو خاص اهميت وارو ۽ قابل ذڪر شعر آهي، سو آهي سندس ٻارن لاءِ لکيل شعر. ٻار آئينده جا اَبا ڏاڏا ٿين ٿا. انهن جي من ۾ جيون جي سونهن، سڃائي ۽ سچ ڏانهن لاڙو پيدا ڪرڻ ۽ ٻالڪن، خاص طور اسڪولي ٻالڪن ۾ ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ لاءِ ٻوجهه ۽ شاعراڻو شعور پيدا ڪرڻ ۽ ان ذريعي انهن ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ جو مايو وڌائڻ جي ضرورت محسوس ڪندي، پيرومل مهرچند سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ڏانوَ جا ڪيترائي شعر لکيا، جن ۾ ماءُ جي پيار بابت سندس شعر:

ڪنهن ٿي مون کي کير پيئاريو، پيار منجهان ٿي گود ويهاريو،
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو، منهنجي امڙ، منهنجي امڙ!

لاباري بابت هڪ بيت:

"اجهو اَسوءَ جو مهينو آيو، لاباري جو ٿيو آ سعيو".

"وقت چوي آءٌ بادشاهه"، "ماڪيءَ جي مک" ۽ ٻيا ڪيترائي بيت گهڻو مشهور

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهن. هن صديءَ جي شروعات کان جن سنڌيءَ ۾ تعليم ورتي، سي جدا جدا درجن ۾ درسي ڪتابن ۾ پيرومل جا اهي بيت پڙهندا رهيا.

پيرومل ٻاراڻن بيتن جو هڪ مجموعو آگسٽ 1926ع ۾ "نوبهار" نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو، جيڪو ان ئي سال تعليم کاتي وارن درسي ڪتاب طور منظور ڪيو. مارچ 1941ع تائين ان ڪتاب جا پنج ڇاپا نڪتا. ان ڪتاب جي ضرورت جو ذڪر ڪندي، پاڻ ڪتاب جي "منڍ" ۾ لکيو اٿس:

"انگريزيءَ ۾ ڪيترائي نظم جا ڪتاب آهن، جن ۾ جدا جدا شاعرن جا، جدا جدا مضمونن بابت عمدا شعر آهن، جي شاگردن کي پاڙهڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب اجا اسڪولن ۾ چالو نہ ٿيا آهن، جو انهن جي اڻاٺ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ مون هي ننڍڙو رسالو تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ ٿورا بيت انگريزيءَ مان ترجمو ڪري ۽ ٿورا پنهنجي خيال مان ناهي وڌا اٿم.

انگريزي چوٿين درجي کان وٺي ڇهين درجي تائين شاگردن کي ڪل 500 سٽون پڙهڻيون آهن. ٻولي بہ هر هڪ درجي جي مدنظر ڪم آندي اٿم، يعني پهريائين سولا بيت ۽ جيئن پوءِ تيئن ٿورا ڏکيا بيت وڌا اٿم تہ پل جيئن شاگرد مٿين درجن ۾ وڃي، تيئن پنهنجي مادري ٻوليءَ جو مايو وڌائيندو هلي." الخ (1)

"نوبهار" نالي شعرن جي مجموعي ۾ ڪل 18 شعر هئا، جن ۾ "ڏاٽيءَ جي وڏائي"، "شري فرمان عليءَ جو" ۽ "ڪوڏر" مرزا قليچ بيگ جو ڇڏي، باقي 16 بيت ڪاڪي پيرومل جا لکيل يا ترجمو ڪيل هئا، انهن ۾ "اَنڌو نينگر" "Colley Cibber" جي "Blind Boy" تان، "اسين آهيون ست"، انگريزي ڪوي "Wordsworth" جي "We are Seven" تان، "اڪيلائي"، "William Cowper" جي "Solitude of Alexender" تان، "فرمانبرداري" ۽ عميق جا خزانا"، مسز "Felicia Dorotthea Hemans" جي "Casablianca" ۽ "Treasure of Deep" تان پڻ سنڌي ٻوليءَ ترجمو ڪيا هئائين ۽ "جرمنيءَ جي جنگ"، "شهنشاهہ ۽ مسخرو"، "سپنو"، "سچي سوچ"، "بلبل جو فرياد"، "سچي خوشي"، "پتنگ" "بهاري موسم"، "تي اُهڃ"، "سر ٿامس رو" (تي ياڳا) ۽ "سسئي ۽ ماٽس" سندس پنهنجون لکيل ڪوتائون هيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيٰ صاحب ائين چوندا آهن تہ پيرو مل جيڪي ٻاراٽا شعر لکيا آهن، سي سڀ هن هندي، انگريزي وغيره ٻولين تان ترجمو ڪيا آهن. پر حقيقت هيئنئن آهي تہ هن اگر ڪي شعر ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيا آهن تہ انهن جو اصلوڪو نالو ۽ اصل شاعر جو نالو سنڌي ترجمي جي مٿان ڄاڻايو آهي. اها سندس ايمانداري آهي جو ان طرح مڪمل تفصيل ويهي ڏنا اٿس.

"نوبهار" ۾ هر بيت جي هيٺان ڏکين لفظن جون معنائون بہ کولي سمجهايون اٿائين. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ "سسئي پنهون" جي آکاڻي نثر ۾ ڏنل آهي. ڪتاب ۾ ڪل 46 صفحا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ترجمان

ترجمن کي ساهتيہ ۾ پنهنجو مهتو آهي، جيڪو اصلوڪي ساهتيہ کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ آهي. صحيح معنيٰ ۾ ترجمو تہ پاڻ اصلوڪي رچنا کان بہ وڌيڪ محنت ۽ لياقت گهري ٿو. حقيقت ۾ تہ اصلوڪي رچنا لکندڙ بہ هڪ ترجمان ئي آهي. اصلوڪي رچنا ڪندڙ پنهنجي دل جي احساسن ۽ امنگن ۽ پنهنجي شخصي آزمودن جو ٻوليءَ وارين علامتن ذريعي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ نقل اتاري ٿو۔ ۽ ترجمان ان ترجمي جو ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪري ٿو.

ترجمي جي وڏي اهميت اها آهي جو انهن جي مدد سان ڌاريون ٻوليون نہ ڄاڻڻ جي باوجود انهن جي بهترين ساهتيہ. شاهڪار گرنٿن ۽ دنيا ڀر جي گيان وگيان مان فيض حاصل ڪري سگهجي ٿو.

نون اسرندڙ ساهتين جي واڌاري ۾ تہ ترجمن جي اهميت تهائين وڌيڪ آهي. ترجما نئين سر اسرندڙ ساهتيہ جي ذخيري کي وڌائن ٿا ۽ واسطيدار ٻوليءَ جي ليکڪن ۽ پاٺڪن لاءِ اوچ ماڻ ۽ معيار ميسر ڪري انهن کي اوچ معيار واري ساهتيہ ڏانهن آماده ڪن ٿا.

پيرومل مهرچند وارو دؤر سنڌي ۾ نثر واري ساهتيہ جي اوسر جو دؤر هو. پيرومل جي جنم کان ڪي 25-20 سال اڳ ئي، سنڌ جي گوري ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي حڪم سان سنڌ ۾ سنڌي تعليم لاءِ اسڪول کليا هئا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ دستوري تعليم ڏيڻ جو رواج پيو هو. سياويڪ ان لاءِ درسي ڪتابن ۽ ٻين ساهتيڪ ڪتابن جي ضرورت بہ پيدا ٿي، جيڪا ان وقت جي استادن. ديوان ننديرام ميراڻي، اڌارام ٿانور داس، پريداس اڌنرام ۽ مرزا قليچ بيگ صاحب گهڻي قدر پوري ڪئي. وس پڄندي اصلوڪا ڪتاب بہ لکيا ويا. پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان دؤر ۾ ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيل ڪتابن بہ سنڌي ساهتيہ کي وڏي اوج ڏني. شروعات ۾ سيد ميران محمد شاهہ، شري غلام حسين قادري ۽ ٻولچند ڪوڏو مل هندي ۽ ٻين ٻولين جا سٺا ۽ نصيحت آميز ڪتاب ترجو ڪري سنڌيءَ ۾ آندا. بعد ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙي مل، پرمانند ميوارام، آچاريہ آسودي مل گدواڻي، ڇيتمل پرسرام وغيره هندي، سنسڪرت، انگريزي ۽ دنيا جي ٻين ٻولين جا بهترين ڪتاب سنڌيءَ ۾ آڻي سنڌي ساهتيہ کي مالامال ڪيو.

ڪاڪو ڀيرومل بہ هن ڪيتر ۾ پٺتي ڪونہ رهيو. هن صاحب ادب جي پانت پانت شاخن تي اصلوڪا ڪتاب تہ لکيا ئي، پر ٻين ٻولين جي نثر توڙي نظم جي بهترين رچنائن کي بہ سنڌيءَ ۾ آڻي، سنڌيءَ ۾ دنيا جي بهترين ساهتيہ جون رچنائون ميسر ڪري ڏنائين.

ڀيرومل صاحب ٻين ٻولين مان ساهتيہ جا سنڌي ۾ ترجما مکيہ طرح ٻن مقصدن سان ڪيا. هڪ تہ هن دنيا جي بهترين ساهتيڪ ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ آڻي، سنڌي ساهتيہ کي اوج ڏيڻ چاهي. هو سٺي ليکڪ هئڻ سان گڏ اونهو اڀياسي بہ هو ۽ سنڌي ۾ ڇپجندڙ ساهتيہ ڌاران، هندي، انگريزي، بنگالي، گجراتي، سنسڪرت وغيره ڪيترن ئي ٻولين ۾ ڇپجندڙ اوچ معيار واري ساهتيہ جو اڀياس ڪندو رهندو هو. انهن ڀاشائن جو جيڪو اعليٰ درجي جو نثر ۽ نظم ڏٺائين، تنهن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ جيئن اهڙا سنڌي پاٺڪ، جن جي انهن جي ڀاشائن تائين رسائي نہ آهي، سي ان ساهتيہ جو فيض ماڻي سگهن.

سندس ٻيون مقصد درسي ڪتابن جي کوٽ پوري ڪرڻ جو هو. جيئن اڳ چيو ويو آهي، ڀيرومل واري دؤر کان ٿورو ئي اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو رواج پيو هو ۽ درسي ڪتاب اڃا ڪافي ماترا ۾ موجود نہ هئا. پر انگريزي، هندي ۽ ٻين ڀاشائن ۾ درسي ڪتابن جي ڏانوَ جا ڪيترائي ڪتاب هئا. ڀيرومل صاحب ان مقصد سان ڪيترو ئي نثر ۽ نظم ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

معياري ۽ ساهتيڪ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي ڏس ۾ هن جو "گولن جا گوندر" ڪتاب خاص ذڪر لائق آهي. هي ڪتاب مسز هئرئيٽ ايليزبيٿ بيچر اِسٽو جي لکيل انگريزي ناول "انڪل ٽامز ڪئبن" (Uncle Tom's Cabin) جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي ترجمو آهي. هي ڪتاب اصل ۾ جيتوئيڪ 1852ع ڌاري لکيو ويو هو، پر اهو وشو ساهتيہ ۾ ايترو تہ مشهور ٿيو ۽ ان کي ايتري تہ اهميت ملي جو اٽڪل سؤ سالن بعد جڏهن ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ هڪ ڪتاب "Books that Changed the World" نڪتو، تہ ان ۾ چاڙهايل ڪتابن ۾ هن ڪتاب کي بہ شامل ڪيو ويو. پيرومل صاحب هي ڪتاب انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ جو آماده ٿيو، ان جو ذڪر ڪندي ڪتاب جي "منڍ" ۾ لکي ٿو: "اڳي دنيا جي ڪيترن ڀاڱن ۾ ڀانهن جو واپار هلندو هو. ڪيترن غلامن سان اهڙيون تعديون ٿينديون هيون، جو رکي ڏٺي پناهہ ۾! اهو انڌير آمريڪا ۾ بہ هو. سنہ 1850ع ۾ آمريڪا سرڪار ڀاڄوڪڙ غلامن لاءِ هڪ سخت قاعدو جاري ڪيو (ڏسو باب ستون). انهيءَ قهر جي قاعدي سبب هڪ رحمدل مئڊم مسز هئرئيٽ ايليزبيٿ بيچر اسٽو هڪ ڪتاب سنہ 1852ع ۾ لکيو، جو "انڪل ٽامز ڪئبن" نالي سان مشهور آهي. انهيءَ ڪتاب جي وسيلي ماڻهن ۾ هيءَ برجهہ وڌائين تہ ڌڻيءَ سيني کي آزاد ڪري خلقيو آهي، تنهنڪري انسانيت جو انگ ڌاري، اهي قهر جا قاعدا ۽ رواج بند ڪريو. سندس ڪتاب وندرائيندڙ ۽ ڪلائيندڙ آهي، پر جتي غلامن جي دردن جا داستان ٿي کولي، اتي تہ جنسي رئاريو ڇڏي. ڪي ماڻهو اڳ ئي سندس راءِ جا هئا، ويتر هن ڪتاب ڀين جون بہ اکيون کوليون. پوءِ تہ ڌڻيءَ ڪيو تہ نہ رڳو اهو ظلم جو قاعدو رد ٿيو، پر غلاميءَ جو نالو ئي نڪري ويو! مون کي اميد آهي تہ هن دل ڀڄائيندڙ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، اسانجن ماڻهن ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ديا جو انگ پيدا ٿيندو، جو هو بلبل، چتونءَ يا ٻئي ڪنهن پکيءَ کي پڃري ۾ بند نہ ڪندا، جو آزادي پکين جي جنم جو حق آهي." (۱)

هي هو انساني آزادي لاءِ عزت ۽ ٿلهي ليکي سيني لاءِ آزاديءَ لاءِ چاهت جو جذبو، جنهن پيرومل صاحب کي هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ آماده ڪيو. پيرومل صاحب جي ٻين ڪيترن همعصر سنڌي ليکڪن، جهڙوڪ ڄيٺمل پرسرام، لالچند امر ڏنو مل وغيره ان وقت برطانوي حڪومت کان ديس جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مهاتما گانڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ قومي هلچل ۾ بہ سرگرم ڀھرو ورتو هو ۽ جيل جون سزائون بہ ڀوڳيون هيون. ان سندرڀ ۾ سوچڻ سان محسوس ٿيندو آهي تہ پيرومل ان ڏس ۾ پٺتي چو رهيو. پر پيرومل جي مٿي ظاهر ڪيل جذبن مان پڌرو آهي تہ هن کي آزاديءَ لاءِ ڪيڏو نہ پيار ۽ قدر هو. پيرومل جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ شخصي طرح ڀھرو نہ وٺڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو ڪارڻ تہ ظاهري طور تہ اهو هو تہ هو سرڪاري ملازم هو ۽ جيتوڻيڪ ديس جي آزاديءَ لاءِ هن جي دل ۾ بہ آڌما هئا، پر سندس شخصي ۽ ڪٽنبي حالتون اهڙيون هيون جو هو پنهنجي ڪرت ڪار ڇڏي ان ڪيتر ۾ گهڙي نٿي سگهيو. ان ڪري هن آزاديءَ لاءِ پيار ۽ ديس ڀڳتيءَ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو جو اهڙن جذبن کي اجاگر ڪندڙ ساهتيہ جي رچنا ڪيائين. سندس ديس لاءِ فخر ۽ وطن دوستيءَ وارا جذبا اسان کي سندس "قديم سنڌ"، "موئن جو دڙو"، "آزاديءَ جي ڪوڏي" وغيره ڪتابن ۾ بہ جان تان ملن ٿا.

اها تہ ٿي پيرومل جي آزاديءَ لاءِ پيار جي ڀاونا، جا هن ناول جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ لاءِ محرڪ بڻي. پر "گولن جا گوندر" بابت جيڪا خاص ذڪر لائق آهي، سا آهي پيرومل جي انواد ڪلا. ترجمو ڪندڙ اڳيان مکيہ مسئلو اهو ٿيندو آهي تہ اصلي رچنا جو عين بين ترجمو ڪجي، يا اُن جي ويچارن ۽ احساسن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيش ڪجي. ترجمي اندر ضرورت موجب ڪجهہ داخل ڪجهہ خارج ڪجي يا اصلي رچنا جي هڪ لفظ کي بہ هيڏانهن هوڏانهن نہ ڪجي. پيو تہ ترجمي ۾ عبارت اصلوڪي رچنا جهڙي رکي وڃي، يا ترجمان پنهنجي عبارت اختيار ڪري. ترجمي ۾ زمان، مڪان ۽ ماحول اصلوڪي رچنا وارو رکيو وڃي، يا ليڪڪ ان رچنا کي پنهنجي وقت ۽ ٻوليءَ واري تهذيبي ڍانچي ۾ ڍهڪائي پيش ڪري. ان قسم جا ڪيترائي معاملا آهن، جيڪي ترجمي جي ڪم کي ڏاڍو پيچيده ڪم بڻائين ٿا.

مذڪوره معاملا اهڙا آهن، جن لاءِ ڪوبہ پڪو پختو مقرر حل پڌائي نٿو سگهجي. انهن سوالن جي حل ۾ ترجمان جو شخصي ڏانءُ وڏي اهميت رکي ٿو. ترجمي جي ڪاميابيءَ جو آخرين ماڻ اهو ٿئي ٿو تہ ان ۾ اصلوڪي رچنا جي روح کي سالم رکيو وڃي ۽ ان جي رنگ و بو ۽ زيب ۽ زينت کي ان طرح برقرار رکيو وڃي، جيئن اهو غير فطري نہ لڳي.

"گولن جا گوندر" ۾ اصلوڪي انگريزي ناول جي ويچارن، احساسن امنگن کي ترجمان اصلوڪي ناول واري سڌي سنواٽي بياني عبارت ۾، پرمائيدار، اصطلاحن ۽ پهاڪن ڀري چيدي سنڌيءَ ۾، اهڙي تہ سهڻي ۽ سياويڪ نموني پيش ڪيو ويو آهي، جو ان مان اصلوڪي رچنا جهڙو لطف پيو اچي. پيرومل جي سنڌي انواد جي سياويڪ جا ڪي نمونا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ٿام ۽ سندس زال کان موڪلائي، ايلائيزا پٽ کي هنج ۾ قابو جهلي، تڪڙي تڪڙي هلندي ويئي. هڪڙي رات اونداهي، بيو پارو پئي پيو، پر هن پنهنجي آنڊي جي سواد ـوڃان ڪنهن بہ ڳالھ جو خيال نہ ڪيو ۽ واچوڙي وانگر پئي ويئي!!"

"...ماڻس پنني ٺپري ڇيس تہ "نہ پٽڙا، توکي ڪنو ماڻهو هاڻي ڪونہ ڪٽندو. تون پلي ننڊ ڪر". ايلائيزا ٻار کي دلداري ڏني، پر ڪيس دلداري ڏيڻ لاءِ سچي پٽ ۾ سائينءَ کان سواءِ پيو ڪير ڪونہ هو. هُوءَ ڏٽيءَ کي سنياريندي، سٽيندي هلي ۽ ٻاهران پنهنجي پٽ کي ائين پئي ڏيکاري ڏنائين ڄڻ تہ ڊپ ڊاءَ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي. ٻار ويچاري کي کهڙي سڌ تہ هن جي اندر ۾ ڇا پيو وهي واپري! هو ٻئي ٻانهون ماءُ جي ڳچيءَ ۾ وجهي، پنهنجو ڪنڌ هن جي ڪلهن تي رکي سمهي پيو ۽ سگهو ئي ننڊ ڪٽي ويس. هن ٻار جيئن ننڊ ۾ ساهہ پئي کنيو، تيئن سندس وات جي ڪوسي هوا ماڻس جي ڳچيءَ ۽ منهن تي پئي لڳي ۽ انهيءَ جادوءَ جهڙو اثر پئي ڪيو." (2)

"گولن جا گوندر" ناول پيرومل صاحب مارچ 1928ع ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو ان وقت تہ سنڌي پاٺڪن ۾ تمام گهڻو لوڪپريہ ثابت ٿيو، پر ڪتاب جي وٽندڙ ۽ درد ڀري ڪهاڻي ۽ ڪاڪي پيرومل جي عالماڻي ۽ سپڪ ٻوليءَ جو تاثير ايترو تہ ديرپا رهيو، جو اٽڪل 28 سال کن پوءِ سنڌي جي هڪ معياري پبليڪيشن "ڪهاڻيءَ" وارن 1956ع ۾ اهو وري ڇپايو.

مٿي ڄيو ويو آهي تہ ترجمي جي ڪردار ۾ ڪيترائي پيچيده سوال اڀيان اچن ٿا، جن ۾ هڪ اهو بہ آهي تہ اصلوڪي رچنا جي عبارت، ان جي زمان، مڪان ۽ تهذيبي ماحول کي جيئن جو تيئن قائم رکجي يا ان ۾ موزون ڦير ڦار ڪجي. ان جي حل لاءِ ٻڌايو ويو تہ ' جو گهڻو دارومدار ترجمان جي شخصي ڏانوَ تي رهي ٿو. پيرومل صاحب جيڪي ترجما ڪيا، تن ۾ ان شخصي ڏانوَ کي خوبيءَ سان ڪم آندائين. "گولن جا گوندر" ۾ تہ هن اصلوڪي انگريزي رچنا واري سڌي سنواٽي بياني عبارت قائم رکي ۽ ناول جي ڪردارن کي بہ جيئن جو تيئن قائم رکيو، پر ان جي برعڪس، رابندر ناٿ ٽئگور جي مشهور انگريزي ناٽڪ "پوسٽ آفيس" جو ترجمو جيڪو هن "آزاديءَ جي ڪوڏي" نالي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان شايع ڪيو، تنهن ۾ هن اصلوڪي رچنا ۾ ڪجهه ڦير ڦار ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو ان تصنيف کي ترجمو ڪونه سڏيو اٿس، پر ان کي "پوسٽ آفيس تان ورتل" ڪري بيان ڪيو اٿس. هن ناٽڪ ۾ ڀيرومل جيڪا مکيه تبديلي ڪئي آهي، سا هيءَ ته اصلوڪي ناٽڪ ۾ ٻار جو مکيه ڪردار، جيڪو هڪ ڇوڪري جو آهي، تنهن کي سنڌي ناٽڪ ۾ ڇوڪريءَ "ڪڪلو" جي روپ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ناٽڪ ۾ ٻال منو وگيان واري جيڪا اسٽتي پيش ڪئي ويئي آهي، اها مون کي لڳي ٿو ته ننڍي ڇوڪريءَ جي ڪردار سان پاڻ وڌيڪ اثردار ٿي بيٺي آهي. ٻين ڪردارن جي نالن ۾ به سنڌي ماحول موجب تبديل ڪري، ڪردارن کي ڪاڪو ڪيولرام، چيلا رام وغيره نالا ڏنا اٿس.

هن ناٽڪ ۾ روي بابوءَ ڏيکاريو هو ته ٻارن کي به پنهنجي آزادي ڪيتري نه پياري ٿئي ٿي جو هڪ سخت بيمار ۽ ڪٽ داخل ڇوڪري به باوجود گهٽي جهل پل ۽ نظرداريءَ جي، آزاديءَ سان ٻاهرين دنيا سان لهه وچڙ رکڻ لاءِ ڪيترو نه تڙپي ٿي. هي ڪتاب به ڀيرومل صاحب جي سپڪ ۽ سلوڻي جيدي سنڌيءَ ۾، سياويڪ انواد جو هڪ سهڻو مثال آهي. ڪاڪي ڀيرومل جو 52 صفحن ۽ ٻن ڇهڇٽن تي مشتمل هي ڪتاب رتن ساهتيه منڊل ڪراچيءَ وارن 1938ع ۾ ڇپايو هو. هي ڪتاب ڪاڪي ڀيرومل "پياري پٽڙي، هيءُ توکي ئي ارپيم" جي لفظن سان، پنهنجي ننڍي ڌيءَ ستيءَ کي ارپڻ ڪيو هو، جنهن سان کيس گهڻو پيار هو ۽ جا ننڍي اوستا ۾ ئي گذاري ويئي هئي.

ڀيرومل صاحب جو ڪيل هڪ ٻيو ترجمو، جو به ڌيان ڇڪائي ٿو، سو آهي سروالٽر اسڪاٽ جو ڪتاب "ٽالزمن"، جو هن صاحب "طلسم" (ٽئليسمن) جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. هي به هڪ ناٽڪ ئي آهي. هي ڪتاب دراصل ساڌو هيرانند سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ 56 صفحا ترجمو ڪري 1891ع کان وٺي پنهنجي مخزن "سرسوتيءَ" ۾ ٿورو ٿورو ڪري، شايع ڪندو رهيو هو. پر جيئن ته حياتيءَ ساڻس وفا نه ڪئي، ان ڪري اهو ڪم رهجي ويو هو. پر پوءِ ڀيرومل صاحب، ساڌو هيرانند سان پنهنجي محبت ۽ هن ڪتاب جي خوبين کان محرم ٿي، ڪتاب جا بقايا 82 صفحا پاڻ ترجمو ڪري هي ڪتاب شايع ڪيو. هن ڪتاب جي قابل ذڪر ڳالهه اها آهي جو ڀيرومل صاحب ڪوشش ڪري، پنهنجي عبارت کي هوبهو ساڌو هيرانند وارو رنگ ڏنو آهي ۽ ان ۾ ڪامياب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رهيو آهي. سندس ترجمو اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين سان سينگاريل آهي. هن ترجمو ٿيل ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ به اهڙي ئي جاءِ حاصل ٿي هئي، جهڙي اصلوڪي ڪتاب کي انگريزي ادب ۾ حاصل آهي.

هي ڪتاب، جنهن جي اڳيان، پيرومل جو لکيل "سر والٽر اسڪاٽ جي جيون" بابت مضمون به آهي، سومئي 1927ع ۾ شايع ٿيو هو. هي ڪتاب ايترو ته مشهور ٿيو جو ان جا ڪيترا ئي ڇاپا نڪتا. طلسم (غازي صلاح الدين) جو ٻيون ڇاپو 1944ع ۾ شايع ٿيو هو.

ان کان سواءِ پيرومل صاحب شيڪسپيئر جي تاريخي ناٽڪ "King John" جو به ترجمو ڪيو هو، جنهن کي سنڌيءَ ۾ "حرص جو شڪار" نالو ڏنائين. هن هي ناٽڪ اردو ترجمي تان ورتو هو، جو ڪتابي صورت ۾ ته شايع ٿيو، پر اسٽيج تي ڪونه آندو ويو.

پيرومل انهن ڪن وڏن ڪتابن کان سواءِ ٻيا به ڪي ننڍا ننڍا ڪتاب ۽ متفرقه مضمون، آکاڻيون ليک وغيره به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپايا. هن فقط نثر جون تصنيفون ئي ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ نه آنديون، پر ٻين ٻولين جي نظم وارين رچنائن کي به انواد ڪري سنڌيءَ ۾ آندائين. ان قسم جون رچنائون ترجمو ڪرڻ پٺيان هن جو مکيه مقصد اسڪولي ۽ ڪاليجي شاگردن لاءِ درسي ڪتابن جي ڏانوَ واريون رچنائون ميسر ڪرڻ جو هو.

هن صاحب فقط انگريزيءَ مان ئي نه پر هندي، اردو ۽ ڪيترين ٻين ٻولين مان بيت به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ڪن حلقن ۾ اها غلط فهمي آهي ته پيرومل ٻين ٻولين تان رچنائون ترجمو ڪري، اصلوڪين رچنائن طور ڇپايون آهن. پر حقيقت ته اها آهي ته هن صاحب "نوبهار" توڙي ٻين ڪتابن ۾ اصلوڪين رچنائن جي ليکڪن جا نه صرف نالا پر انهن رچنائن جا اصلوڪا عنوان ۽ وس پڄندي اصلوڪي ٻوليءَ جو نالو پڻ ڄاڻايو آهي.

پيرومل نظم جا جيڪي ترجما ڪيا آهن، سي نظم جي باقاعدي بحر وزن يا ڇند تي ٻڌل آهن ۽ انهن ۾ ٻولي به ڪلاسيڪي ڍنگ جي آهي، جيڪا اسان جي جهونن شاعرن شاهه، سچل ۽ سامي وغيره جي ڪم آندل سنڌيءَ جهڙي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بحث ڪار

پيرومل مهرچند هڪ سرگرم تخليقڪار هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سچيت ۽ سجاڳ شخص به هو. جيڪو پنهنجي آس پاس ٿيندڙ ڳالهين ڏانهن اکيون ۽ ڪن کليل رکندو هو. انهن تي سوچيندو هو ۽ انهن ڏانهن پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندو هو. ساهتيڪ يا سماجڪ کيتر ۾ ڪي به معاملا يا مسئلا پيدا ٿيندا هئا ته انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ انهن تي پوريءَ طرح غور ڪري، پنهنجا ويچار ليکن ذريعي عوام اڳيان رکندو هو. سندس ساهتيڪ زندگيءَ دوران جيڪي به ادبي ۽ علمي بحث ٿيا، واد وواد هليا، تن ۾ هن سرگرم ڀاڱو ورتو. ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جي "شاهه جو رسالو" تي ادبي بحث هجي، يا ڊاڪٽر دائود پوٽي جي "ابيات سنڌي" تي، يا هن طرفان شروع ڪيل اعرابن واري سرشتي تي واد وواد هجي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ موزون آئيوٽا جو سوال هجي يا سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ اعرابن جي سوال تي بحث هجي، زالن جي تعليم وارو معاملو هجي يا هندن جي ريتن رسمن بابت بحث هجي يا وري سنڌي لفظن جي معنائن جو ئي معاملو هجي، هن صاحب اهڙن سڀني بحث ۾ سرگرم ڀاڱو ورتو.

ڊسمبر 1923ع ۾ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي "شاهه جو رسالو" جو پهريون ڀاڱو شايع ٿيو، جنهن عالمن ۽ اديبن جو گهڻو ڌيان ڇڪايو. ان ڪتاب جو جيتوڻيڪ عام طرح چڱو سواڳت ٿيو، پر ان تي واد وواد به جيئن جو تيئن هلي هئي. جيٺمل پرسرام صاحب 24-1923ع دوران، پنهنجي پارت واسي اخبار جي ڪيترن ئي پرچن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تي هن طرفان اختيار ڪيل تلفظ ۽ هنن تهمتن هيٺ سخت جلهه ڪئي ته ڪتاب جي مهاڳ ۾ اجايو ڏکيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عربي پارسي لفظ ٽنبيا ويا آهن ۽ اڳ موجود رسالن جي پيٽ ۾ شاهه صاحب جا هڪ هزار کن بيت رد ڪيا ويا آهن. ان معاملي تي پوءِ ڏريون ٿهي پيون ۽ مرزا قليچ بيگ، ديوان ليلارام سنگهه وغيره به ان بحث ۾ لهي پيا. پيرومل مهرچند به هن بحث ۾ سرگرم بهرو ورتو ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جو پاسو ڪٽيندي، 14 جنوري 1924ع جي پارت واسيءَ ۾ هڪ وڏو ليک لکيائين. جنهن ۾ چينمل طرفان ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي تي اٿاريل اعتراضن جو ڪندن ڪيو هٿائين. چينمل جي تنقيد کي "مڇيءَ مان ڪنڊا ڪڍڻ" ۽ "ٺٺول" سڏيندي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رويي کي جائز قرار ڏيندي پيرومل لکيو:

"…. اهو اصل قاعدو آهي ته هر ڪو قابل ۽ سمجهو لکندڙ هميشه مضمون جي مناسبت تي لفظ ۽ جملا ڪتب آڻيندو آهي. خود رسالي ۾ ڏسبو ته شاهه صاحب "مستزق" ۽ ڪيتر ڏکيا لفظ ڪتب آندا آهن ۽ قرآن شريف ۽ حديث مان سڄيون سڄيون آيتون ڏنيون اٿس. حقيقتاً سڄو رسالو ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن سان پريو پيو آهي. پروفيسر گربخشاڻيءَ جو رسالي "مقدم" (پرستاونا) لکيو هو، تنهن مان سندس قابليت چٽيءَ طرح پيئي بکي. "مقدم" لفظ عام طرح پارسي ۽ اڙدو ڪتابن ۾ ڪم آڻيندا آهن ۽ اوهان اهو لفظ اڳي نه ٻڌو آهي ته لکيو اٿوَ ته "عام ريت سنڌيءَ جا ڳالهائيندڙ پائيندا ته هي ڪو ڪورٽ جو مقدمو آهي." هي رواجي لکڻ نه آهي، پر ٺٺولي آهي، جا ڪنهن به اخبار نويس جي شان وٽان ڪانهي. توهان کن ڏکين لفظن نسبت کي غلط ڳالهيون به ڪيون آهن. مثلاً "مقدم" معنيٰ پومڪا چاٽائي اٿوَ ۽ "همدوش" بدران "لاڳو" لفظ ڏسيو اٿو، جو بلڪل ڪين ٺهندو. توهان لکيو آهي ته پروفيسر لفظن جي اکري معنائن تي وڌيڪ زور رکيو آهي. اٿين به لکيو اٿوَ ته "وڌيڪ ضرورت اندروني رغبت جي آهي." توهان جي اها راءِ پوري نه آهي. وڌيڪ ضرورت آهي ٿي لفظي معنائن جي، لفظن جي معنيٰ ئي نه سمجهبي ته روحاني راز ڪيئن پروڙي سگهبا؟"

اهو هو پيرومل چينمل پرسرام کي ڏنل جواب جو هڪ حصو. هن صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ موزون لپيءَ جي معاملي تي بحث ڇڙيو ته پيرومل صاحب ان ۾ به ڀرپور حصو ورتو. هن لپيءَ سان واسطو رکندڙ سڄي معاملي جو اڀياس ڪيو. جدا جدا دورن ۾ سنڌيءَ ۾ ڪم آيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لپين بابت گهري ڪوج ڪيائين. موجود عربي، پارسي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جي موزونيت ۽ انهن جي وگيانڪ آڌار تي سوچ ويچار ڪيائين. سال 1934ع ڌاري هن ڪراچيءَ جي سرناگتي هال ۾ ان وشيہ تي عالماڻو ليڪچر ڏنو هو. جو بعد ۾ سنڌو مخزن جي جنوري 1934ع واري پرچي ۾ ليک جي روپ ۾ ڇپيو. پيرومل صاحب ان ليک ۾ موزون ۽ مناسب لپيءَ لاءِ اصولن ۽ آڌار جو ذڪر ڪندي، دنيا جي مکيہ لپين جي خوبين ۽ خامين جو ذڪر ڪندي، دليل ڏيئي سنڌيءَ جي موجوده لپيءَ کي "نقص پري" ثابت ڪندي، هندن توڙي مسلمانن کي صلاح ڏني هئي تہ، "هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ نظم نثر جا هزارها ڪتاب هاڻوڪي آئيوينا ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، تہ بہ آءٌ جيڪر چوان تہ انهيءَ ڳالهہ جو خيال نہ ڪري، هاڻوڪي عربي سنڌي آئيوينا کي عربي سمنڊ ۾ لوڙهي وڏي دل سان ديوناگري اکر ڪم آڻڻ گهرجن."

پيرومل صاحب موجوده لپيءَ بابت پنهنجا ويچار ظاهر ڪندي وڏيڪ لکيو تہ:
"هاڻوڪي عربي سنڌي آئيوينا نهايت نقصانڪار آهي. هندن توڙي مسلمانن کي هڪ وڏو ڇيهو جو انهيءَ مان رسيو آهي، ۽ اجا بہ رسندو رهندو، سو هيءُ آهي تہ سندن ناز مان پاليل ٻچڙن جي بي بها حياتيءَ جو سڄو سارو هڪ ورهيہ انهيءَ انڌي آئيوينا سکڻ ۾ ٿو وڃي. انگريزي آئيوينا ۾ 26 اکر، عربيءَ ۾ 28، پارسيءَ ۾ 32، هنديءَ ۽ مراهٺيءَ ۾ 35، پر اسان جي سڳوري عربي سنڌيءَ ۾ 51 اکر!!!"

ڪاڪي پيرومل جو اهو پڻ عقيدو هو تہ هندن ۽ مسلمانن کي ملائڻ هڪ ڪرڻ جو اپاءُ فقط ديوناگري لپي آهي، جنهن سان انهن کي هڪ عام سڃاڻپ ملي سگهي ٿي.

سنہ 1939ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو "ابيات سنڌي" ڪتاب شايع ٿيو، جنهن ۾ خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري جا سنڌي بيت ڊيباچي سان گڏ ڏنا ويا هئا. ان جي ديباچي واري حصي ۾ ڪتب آيل ڏکين عربي پارسي لفظن ۽ ان ۾ هندو جذبات کي ڏکوئيندڙ ڪن ڳالهين کي وٺي بہ وڏو بحث ڇڙي پيو هو. جيئن تہ معاملو هندڪي مسلمان ڪي طرز جو هو ۽ ڪتاب بي. اي جي ڪورس تي بہ رکيل هو، ان ڪري معاملي تي وڏو چوپول متو هو. پيرومل صاحب بہ ان ۾ سرگرم حصو ورتو ۽ پارت واسي جي 1940ع وارن ڪن پرچن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ان وشيہ تي ليک لکيائين. جنهن ۾ هن دائود پوٽي جي ڪتاب ۾ ذڪر ٿيل هندڪي مڙهي ڍاهڻ جي واقعي کي تاريخي حقيقت ڪري ڄاڻايو هو، جيڪا ڳالهہ دائود پوٽي جي بچاءَ ۾ پيش ڪيئي ويئي. شري ڀيرومل جو رويو جيتوڻيڪ ڪن هندو ميمبرن- واڌو مل ايسرداس وغيره کي پسند نہ پيو هو، تنهن هوندي بہ ڀيرومل پنهنجي رخ تي قائم رهيو. اهو ڏيکاري ٿو تہ ڀيرومل صاحب نہ فقط هڪ سچاڳ شخص هو. پر تاريخي، علمي ۽ ادبي بحثن ۾ هندڪي، مسلمانڪي، تنگ خياليءَ کي جاءِ نہ ڏيندو هو ۽ جيڪو صحيح سمجهندو هو، سو چٽيءَ ڏيندو هو.

اهڙو ئي رويو ڀيرومل دائود پوٽي طرفان شروع ڪيل اعرابن واري سرشتي تي ڇڙيل بحث دوران بہ ورتو. هي معاملو هن ريت هو جو 1905ع کان اڳ ڇپيل گهڻن درسي ڪتابن ۾ اعرابون (Vowels)، عربي گرامر موجب حرف صحيح هيٺان ڏنيون وينديون هيون، توڙي ڪن جهونن سنڌي ڪتابن ۾، سنڌي گرامر موجب پڇاڙيءَ وارن حرف علت هيٺان بہ اعرابون ڏنيون ويون هيون. 1905ع ۾ ڪاورنٽن صاحب جي صدارت هيٺ سرڪاري Text Book Revision Committee نهي، جنهن جهونو عربي طريقو ڇڏي، نئون سنڌي طريقو اختيار ڪيو ۽ پوءِ ان موجب ئي 1939ع تائين سنڌي درسي ڪتاب نڪرندا ۽ پاڙهبا رهيا. پر 1940ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي تعليم کاتي جي ڊئريڪٽر جي حيثيت ۾ اهو هالو چالو نمونو ترڪ ڪري وري اعرابن جو عربي طريقو اختيار ڪيو ۽ ڪيترن سنڌي لفظن جي صورتخطيءَ ۽ اچار پڻ هلندڙ نموني مان بدلائي نج عربي طريقي موجب ڪيائين. جنهن ڳالهہ تي واد وواد هلي ۽ اخبارن ۽ چونپڙين ذريعي وڏا بحث هليا. ڀيرومل صاحب هن بحث ۾ زور شور سان بهرو ورتو ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي مخالفت ڪئي. چينمل پرسرام، ڏيارام وسڻ مل، منوهرداس ڪوڙو مل ۽ پروفيسر ڪي. ايچ ناگراڻي وغيره جن "سنڌي ساهت سڀا" نالي سنستا ناهي خوب چونپڙيون وغيره ڪڍيون تہ "سنڌي ٻوليءَ جو روپ ۽ اچار ڪيئن تا ڦيرايا وڃن." ٻيءَ ڌر ۾ وري شري ڀيرومل مهرچند، ليکراج عزيز، لعل چند امرڏنو مل، ديوان صوڀراج نرملداس وغيره هئا، جن بہ 1941ع ۾ "سنڌي سدار سڀا" ناهي ست کن چونپڙيون ڇپايون ۽ سامهون واري ڌر کي جواب ڏنو تہ اعرابن جي سرشتي ۾ تبديل جائز آهي. ان ڏس ۾ ڪاڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل جون ٻه چونپڙيون "اعرابن تي ويچار" ۽ "اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهاڻي" قابل ذڪر آهن.

اعرابن وارو مسئلو پيرومل صاحب وري پيهر مارچ 1945ع ڌاري شروع ڪرايو. ان وقت "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪاري بورڊ" وارن سنڌي ڊڪشنري تيار ڪرائڻ جي پراجيڪٽ هٿ ۾ ڪنئي هئي، جنهن لاءِ ٺهيل بورڊ تي ڪاڪو پيرومل ٻه هو. سياويڪ طرح اعرابن وارو معاملو وري سامهون اچي ڪڙو ٿيو. جنهن تي پيرومل "مهراڻ" جي مارچ 1945ع واري انڪ ۾ "نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" نالي ليک وڌو، جنهن تان بحث ڇڙي پيو. پروفيسر پوڄراج ناگراڻيءَ ڪيس مهراڻ ۾ ئي "پروفيسر پيرومل مهرچند جي سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" ليک ذريعي رد قد ڏنو. جنهن تي وري "مهراڻ جي" نومبر 1945ع واري پرچي ۾ پيرومل "نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون" (پروفيسر ناگراڻيءَ کي جواب) نالي ليک لکي، اعرابن بابت پنهنجي رخ ۽ رويي تي وڌيڪ روشني وڌي، پر اهو بحث اتي ئي ختم نه ٿيو. مهراڻ جي ڊسمبر 1945ع واري پرچي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ان بحث ۾ گهڙيو. پيرومل مهرچند "مهراڻ" جي ئي مارچ 1946ع واري شماري ۾ "اعرابن بابت ويچار- پروفيسر ملڪاڻيءَ کي جواب" ليک لکي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي اٿاريل اعتراضن جو ٻه جواب ڏنو. مطلب ته ان قسم جا علمي ۽ ادبي مسئلا ۽ معاملا ساڻس ۽ مسلسل سنڌس سروڪار جو سبب بڻيا رهندا هئا. هو انهن تي غور ڪندو هو، انهن بابت ٻين جو رخ سمجهڻ ۽ پنهنجو رخ ٻين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو.

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي، اعرابن، معنائن وغيره جي ڏس ۾ ٻي جاءِ چوٽ ڏيڻ وٺڻ هن کي بلڪل گوارا نه هو. پنهنجي ئي وقت ۾ ڪن درسي ڪتابن ۾ سنڌي لفظن جون معنائون ۽ استعمال غلط نموني ڏنائين ته "مهراڻ" جي سيپٽمبر- آڪٽوبر- نومبر 1946ع واري پرچي ۾ "اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ غلط معنائن جو ڦهلاءُ- سنڌي ٻوليءَ جي ستياناس ڪرڻ جون واٽون" عنوان سان مضمون لکيائين. ان مضمون ۾ هن پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جي ڪتاب "ادبي گلشن" ۽ قاضي عبدالغفور هالائيءَ جي تاليف ڏنل "ديوان گل" مان ڪيترين ئي صورتخطيءَ جون ۽ معنائن جون غلطيون ڪڍي، انهن تي دليلن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان بحث ڪندي، پوريءَ طرح ڇنڊ ڇاڻ ڪندي، عالمن ۽ اديبن جو ڌيان ان مسئلي طرف ڇڪايو هو. پرنسيپال تيجومل شهاڻيءَ جي لکيل ”گوڪلي جي حياتي“ تي سنڌس ڪيل نڪتہ چيني ۽ پروفيسر لوڪومل ڪيسواڻيءَ جي ”سنڌي شعر جي ڪسوٽي“ ۾ لکيل سنڌس مهاڳ بہ قابل ذڪر آهن.

اهي تہ ٿيا علمي بحث، پر پروفيسر صاحب پنگتي ۽ ڌرمي وشين طرف بہ هميشہ سرت سجاڳ رهيو. هندن جو ماضي، هندن جون سماجڪ ريتون رسمون، انهن جو بنياد، انهن جون چڱايون برايون ۽ جديد زماني ۾ اهي ڪيتري قدر ڪارگر آهن: اهي ڳالهيون سنڌس سوچ جا پيارا وشيہ هوندا هئا. جن تي هومسٽيڊ هال، شرناگتي هال وغيره ۾ ٿيندڙ بحث مباحثن دوران روشني وجهندو هو يا ليڪچر ڏيندو هو. انهن ۽ بين پنگتي ۽ ڌرمي بحث جي وشين تي هن نندا نندا ڪتاب ۽ چونپڙيون بہ لکيون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ضميمو-1

پيرومل مهرچند جا لکيل ڪتاب (سنڌيءَ ۾)

(الف) ڪوجنا ۽ تاريخ:

- هندستان جي تاريخ (1908ع)
- عاملن جو احوال (1919ع) پريميئر پريس، حيدرآباد (سنڌ)، 147 صفحا قيمت: 10 آنا
- سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ (1924ع)
- سنڌ جي هندن جي تاريخ، ڀاڱو-1 (1946ع) قيمت: 3.4.0
- سنڌ جي هندن جي تاريخ، ڀاڱو-2 (1947ع) قيمت: 5.8.0
- قديم سنڌ (1957ع) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (سنڌ)، قيمت: 0.8.5
- هندن جون ريتون رسمون
- ريتن رسمن جو بنياد
- هندن جي جيوت، ڀاڪن مان پڌري
- انگلينڊ جي تاريخ (پروفيسر ڇبلاڻيءَ سان گڏ لکيل) قيمت: 5.12.0
- سنڌ جي تاريخ

(ب) لسانيات (ڀاشا وگيان)، گرامر، ڀاڪا، لغت

- غريب اللغات (1907ع) قيمت: 6.4.0 قيصريه پريس، حيدرآباد (سنڌ)
- ڀاڪن جي پيڙهه (1917ع) قيمت: 0.5.0
- وڏو سنڌي ويا ڪرڻ (1925ع) ٻه ڀاڱا، قيمت: 0.3.1 ۽ 0.11.0
- سنڌي ويا ڪرڻ ننڍڙو (مرزا قليچ بيگ سان گڏ لکيل) قيمت: 0.4.0
- سنڌي ٻولي (1925ع) ڇپايل سنڌي ساهتيه سوسائٽي
- گلقند (ٻه ڀاڱا) (1928ع)
- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ٻهريون ڇاپو (1941ع)
- سنڌي ويتپتي ڪوش (اڻ ڇپيل)
- اصطلاحن جو بنياد
- لفظن جو بنياد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(ب) مضمون/ ادبي انتخاب

- هيري جون ڪٿيون (ايڊٽ ڪيل (1926ع) قيمت: 0.8.0
- گلزار نثر (1929ع)
- بهار نثر (1932ع) صفحا: 204، قيمت: 1.0.0
- جوهر نثر

(پ) ناول/ ڪهاڻيون

- آنند سندريڪا (1910ع)
- وريل ۽ نعمت، ٽي ڀاڱا (16-1915ع) قيمت ٻه آنا، ٻه آنا، ساڍا 3 آنا، سنڌي ساهت سوسائٽيءَ ڇپايو. ٻيون ڇاپو ڊاڪٽر مائيداساڻي 1946ع ۾ ڇپايو.
- موهني ٻائي (1917ع)
- ڏي ۽ وٺ، قيمت: 0.3.0

(ڀ) ناٽڪ

- ڌرو ڀڳت (1919ع) قيمت 0.6.0، پريمئر پرنٽنگ پريس حيدرآباد (سنڌ) صفحا 124
- بزازين جو ناٽڪ (1921ع) صفحا 47
- پرگتي شيوا منڊلي، حيدرآباد (سنڌ)
- مڙس جي مڙسيءَ (1925ع)
- پنگتي مقدمو (1927ع)
- گوپيچند

(ت) شعر

- گلزار نظم (1909ع)
- چونڊ ڪلام (1923ع)
- نوبهار (1926ع)
- جوهر نظم

(ٿ) سير سفر

- سنڌ جو سيلاني (1923ع) قيمت: 1.2.0، ڇپايل نئين سنڌي لئبرري، پارتواسي پريس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- لطيفي سير (1926ع) ڇپايل سنڌي ساهت سوسائٽي، ڪراچي

(ٽ) ترجما

- حرص جو شڪار (شيڪسپيئر جي "ڪنگ جان" جو ترجمو)
- گولن جا گوندر (1928ع) قيمت: 7 آنا
- (ايچ. بي اسٽووجي "انڪل ٽامس ڪئبن" جو ترجمو) آزاديءَ جي ڪوڏي (1938ع)
- ٽئگور جي "پوسٽ آفيس" ناٽڪ جو ترجمو
- طلسم (1927ع) (والٽر اسڪاٽ جي "ٽئلسمن" ناٽڪ جو ترجمو. پوريون اڌ)

(ٿ) متفرقه

- پريم جو مهاتم (1914ع) صفحا: 21، قيمت 0.1.6 سنڌي پرچارڪ سوسائٽي جو ڇپايل
- گهرو ڪفايت 1917ع)
- هندن جي لڏپلاڻ
- سنڌ جون سوکڙيون، قيمت: 0.2.0
- سر سورٺ معنيٰ سان، قيمت: 0.1.9
- مرزا قليچ بيگ جي حياتي، حڪمتي ماجسٽريٽ، سري ڪرشن، شيطان منجهان انسان، موتين جي مالها، پتري پستڪ، سورهان سنسڪار، وچن مالا، ٻاراڻيون ٻوليون، سر ٽامس موئر.

(ٿ) انگريزيءَ ۾

- موئن جو دڙو

وڌيڪ

انهن ڪتابن کان سواءِ ڀيرومل مهرچند جا ڪيترائي مضمون، جيڪي علمي، ادبي، تاريخي، تنقيدي ۽ تحقيقي قسم جا آهن، سي سنڌو، مهراڻ، انڊس، سرسوتي، ڦلواڙي مخزن ۽ ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي مسلني وغيره ۾ ڇپيل آهن.
انهن مضمونن جي ڪجهه وچور هن طرح آهي:

- ٻولي ۽ تهذيب، تاريخ ۾ غلطيون، لوڪمانيه تلڪ جون ڪيل کوجنائون، سنسڪرت ۽ ديوناگريءَ بابت ويچار، مرزا قليچ بيگ، ڀائي دلپت راءِ صوفي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀائي ڪنور رام، دسهڙو ۽ ڏياري، حيدرآباد جا هاءِ سڪول، سنڌو ۽ مهراڻ، ڏيارام گدومل، سوريءَ مان ڪنڌو، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رسالو، آڳاٽن شاگردن جا اهنج، ڪبير شاهه، ڌرمشٽ ماءُ ۽ ڌيءُ (سڀ "سنڌو" رسالي ۾ ڇپيل)

- اڪ، سارنگ، ٻوليءَ جو فخر، مارئيءَ جو ملڪ، شاهه جي سنڌي (ڊي جي. سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾ ڇپيل)
- تير اندازيءَ جي تاريخ، سنڌيءَ جي ڏکدائڪ حالت، اعرابن بابت ويچار (مهراڻ ۾ ڇپيل)
- قديم سنڌ جي لهه وچڙ ("انڊس" سالياني پرچي ۾ ڇپيل) ڪراچيءَ جي رابندر ناٿ ڊراماٽڪ ڪلب جي انگريزي- سنڌي سالياني باتصوير مخزن "انڊس" جي، منگهارام ملڪاڻيءَ طرفان ايڊٽ ڪيل 1935ع واري سالياني پرچي ۾ پيرومل "انڊس" نالي ليک لکيو هو. ان کان سواءِ سندس بيدل فقير، ساجهه، سنڌي راڳ، قديم سنڌ جي سيتا ۽ شاهوڪاري وغيره مضمون بہ مشهور آهن.
- سنڌي ادبي بورڊ واري جامع سنڌي لغات جي پهرئين جلد جو شروعاتي دستخط مرتب ڪرڻ ۾ پڻ پرپور ۽ ڪارگر ڀهرو ورتائين.

ضميمو-2

حوالا

ڀڳڙو ساهتڪار

1. غلام محمد گرامي: وياسي وينجهار (1977ع) ص: 23
2. پيرومل مهرچند: قديم سنڌ (1957ع ص: 1 (ناشر طرفان ٻہ اکر)

زندگي ۽ شخصيت

1. پيرومل مهرچند: سنڌ جي هندن جي تاريخ، ص: 64
2. پيرومل مهرچند: سنڌ جي هندن جي تاريخ (پاڳو پهريون)
3. ساڌو هيرانند: هيري جون ڪٽيون (منڍ)
4. پيرومل مهرچند: سنڌ جي هندن جي تاريخ (پاڳو ٻيون، ص: 213)
5. پيرومل مهرچند: لطيفي سير، ص: 3
6. موتيرام راماڻي: هڪ ڇاڻ جهڙي حقيقت، سنڌي ٽائيمس 11 نومبر 1985ع
7. منگهارام ملڪاڻي: ساهتڪارن جون سمرتيون، ص: 50
8. پيرومل مهرچند: غريب اللغات ص: 7
9. منگهارام ملڪاڻي: ساهتڪارن جون سمرتيون، ص: 55
10: منگهارام ملڪاڻي: ساهتڪارن جون سمرتيون، ص: 46

ڪوجنيڪ ۽ تاريخ نويس

1. منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ (1968ع) ص: 339

لسانياتي ماهر

1. پيرومل مهرچند: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڇاپو ٽيون (منڍ)
2. پيرومل مهرچند: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڇاپو ٽيون (منڍ)
3. مرليڌر جيٽلي: ڪلڪتي ۾، ڊسمبر 1986ع ۾، پيرومل تي پڙهيل پيپر

مضمون نگار

1. منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ ص: 214

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتا ڪار

1. پيرومل مهرچند: موهني ٻائي (منڍ)

ناٽڪ ڪار

1. ڪيرت ٻاٻاڻي: "ڪاڪو پيرومل مهرچند" ليک "سنڌو" مئي 1955ع

سچو سيلاني

1. پيرومل مهرچند: لطيفي سير، ص: 160
2. شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ: لطيفي سير، ڇاپو پهريون (مهاڳ)

شاعر

1. پيرومل مهرچند: نوبهار (منڍ)

ترجمان

1. پيرومل مهرچند: گولن جا گوندر، ٻيون ڇاپو، ص: 6
2. پيرومل مهرچند: گولن جا گوندر، ٻيون ڇاپو، ص: 31

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند آڏواڻي

(هڪ ڪوجنيڪ ۽ اِتهاسڪار جي روپ ۾)

مرليڌر جيٽلي

پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جي ادبي خدمتن جي قدر شناسيءَ ۾، سنڌي اِدبي بورڊ جي اڳوڻي سيڪريٽريءَ محمد ابراهيم جويي لکيو آهي تہ: "هن صاحب کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بي پناھ عشق هو. انهيءَ عشق جو اظهار هن پنهنجي اٽڪ قلم جي ذريعي ڪيو، جنهن سنڌ ۽ سنڌين کي اهو ڪي ڏنو آهي، جنهن لاءِ سنڌ صدين تائين سندس شڪرگذار رهندي. سرڳواسي پيرومل کي سنڌي نثر ۾ هڪ امتيازي مرتبو ۽ انفرادي اسلوب هو. سندس هر تصنيف سندس انتهائي خلوص ۽ فدائيت جو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ لاجواب دليل آهي."(1)

انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ نہ آهي تہ پيرومل مهرچند پنهنجي دؤر جي سنڌي ادب ۾ هڪ نرالي شخصيت هو. هن پنهنجي ڀومڪي پرتيا ذريعي، سنڌي ساهت جي جدا جُدا شاخن تي ليکڻي هلائي، جن ۾ شعر ڪهاڻي، اپنياس، ناٽڪ، مضمون، ادبي تنقيد ۽ ٻال ساهت اچي وڃن ٿا. ان دؤر ۾ مرزا قليچ بيگ، لالچند امر ڏني مل ۽ جيٺمل پرسرام جهڙن ليکڪن بہ گوناگون موضوعن ۽ ادب جي الڳ الڳ شاخن ۾ رچنائون لکي سنڌي ساهت جا گهڙا ڀريا. پر انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ ٻين سمڪالين سنڌي ليکڪن جي ڀيٽ ۾،

---

(1) پيرومل مهر چند آڏواڻي، قديم سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڀهريون ڇاپو، 1957ع، "ناشر طرفان بہ اکر"

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند ۾ کوجنا ڪرڻ جي قابليت جان تان سرس هئي. سنڌس تحقيق جا مکيه وشئه هئا- سنڌي ٻولي (ڀاشا وگيان، شبد ڪوش رچنا، سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ وياڪرڻ) سنڌي ادب (سنڌي ساهت جي تاريخ ۽ تنقيدي جائزو)، سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي، سنڌ جو سير- سفر. انهن موضوعن تي هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان کي اڄ به گهڻي اهميت آهي. انهن ڏسائن ۾ سنڌس تحقيقي رچنائون پيڙهه ۾ رکيل بنيادي پٿرن جو ڪم ڪن ٿيون، جن جي آڌار تي پين سنڌي محققن کي عاليشان عمارت اڏڻ جو ڪم ڪرڻو آهي.

زندگي:

پيرومل جو جنم عيسوي سن 1875ع ڌاري، حيدرآباد سنڌ جي آڏواڻي آکهه ۾ ٿيو. سنڌس ڏاڏو ديوان آئلمل اجومل مختيارڪار هو ۽ پيرومل جو پتا ديوان مهرچند، سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو، جتان سن 1888ع ۾ هو رٽائرڊ ٿيو. پيرومل ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ ئي حاصل ڪئي. هو 20 ورهين جي ڄمار ۾ سالٽ ايڪسائيز کاتي ۾ 25 رپيا ماهوار پگهار تي ملازم مقرر ٿيو. اها سرڪاري نوڪري هن لاءِ نعمت ثابت ٿي. نوڪريءَ واري عرصي ۾ کيس سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ گشت ڪرڻ جو موقعو مليو. هو سنڌ جي الڳ الڳ علائقن جي قدرتي بناوت، جاگرافيءَ، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ريتن رسمن کان واقف ٿيو. انهيءَ ڄاڻ جو عڪس سنڌس لکڻين ۾ جاءِ بجاءِ نظر اچي ٿو. سنڌ جي تعليم کاتي سان ۽ سنڌي ۾ درسيءَ ڪتابن جوڙڻ سان پيرومل جو ناتو هن صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي کان وٺي هلندو آيو. هو لکي ٿو، "28 ورهيه ايڪسائيز کاتي ۾ ۽ 13 ورهيه ڪاليج ۾ نوڪري ڪيم. انهن 41 ورهين جي عرصي ۾ 45 کن ڪتاب لکيم. سن 1905ع کان وٺي جيڪي سنڌي درسي ڪتاب اسڪولن ۾ پاڙهڻ ۾ اچن ٿا، تن ۾ هڪ سؤ سبق، نظم ۽ نثر ۾، منهنجا لکيل آهن. ماءُ جي پيار بابت ("ڪنهن مون کي ٿي ڪير پياريو")، لاباري بابت ("اجهو اسوءَ جو مهينو آيو")، ماکيءَ جي مک بابت ("وقت ڄوي مان بادشاهه") وغيره منهنجا جوڙيل آهن." (1)

سن 1924ع ۾ جڏهن عمر بن محمد دائود پوٽي پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ لنڊن

---

(1) پيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌ جي هندن جي تاريخ، ڪراچي، 1946ع، صفحو 65، (ڀاڱو پهريون)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روانو ٿيو. تڏهن پيرومل کي ڏي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سندس جاءِ تي سنڌي پاڙهڻ جي آڇ ٿي. اهو ڪم پيرومل جي ڏانءَ جو هو. انهيءَ ڪري هن سرڪاري نوڪري، هڪ سؤ روپيا ماهياني پينشن تي ڇڏي ساڳئي سال ۾، نومبر مهيني کان وٺي، ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. اتي هن 13 سالن يعني سن 1937ع تائين سنڌي پڙهائڻ جو ڪم ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ پيرومل شاگردن ۾ سنڌي لاءِ ايترو ته چاهه پيدا ڪيو، جو ڪاليج ۾ سنڌي پڙهندڙن جو تعداد گهڻو وڌي ويو. ان بعد يونيورسٽيءَ بي اي. تائين ڪاليج جي سيني سالن ۾ سنڌي وشيه پانيڪرم ۾ تسليم ڪيو.

سن 1940ع ۾ سنڌ سرڪار "سنڌي ادب (ساهت) لاءِ" مرڪزي صلاحڪار بورڊ" برپا ڪيو. ان ۾ پيرومل کي به هڪ ميمبر طور کنيو ويو. هو ڪجهه عرصو ان بورڊ جو وائيس چيئرمين به ٿي رهيو. بورڊ طرفان "جامع سنڌي لغات" ناهڻ لاءِ جيڪا ايڊيٽوريل ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، ان ۾ پيرومل ۽ لالچند مکيه ڪم ڪندڙ هئا. ملڪ جي ورهاڱي سببان ڊڪشنريءَ تيار ڪرڻ جي رٿا ڪيترا سال رڪيل هئي، لالچند اچي بمبئيءَ ۾ ٽاٽو نڪاٽو ڪيو، ته پيرومل اچي پونو وسايو. ٽين جولاءِ 1950ع جي ڏهاڙي، پيرومل شام جي وقت سير لاءِ گهران نڪتو. واٽ تي هڪ ٽانگي سان ٽڪرجي ڪري پيو. ان حادثي ۾ کيس ايترا ڌڪ لڳا، جو پوءِ گهڻو وقت ڪڏي نه سگهيو. ستين جولاءِ 1950ع تي، پونا جي ساسون اسپتال ۾، سنڌيءَ جو هيءُ اعليٰ اديب ساسين سڪالو ٿيو.

رچنائون:

پيرومل جا ڪيترائي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون جدا جدا مخزنن ۾ شايع ٿيل آهن، جن کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي سخت ضرورت آهي. سندس ڪتابن جو تعداد به 45 کن آهي، جن ۾ مکيه ڪتاب هن ريت آهن:

1- اپنياس: وريل ۽ نعمت (1915ع)، طلسم (ترجمو- (1927) گولن جا گوندر (ترجمو-1928ع)

2- ڪهاڻيون: آنند سندريڪا (1910ع)، موهني ٻائي (1917ع)، پريم جو مهائم (1914ع).

3- ناٽڪ: حرص جو شڪار (ترجمو)، بزازين جو ناٽڪ (1921ع)، مڙس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي مڙسي (1925ع)، پنگتي مقدمو (1927ع)، آزاديءَ جي ڪوڏي (ترجمو- 1938ع).

4- سير-سفر: سنڌ جو سيلاني (1923ع)

5- تنقيد: شاهه جي ڪن سرن جي تشريح، لطيفي سير (1926ع)

6- سمپادن: گلزار نظم (1909ع)، گلزار نثر (1929ع)، نوبهار، هيري جو ڪٽيون (1929ع)

7- اتهاس: موهن جو دڙو (انگريزيءَ ۾، 1924ع)، سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ، 1924ع)، هندن جون ريتون رسمون، ريتن رسمن جو بنياد، عاملن جو احوال (1919ع)، سنڌ جي هندن جي تاريخ (ٻن ڀاڱن ۾، 1946-1947ع)، سنڌ (1957ع)

8- سنڌي ٻولي ۽ وگيان: غريب اللغات (1907ع)، سنڌي ٻولي (1925ع)، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (1941ع)، سنڌي وڏو وياڪرڻ (1925)، گلقند (1925ع).

9- اڻ ڇپيل: سنڌي ويتپتي ڪوش، هندن جي لڏپلاڻ.

پيرومل: هڪ ڪوجنيڪ ۽ اتهاسڪار:

ڪنهن به ڳالهه جي تهه ۾ وڃي، انهيءَ جي اڀياس ۽ ڇيد ڪرڻ جا مکيه ٽي پهلو آهن: (1) تشريحي يا ورڻناتمڪ اڀياس (Descriptive Study) ، (2) تقابلي يا تلناتمڪ اڀياس (Comparative Study)، (3) تاريخي يا اتهاسڪ اڀياس (Historical Study). پيرومل جي لکڻين ۾ اهي ٽيئي پهلو اڪثر گڏ نظر اچن ٿا. هو جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بناوت ۾ ڪنهن نقطي کي سمجهائي ٿو، تڏهن گهڻو ڪري انهيءَ جي تاريخي اوسر ۽ ٻين ٻولين ۾ انهيءَ جي بناوت کي به سمجهائيندو ٿو هلي. ساڳيءَ طرح تاريخ تي لکندي، هو لفظن جي ڀيٽ ۽ ٻين ٻولين ۾ ساڳي بنياد مان نڪتل لفظن سان انهن جي ڀيٽ به ڪندو ٿو رهي. انهيءَ ڪري پيرومل جي لکڻين ۾ اڀياس جا اهي ٽيئي پهلو گهڻو ڪري هڪ هنڌ نظر اچن ٿا. انهيءَ هوندي به سهوليت خاطر، پيرومل جي تحقيقي ۽ تاريخي اڀياس وارين رچنائن کي هيٺين ڪلاسن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1) سنڌي ٻولي ۽ ڀاشا وگيان

(2) سنڌي ساهتيه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(3) سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي
(4) سنڌ جو سير- سفر

انهن موضوعن تي لکيل، پيرومل جي مکيه مکيه رچنائن جو هتي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

سنڌي ٻولي ۽ ڀاشا وگيان:

هن ڪيتر ۾ پيرومل جون مکيه رچنائون آهن: غريب اللغات (1909ع)، سنڌي ٻولي (1925ع)، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ (1941ع)، سنڌي وڏو وياڪرڻ (1925ع)، گلقند (1925ع)، ادبي مخزنن ۾ شايع ٿيل تحقيقي مضمون.

غريب اللغات: پيرومل جي شروعاتي رچنائن ۾ اهم جاءِ والاري ٿي. پيرومل شعرن ۾ پنهنجو تخلص "غريب" لکيو آهي، جيڪو سندس نهٺائيءَ ۽ حليميائيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. "غريب اللغات" معنيٰ "غريب جي جوڙيل لغات (ڊڪشنري)، 52 صفحن جي هن ننڍڙي شبد ڪوش ۾، شاهه جي رسالي جي شروعاتي ٽن سرن مان اهنجا لفظ ۽ فقرا ڪٺي، انهن جي معنيٰ سمجهائي ويئي آهي. پيرومل جو متصد هو ته اِن طرح رسالي جا جدا جدا سر ڪٺي، انهن جو شبد ڪوش تيار ڪجي. پهرين ڀاڱي جي آخر ۾ هن ڄاڻايو آهي ته ٻيون ڀاڱو پريس ۾ ڇپائيءَ هيٺ آهي. پر لڳي ٿو ته هو انهيءَ رٿا مطابق، شاهه جي رسالي جي مڪمل ڊڪشنري تيار ڪري ڇپائي نه سگهيو.

پيرومل هيءَ ڊڪشنري سن 1905ع ڌاري ناهڻ شروع ڪئي، جڏهن سندس عمر 30 سال هئي ۽ هو سنڌ جي سالٽ ريوينيو کاتي جي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ هڪ ڪلارڪ هو. هن پهريون ڀاڱو سن 1909ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. لغات جي مهاڳ مان ئي، ڪوجنا جي کيتر ۾، ليکڪ جي ايمانداري ۽ سچائيءَ جي صاف جهلڪ ملي ٿي. هن جن جن عالمن کان ڏکين لفظن جي معنيٰ پڇي آهي يا جن جي ڪتابن تان مدد ورتي آهي، انهن مڙني جا حوالا ڏنا آهن. مهاڳ مان اها به ڄاڻ پوي ٿي ته پيرومل ثانوي تعليم حيدرآباد جي مشهور اسڪول "يونين ايڪيڊمي" مان حاصل ڪئي. اتي ساڌو هيرانند ۽ پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ تاراچند شوقيرام آڏوائيءَ کان هو شاهه لطيف جو ڪلام پڙهيو هو. لغات جي مهاڳ ۾ هو لکي ٿو، "مون کي ننڍي لاڪر رساليءَ پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو. مون پوءِ سعيو ڪري، هٿي ڏٺي، ڏکين لفظن جون معنائون هٿ ڪيون ۽ 1925ع ۾ اچا معنائن جي ڪتاب ڇپائڻ جو خيال ڪيم تہ معلوم ٿيم تہ مرزا قليچ بيگ صاحب رسالي جون معنائون لکي تيار ڪيون آهن ۽ جلد ڇپائڻ وارو آهي. هن صاحب پوءِ منهنجي چوڻ تي پاڻ واريون معنائون ڇاپخاني ۾ موڪلڻ کان اڳ، مهرباني ڪري مون ڏي ڏياري موڪليون. تنهن وچ ۾ وري هڪ لغت مرحوم آخوند عبدالرحيم بن محمد وفا عباسيءَ جي هٿ لڳيم ۽ هڪ ٽرمپ صاحبَ وارو رسالو مليم، جنهن ۾ حاشيءَ تي انهيءَ ساڳيي آخوند صاحب جي دستخط اهنجن لفظن جون معنائو لکيل هيون. انهن ٽنهي ڪتابن سان پنهنجون معنائون ڀيٽڻ لڳس. پر انهيءَ ڪم ۾ مون کي تمام گهڻو وقت لڳي ويو، جنهن ڪري گذريل سال پاڻ واريون معنائون ڇپائي ڪين سگهيس."

مهاڳ جي آخري پئرا ۾ ڀيرومل لکي ٿو، "منهنجي پڙهندڙن کي وينتي آهي تہ جيڪڏهن ڪين ڪا اهڙي معنيٰ خيال ۾ اچي وڃي جا مون نہ ڏني هجي تہ اها مهرباني ڪري مون کي لکي موڪلين، آن لاءِ آءٌ سندن گهڻو شڪرگذار رهندس." (ڪراچي، 12 جولاءِ، 1906ع).

هنن لفظن مان بہ ڀيرومل جي نهٺائيءَ جي پليءَ پانت ڄاڻ پوي ٿي. هو پنهنجيءَ لغت ۾ ڏنل معنائن کي آخري حرف ڪري نٿو ليکي.

قليچ بيگ جي تيار ڪيل "لغات لطيفي" ۽ ڀيرومل جي هن لغات جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪرڻ سان صاف ظاهر ٿي پوي ٿو تہ ڀيرومل ڪيترن هنڌن تي معنائن ۾ سڌارا ۽ واڌارا بہ ڪيا آهن. جيئن تہ: "مهيسر" جي معنيٰ قليچ بيگ لکي آهي: "هندڪو نالو خدا جو، پير مغان" (لغات لطيفي-ص 12). ٻئي طرف ڀيرومل لکيو آهي- "مهيسر- مها ايشور يعني شو يا ڀيروءَ، جنهن جي مورت تي گتيوال وڪري ڪرڻ کان اڳ شراب جا ڇنڊا وجهندا آهن." (غريب اللغات، ص 11).

ڀيرومل لفظن جي معنيٰ لکندي ڪيترن هنڌن تي ڀاشا وگيان جي اصولن موجب، لفظن جي تبديلي تي بہ اشارا ڪيا آهن. مثال طور: "ڪڙ=ڪل، خبر (ر ۽ ل پاڻ ۾ بينا آهن. جيئن، جر=جل، ڪرتار= ڪلتار)" (ص 6). "سر=تير (سنسڪرت شر)" (ص 20). انهيءَ کان سواءِ شاهہ جي رسالي ۾ آيل لفظن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

معنيٰ سمجهائيندي، پيرومل ٻين شاعرن جي شعر مان بہ مثال پيش ڪيا آهن، جنهن مان سندس گهري اڀياس جي ساک ملي ٿي.

قليچ بيگ ۽ پيرومل، "ڪيڪان" لفظ جي معنيٰ لکي آهي "گهوڙو" پر هوتچند گربخشاڻيءَ انهيءَ معنيٰ سان شامل راءِ ڏيندي، لفظ جي صحيح صورت "ڪان" (سنسڪرت- "ڪانڊ") ڄاڻائي آهي، جيڪا بلڪل درست آهي. ڪاتبن پراڻن دستخطن ۾ "ڪي ڪانہ" لفظ کي پل وڇان گڏي لکيو تہ اِهو لفظ غلط هِجي "ڪيڪانُ" ۾ واهپي ۾ اچي ويو.

"ڪرهو نہ ڪي ڪان، پيرين آءٌ نہ پُهچڻي."

(شاهہ جو رسالو- مقدمہ، ص 134)

"سنڌي ٻولي": پيرومل جو لکيل هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي. جيڪو سنڌي ساهتيہ سوسائٽي (ڪراچي) جي ماهوار رسالي جي سيريز ۾، فيبروري 1925ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. پيرومل سنہ 1924ع ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ ليڪچرار مقرر ٿيو تہ هن ڪاليجي شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي مختصر ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هيءَ ڪتابڙي لکي. ان جي 22 صفحن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر، سنڌي جي اُپياشائن، سنڌيءَ جي آئيوڻا جي تاريخ، ٻوليءَ جي بيهڪ ۽ سنڌي ساهتيہ جي ٿوري ۾ واقفيت ڏنل آهي. اِن موضوع تي وڌيڪ اڀياس ڪري، پيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" لکي، جيڪا ڪاليج مان رٽائر ٿيڻ بعد، هن سنہ 1941ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪئي.

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" انهيءَ موضوع تي سنڌيءَ ۾ لکيل پهريون تحقيقي ڪتاب آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ ليکڪ لکي ٿو، "ٻوليءَ جي تاريخ معنيٰ ٻوليءَ جي تبديل جي تاريخ. ٻوليءَ ۾ تبديل ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ آڻين ٿا، تنهنڪري جنهن ٻوليءَ جي تاريخ لکجي، تنهن ۾ پرڳڻي جي ماڻهن جو ذڪر بہ ضروري ڪجي. انهيءَ سبب سنڌ جي تاريخ ۽ ان جو جيڪو اثر ٻوليءَ تي ٿيو آهي، سو ٻڌايو اٿم."

ٻولي ۽ ساهت پاڻ ۾ ڳنڍيا ڳتيا پيا آهن. ساهت جو مدار ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جو مدار ماڻهن تي، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ اهو بہ ڄاڻايو اٿم تہ سنڌي ساهت جي ترقي ڪيئن ٿي. مطلب تہ هن ڪتاب ۾ ٽي تاريخون آهن: سنڌ جي تاريخ،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻوليءَ جي تاريخ ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ. سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ گويا هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ بابت ڪي مکيه ڳالهيون مختصر طرح ڏنيون اٿم ۽ اهي به هنائي ڪتاب جي ڇيڙي ڏي ڪيون اٿم. ته جن کي فقط تاريخ پڙهڻي هجي، تن کي اهي ڳالهيون وچ ۾ نه منجهائين. مضمون کي سلوڻي ۽ سوادي ڪرڻ لاءِ شاهه، ساميءَ ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام مان ڪي ٽڪون ڏنيون اٿم، ته پڙهندڙ ڀلي وندر جو ڪتاب ڪري پڙهن."

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته ڀيرومل عام پڙهندڙن ۾ هن قسم جي خشڪ وشيه ۾ چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪتاب کي چڱو دلچسپ بڻايو آهي. هن يوروپي عالمن جي لکڻين جو وسيع پيماني تي اڀياس ڪري، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ مصالحو چونڊي هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو آهي. ان کي هن پنهنجن شخصي آزمودن ۽ اڀياس سان سجائي سنواري، سليس ۽ دلچسپ نموني پيش ڪيو آهي. ان ڪري نه فقط شاگردن لاءِ، پر عام پڙهندڙن لاءِ به هي ڪتاب گهڻي معلومات ڏيندڙ ثابت ٿيو آهي. سنڌيءَ جي اپڀاشائن وارو باب چاهي گريئرسن جي ڏنل آڌار تي ٻڌل آهي، ته به انهيءَ ۾ ڀيرومل پنهنجن شخصي آزمودن مان ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون ڏنيون آهن. هن ڪتاب ۾ مکيه اوڻائي جيڪا هڪدم ڪنڪي ٿي، اها اِها آهي ته بيان ۾ سلسلو نه رهيو آهي. سنڌ جي سياسي تاريخ، ٻولي ۽ اَدب جي ورڻن سان گڏي پيئي آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن به هڪ پهلوءَ جي اوسر جو باترتيب سلسليوار چِٽر ڪونه ٿو ملي. ٻيو ته گريئرسن توڙي ٻين ڪن ڀاشا وگيانن جنهن طريقي سنڌيءَ ۽ ٻين هاڻوڪين آريه ٻولين جي اوسر سمجهائي آهي، انهيءَ کي به هن ڪتاب ۾ نيڪ طرح پيش نه ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ ڀارت جون هاڻوڪيون آريه ٻوليون جدا جدا دوُرن ۾ جيڪي ساهتيڪ ڀاشائون هيون (جيئن ته- ويدڪ سنسڪرت، سنسڪرت، پالي، پراڪرت، اَپڀرنش)، انهن جي پورويچوتيءَ تي هلندڙ سندن ٻول چال وارن روپن مان وڪست ٿيون آهن. خود انهن ساهتيه ۾ ڪتب ايندڙ ڀاشائن جو معياري ۽ نيٺ روپ به جدا جدا دوُرن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارين ٻولين مان نهيو آهي. پر ڀيرومل، سنڌيءَ جو انهن ساهتيڪ ڀاشائن مان ئي وڪاس ڄاڻايو آهي، جيڪو صحيح نه آهي. ڪن ڪن هنڌن تي ليکڪ غلط بيان به ڪيو آهي، جيڪو پوري تحقيق نه ڪرڻ سببان ٿيو آهي. مثال طور، صفحي 127 تي ڄاڻايل آهي ته ديوان نديرام سيوهاڻيءَ "تاريخ طاهريءَ" جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو صحيح نہ آهي. هن فارسيءَ جي ”تاريخ معصوميءَ“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، جنهن تي تعليم کاتي طرفان ڪيس انعام بہ حاصل ٿيو. صفحي 283 تي ڀيرومل انهيءَ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا ڏنا آهن، جن سنہ 1953ع ۾ سنڌيءَ لاءِ عربي- فارسيءَ اکرن جي آڌار تي هڪ معياري آئيوٽا جوڙي هئي. انهن ۾ مرزا قليچ بيگ جي وڏي ڀاءُ مرزا صادق علي بيگ جو بہ نالو ڏنل آهي، جيڪو غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جو جنم سنہ 1845ع ۾ ٿيو هو. ان وقت هو فقط اٺن سالن جو ٻارڙو هو.

ڀيرومل سنہ 1925ع ۾ ”سنڌي وڏو وياڪرڻ“ بہ لکي ڇپايو هو، جيڪو سنڌ ۽ هند ۾ هڪ سنڌي رچنا مڃيو وڃي ٿو. انهيءَ جو نئون ڇاپو ڀارت ۾ تعليم کاتي طرفان ٻيهر شايع ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ بہ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان سنہ 1986ع ۾ ان ڪتاب جو نئون ڇاپو، ڇپائي ظاهر ڪيو ويو آهي. ان ۾ ٽيون ۽ چوٿون ڀاڱو بہ ڏنل آهي، جيڪو ڀارت واري ڇاپي ۾ نہ آهي. هن وياڪرڻ تيار ڪرڻ ۾ ڀيرومل بہ فقط ان کان اڳ جا ڇپيل سنڌي گرامر نظر مان ڪڍيا آهن، پر ٻين ٻولين جي وياڪرڻن جو بہ مطالعو ڪيو آهي. هن سڀ کان گهڻي مدد ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي لکيل ”سنڌي گرامر“ تان ورتي آهي، جيڪو سن 1872ع ۾ جرمنيءَ مان شايع ٿيو هو.

ڀيرومل جي تيار ڪيل سنڌي وياڪرڻ جي مکيہ خوبي اها آهي تہ ان ۾ ڪيترن هنڌن تي سنڌي لفظن ۽ وياڪرڻ جي روپن جي اُسر تي بہ اشارا ڏنل آهن، جن جو آڌار ٽرمپ ۽ گريئرسن جون رچنائون آهن، سنہ 1925ع بعد ڀاشا، گيان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا پهلن بابت گهڻي نئين تحقيق ٿي چڪي آهي. ان جي مدنظر ڀيرومل جي انهيءَ رچنا ۾ ڪن ڪن هنڌن تي سڌارن ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيئن تہ-ڳ، ڄ، ڏ، ٻ ڌونيون ٻٽا وينجن نہ آهن، پر چوسٽا- ڌماڪيدار وينجن (Implosive Cons) آهن. اسمن جي گردان ۾ سنسڪرت جي آڌار تي اٺ يا فارسيءَ جي آڌار تي پنج حالتون ڄاڻائڻ صحيح نہ آهي. حقيقت ۾ اسم، سنڌيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ ٽي حالتون گرداني تبديل ذريعي ڏيکاري ٿو. حالت فاعلي، حالت عام (يا عام صورت) ۽ حالت ندا. لفظن جي رچنا ۾ مرڪب، مرتب ۽ ٻٽن لفظن جي قسمن ۾ فرق ڏيکارڻ گهرجي، جيڪو روايتي گرامرن ۾ نٿو ڏيکاريو وڃي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"گلقند": ڪتاب ۾ ڀيرومل سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح گڏ ڪري ڇپايا آهن. انهيءَ ۾ پهاڪن واري ڀاڱي ۾ ليکڪ ڪيترن هنڌن تي هر معنيٰ پهاڪا گڏي ڏنا آهن ۽ ساڳي معنيٰ وارا انگريزي پهاڪا بہ ڏنا آهن. سنڌي اصطلاحن واري ڀاڱي ۾ ليکڪ ڪجهہ اهڙا لفظي ميڙ بہ ڏنا آهن، جيڪي حقيقت ۾ اصطلاح نہ آهن. ڀيرومل جي ڏنل سمجهاڻيءَ موجب "اصطلاح يا ورجيس ان کي چئجي ٿو، جنهن جي اکري معنيٰ هڪڙي ۽ رواج موجب ٻي هجي." (ص 230)

ان سمجهاڻيءَ مطابق نالو بد ٿيڻ (بدنام يا گلارو ٿيڻ)، ڀڳيوراري (ٻار واري، جنهن کي ٻار ٿڻن تي هجي)، عالم آشڪار (جڳ پڌرو)، پڌري پٽ (ظاهر ظهور، کليو کلايو) اصطلاح نہ ليکبا. انهن کان اوڻاين کي جيڪڏهن نظرانداز ڪري ڇڏجي تہ پوءِ هيءُ سنگرهہ سنڌيءَ ۾ اهميت واري جڳهہ والاري ٿو.

متفرقا مضمون: سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا پهلن بابت ڀيرومل جا لکيل ڪيترائي مضمون ادبي رسالن ۾ وقت بہ وقت شايع ٿيندا رهندا هئا. انهن مان ليکڪ جي علم ۽ ڳوڙهي اڀياس جي ساک ملي ٿي. مثال طور "سنڌو" (جنوري 1934ع) مخزن ۾ هن "عربي لپيءَ مان نقصان" مضمون ۾ عربي آئيوٽا جي بناوت ۽ اپناڻ تي عالماڻو بحث ڪيو آهي. هن جي راءِ مطابق سن 1853ع ۾ جن عالمن ان کي معياري صورت ڏني، انهن نوان حرف تيار ڪرڻ وقت ڪو هڪ سرشتو نہ اپنايو. مثلاً، وسرڳي اکرن ۾ ڪن هنڌن تي "هہ" جو استعمال ڪيو ويو آهي. (جهہ، گهہ) تہ ڪن هنڌن تي نقطن کان ڪم ورتو ويو آهي. (ڀ، ٿ، ٺ، ڍ، ڏ، وغيره) انهيءَ ڪري آئيوٽا ۾ ڀاڻ وڏيک مونجهارو پيدا ٿيو. ليکڪ جي راءِ مطابق سنڌي ٻوليءَ لاءِ "هاڻوڪي عربي سنڌي آئيوٽا کي عربي سمنڊ ۾ لوڙهي، وڏيءَ دل سان ديوناگري اکر ڪم آڻڻ گهرجن." (ص 9). ڀيرومل ان مسئلي تي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" (1941ع) ڪتاب ۾ بہ وستار سان ويچار ڪيو آهي ۽ سڄي هندستان لاءِ هڪ "پڪي آئيوٽا" يعني "Common Script" اپناڻ جي صلاح ڏني آهي. (ص 290-291)

"مهراڻ" (آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر 1946ع) ۾ ڀيرومل جا بہ نهايت عمدا مضمون شايع ٿيل آهن- "دال مصالح چٽڻيءَ سان!" ۽ "تيراندازيءَ جي تاريخ". انهن مان سندس وسيع اڀياس ۽ سليس، دلچسپ لکڻيءَ جي ساک ملي ٿي. پهرئين مضمون ۾ هن "دال" لفظ جي ڌاتوءَ ۽ ان مان سنڌي ۾ جڙيل ٻين لفظن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو بيان ڪيو آهي. پٺيّ مضمون ۾ هن "تير" لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪتب ايندڙ جدا جدا لفظن جو بڻ بنياد سمجهايو آهي ۽ آڳاٽي زماني جي سنڌي سڀيتا تي روشني وڌي آهي. انهن مان مثال طور هيٺيان ٽڪرا ڏسو:

"دال لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي، سنسڪرت لفظ "دل" معنيٰ ڏرڻ چِٽا، مگ، اڙد يا مانهن، مدار وغيره ڏربا تہ دال ٿهندي. تنهنڪري دال جي بنيادي معنيٰ آهي، جو ڏريل آهي، يا ڏرجي ٿي. ڏسو هن لفظ ۾ بنيادي خيال بنهہ سولو ۽ سادو سمايل آهي. دنيا ۾ ڏريل شيءِ رڳي دال ڪانهي، پر گهڻيئي شيون ڏريل ٿين ٿيون، يا هٿ وٺي ڏارجن ٿيون. جهڙوڪ ڪاٺيون ڏاربيون آهن. اهڙين شين جو جيتوڻيڪ دال سان ڪو بہ لاڳاپو ڪونهي، تہ بہ انهن لاءِ جيڪي لفظ مقرر ٿيل آهن، سي ساڳي سنسڪرت ڌاتو "دل" مان ٺهيل آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ بہ بنيادي خيال ساڳيو "دل" وارو سمايل آهي. مثال لاءِ وٺو تلسيءَ جو ٻوٽو. جنهن جي دال سان ڪابہ نسبت ڪانهي. تلسيءَ جون ٻور سان ڀريل ڏاريون يا ٽاريون، جي پن جهلي بيٺيون هونديون آهن، تن کي "ڏل" (سنسڪرت "دل") چوندا آهيون. جو اِهي تلسيءَ جي ٻوٽيءَ مان گويا ڏري نڪرن ٿيون." (ص 3).

سر جو سچئو سڄڻين، سينگ منجهان سيلو،
ٽينگر ٽڪبو ڪينڪي، پار لنگهيو پيلو،
هڻن سان حيلو، جانب جيڏو ٿيّ ڪيو.
(شاهہ)

"سر" اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ "شر" ۽ اهو هندن جي رگ ويد جي منڊل پهرئين (سوڪت 100، منتر 18) ۾ ٻين ڪن منڊلن ۾ ڪم آيل آهي... ... سنڌو ماتر ۾ اڄ تائين سر جام ٿئي ٿو. سر جي گاهہ ۽ ڪانن کي سٽي ڪٽي مڄ ڪندا آهن ۽ انهيءَ مان نوڙيون وٽيندا آهن. آڳاٽن آرين انهيءَ سر جي ڪانن مان تيرن جوڙڻ جو رواج جاري ڪيو، جنهنڪري اڄ تائين سر جي هڪڙي معنيٰ آهي ڪانو ۽ ٻي معنيٰ تير. تير کي ٻاڻ (سنسڪرت ٻاڻ) بہ چئبو آهي، ۽ سنسڪرت ۾ ان جي ٻي معنيٰ ڪانو بہ آهي. خود "ڪانو" (سنسڪرت ڪانڊ) مان ٻيو لفظ ڪان جڙيو آهي. جنهن جي بہ معنيٰ آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تير. هن لفظ جي بنياد تي ويچار ڪري چئبو تہ ڪان (تير) اهو آهي جو ڪاني مان نهيل آهي. هنن لفظن جون اهي ٻہ بہ معنائون تيون ئي انهيءَ ڪري آهن، جو تير اول جڙندا ڪانن مان هئا، ۽ اهو رواج نہ رڳو قديم سنڌو ماٿر وارن آرين، پر ٻين وٽ بہ عام هو." (ص 7).

سنہ 1941ع ڌاري عربيءَ ۾ ڪيترن لفظن جي هجيئن ۽ اعرابن ڏيڻ جي باري ۾ بحث ڇڙيو هو. ان ۾ ڀيرومل بہ چڱو حصو ورتو. ان مسئلي جي حل بابت لکيل سندس مضمون ۽ چونڊيون اڄ بہ نهايت ڪارائتا آهن. اسان جي لکاوٽ ۾ هاڻي بہ ڪيترائي لفظ جدا جدا نموني لکيا پيا وڃن، جيڪي گرامر ۽ ڊڪشنرين جوڙڻ توڙي ٻوليءَ جي وگيانڪ ابياس ڪرڻ ۾ گهڻي رڪاوٽ بڻجن ٿا.

2- سنڌي ساهتيہ:

ڀيرومل سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي تاريخ تي جيتري کوجنا ڪئي آهي، اوتري سنڌي ساهتيہ جي اوسر تي نہ ڪئي آهي. ان ڏس ۾ ڪيل سندس تحقيقي ڪم گهٽو محدود آهي، پر ساهتيہ جي کوج طرف بہ سندس من جو لاڙو هو. انهيءَ جي ثابتي هن جي لکتين مان ملي ٿي. سن 1909ع ۾ هن "جوهر نظم" نالي سان سنڌي شعرن جو هڪ انتخاب تيار ڪري ڇپايو هو. ان ۾ شاهہ لطيف، شاهہ عبدالڪريم، سچل ۽ خليفي گل محمد جي ڪلام مان چونڊ شعر مضمون وار بيهاري ڏنا ويا آهن. هر هڪ شاعر جي زندگيءَ، شعرن ۾ آيل لوڪ ڪهاڻين ۽ اوکن لفظن جي بہ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. ساڳيءَ طرح، هن جدا جدا ڪتابن جي صورت ۾ شاهہ جي ڪلام جا ڪجهہ سر بہ سمجهاڻيءَ سان گڏ ڇپايا آهن. سنہ 1929ع ۾ هن "گلزار نثر" نالي سان چونڊ سنڌي مضمونن جو مجموعو ڇپائي ظاهر ڪيو، جنهن جي شروعات ۾ مضمون نويسيءَ جي اصولن بابت هڪ ڪارائتو تنقيدي مضمون ڀيرومل جو لکيل بہ شامل آهي.

ڀيرومل جو پنهنجي استاد ساڌو هيرانند ۾ گهڻو صدق هو. ان ڪري هن "سرسوتي" مخزن ۾ ساڌو هيرانند جا شايع ٿيل ننڍڙا نصيحت آميز مضمون چونڊي، اهي ڪتابي صورت ۾ "هيري جون ڪڻيون" سري سان سنہ 1926ع ۾ شايع ڪيا. "سرسوتي" مخزن ۾ ساڌو هيرانند جو ترجمو ڪيل ناول "طلسم" بہ سنہ 1891ع کان وٺي قسطن ۾ ڇپبو هو. اهو سلسلو سن 1893ع ۾ ساڌو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيرانند جي گذاري وڃڻ سببان ٿيي پيو. ڀيرومل ان ناول جو باقي حصو پاڻ ترجمو ڪري، اهو سمورو ڪتاب سنہ 1927ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. ان جي منڍ ۾ ساڌو هيرانند جي مختصر جيوَتي بہ ڏنل آهي. انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ ڀيرومل کي سنڌي اخبارن جا پراڻا فائيل جاچڻ ۽ انهن مان عمديون رچنائون جونديي ڪتابي روپ ۾ محفوظ ڪرڻ جو ڪيترو نہ شوق هو.

سنڌي ساهت جي اوسر بابت ڇاهي ڀيرومل گهڻي کوج نہ ڪئي آهي، پر ان جو مختصر احوال هن "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" واري ڪتاب ۾ درج ڪيو آهي. ان کان سواءِ ادب جي ڪيتر ۾ هن ليکڪ جي تنقيدي قوت ۽ ادبي مسئلن جي چند ڇاڻ انهن جي مضمونن مان ملي ٿي، جيڪي هن ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل "شاهہ جو رسالو" (جلد پهريون- سنہ 1923ع) جي باري ۾ ڇڙيل بحث وقت لکيا هئا. انهن ۾ هن گربخشاڻيءَ جو بچاءُ ڪندي، چيتنمل جي ناجائز جلهہ جو جواب ڏنو هو.

ساهتڪ کوجنا جي ڏس ۾ ڀيرومل جو ٻيو هڪ اهم ڪتاب آهي "لطيفي سير" (1926ع). انهيءَ ۾ هن شاهہ لطيف جي ڪلام جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، انهن علائقن، هنڌن ۽ ماڳن، ڏونگرن ۽ ماڙين، ندين ۽ نالن جو بيان ڪيو آهي، جتي شاهہ لطيف ويو هو. ان رچنا مان ڀيرومل جي، سنڌ جي جاگرافيءَ بابت وسيع ڄاڻ هئڻ جي ساک ملي ٿي. ڪتاب ۾ سنڌ جي جدا جدا حصن جي جاگرافي، آبهوا، ماڻهن جي رهڻي ڪرڻيءَ ۽ جيوت جنتن جو وچور سان احوال ڏنل آهي. ان ڪري ڪن نقادن جو چوڻ آهي تہ اهو ڪتاب "لطيفي سئر" گهٽ، پر "ڀيرومل جو سير" وڌيڪ آهي.

(3) سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي:

ڀيرومل جو سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس سان گڏ سنڌ جي تاريخ سان بہ گهڻو چاهہ هو. ان جو عڪس سندس لکڻين ۾ جاءِ بجاءِ نظر اچي ٿو. سنہ 1922ع ۾ سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي شروع ٿي. پوءِ ان بابت آرڪيالاجيڪل کاتي وارن شروعاتي رپورٽون شايع ڪيون. ڀيرومل انهن جي آڌار تي ۽ پنهنجي شخصي اڀياس جو سهارو وٺي، سن 1924ع ۾ انگريزيءَ ۾ "Mohen jo Daro" نالي ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيو. اهو ان موضوع تي سڀني معلومات ڏيندڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب آهي. انهيءَ ساڳئي سال هن سنڌيءَ ۾ بہ هڪ ننڍڙو تاريخي ڪتاب لکي ڇپايو، جنهن جو نالو آهي "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ". سنڌ جي "هندن جون ريتون رسمون" ۽ "ريتن رسمن جو بنياد" نالي پہ ننڍيرا ڪتاب بہ هن انهن سالن ۾ ڇپايا هئا. ڀيرومل ڪي قديم سنڌ ۽ سنڌ جي هندن جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي گهڻي اڻ تڻ هئي، ڇاڪاڻ تہ اُن وقت ان موضوع تي ڪي بہ ڪتاب ميسر نہ هئا. ان وشيہ تي اڀياس تہ هن ڇگهو اڳ شروع ڪري ڇڏيو هو. سن 1919ع ۾ "عاملن جو احوال" نالي سان هڪ ڪتابڙو لکي، ثوري ۾ عاملن جي آکهين تي روشني وڌائين. ان تي هو وڌيڪ ۽ وڌيڪ کوج ڪندو رهيو، جنهن جي نتيجي طور سن 1936ع ۽ 1947ع ۾ "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ٻن ڀاڱن ۾ شايع ڪيائين. ان موضوع تي اهو نهايت ڪارائتو ڪتاب آهي. پراچين سنڌ جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ تي روشني وجهڻ لاءِ هن "قديم سنڌ" نالي سان هڪ ڪتاب لکي تيار ڪيو. ان جو دسخط ڀيرومل 1944ع ۾ لکي تيار ڪري "سنڌيءَ لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" کي سونپيو. اهو ڪيترائي سال اڻ ڇپيل پيو رهيو، نيٺ سن 1957ع ۾ ليکڪ جي پرلوڪ پڌارڻ کان ست سال پوءِ، سنڌي ادبي بورڊ اهو ڪتاب شايع ڪيو. سنڌ جي تاريخ جو مختصر احوال ڀيرومل ان کان اڳ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ ڏنو هو. پر "قديم سنڌ" ڪتاب ۾ اهو گهڻي وستار سان ڏنل آهي.

"قديم سنڌ" ڪتاب جي ديباچي ۾ ڀيرومل لکيو آهي: "ٿورا ورهيہ ٿيا، تہ مان پنهنجي سر تاريخ جو ايترو قدر اڀياسي نہ هوس، جيترو قدر ٻوليءَ جو، پر تاريخي ڳالهين جي کوجنائن جو خيال بہ ٻوليءَ جي اڀياس ڪندي آيم. سن 1937ع ۾ دل ۾ آيم تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جوڙيان، جنهن ۾ قديم سنڌ ۽ ان جو جيڪو اثر سنڌي ٻوليءَ تيءْ ٿيو آهي، سو بہ ڄاڻايان. مون کي اهڙي هڪڙي بہ تاريخ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي، جا مون کي انهيءَ ڪم لاءِ ڪارائتي ٿئي! هيءَ ڏک جهڙي حالت ڏسي، ٽي ورهيہ ساندهہ محنت ڪري، 150 کن ڪتابن مان قديم سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو احوال ويهي ڪڍيم. ڪنهن ڪتاب مان فقط هڪ پہ فقرو تہ ڪنهن مان رڳو ہہ ٽي سٽون مليم، پر اهي ذرا پرزا بہ ويهي ڳنڍيم، تہ چڱي خاصي تاريخ تيار ٿي پيئي. اُئين خاص پنهنجي لاءِ قديم سنڌ جي تاريخ جوڙي، پنهنجو ڪم شروع ڪيم." (ص 2-3)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل قديم سنڌ جي تاريخ بابت ايترو تہ جهجهو ذخيرو ڪٺو ڪيو. جو ان کي ٽن جلدن ۾ ڏيڻ جي رٿا تيار ڪيائين. "قديم سنڌ" ڪتاب ۾ فقط پهريون جلد شايع ٿيل آهي. پيو ذخيرو جيڪو وٽس دستخط جي صورت ۾ هئو، ان جي خبر نہ آهي تہ ڪهڙو حشر ٿيو! "قديم سنڌ" ڪتاب ۾ فقط ويدن واري زماني ۽ ان کان اڳ واري سنڌ واري علائقي جو احوال ڏنل آهي. تاريخ لکڻ جي اصولن بابت پيرومل لکيو آهي، "ڪنهن بہ تاريخ ۾ جيڪڏهن رڳو سنبت ۽ سن ڇاڻائي، اڳاڻن حاڪمن جا پيڙهي بہ پيڙهي احوال ڏبا. ۽ سندين جنگين جو ذڪر ڪبو تہ اها تاريخ نہ چئبي، اهڙيون حقيقتون تاريخ جو رڳو بوتو بنائين ٿيون. انهيءَ بوتي ۾ روح تڏهن پوي ٿو، جڏهن ان وقت جي ماڻهن جي روزمره جي جيوت جو ذڪر ڪجي ٿو. سچي پچي تاريخ آهي ئي اها، جنهن مان اڳاڻن ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، خيالن ۽ جذبن، ريتن رسمن، ڌرم ڪرم ۽ ساهت جي سڌ پوي ٿي. انهيءَ منجهان ئي پوريءَ ريت پتو پوي ٿو تہ تهذيب يا سڀيتا جي شروعات ڪيئن ٿي، وقت بہ وقت ان جي ترقي ڪيئن ٿي، ۽ هن وقت جيڪي ريتون رسمون ۽ ڌرمي ڳالهيون آهن، تن جو بنياد ڪيئن پيو... اهڙين حقيقتن ڏيڻ ڪري، نہ رڳو تاريخ جو مضمون پاڻمرادو سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو، پر نصيحت آميز ۽ ڪارائتو بہ ٿئي ٿو." (ص 5-6)

پيرومل هيءَ تاريخ لکندي، ضروري هنڌن تي ڪتابن جا حوالا ۽ سندون بہ پيش ڪيا آهن، جن تان احوال ورتل آهن. تاريخ جو واسطو ملڪ جي جاگرافيءَ سان بہ آهي. ان ڪري ليکڪ گهربل هنڌن تي سنڌ جي طبعي حالتن، آبهوا وغيره طرف بہ اشارو ڪيو آهي. هڪ ڳالهہ طرف اسان کي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، اها آهي ليکڪ جي نهٺائي ۽ حليمائي. هڪ محقق ۽ عالم جي حيثيت ۾ پيرومل ايتري کوجنا ڪرڻ بعد بہ صاف لفظن ۾ لکي ٿو تہ سندس هيءَ ڪتاب "آخرين حرف" نہ آهي. ان ۾ سڌارا ۽ واڌارا ٿي سگهن ٿا. هن جي ئي لفظن ۾، "ممڪن آهي تہ اڃا بہ ڪي ڪتاب هجن، جن جي مون کي سڌ نہ هجي. هيئن بہ آهي تہ هن وقت آرڪيالاجيڪل کاتي وارا ۽ جيالاجيڪل کاتي وارا پنهنجي پنهنجي روءِ سوءِ وڏيڪ کوجنائون ڪن پيا ۽ ڪي يورپي توڙي ڏيهي عالم بہ قديم هندستان جي وڏيڪ احوالن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا. تنهنڪري هن کان پوءِ سنڌ جي تاريخ لاءِ ڪو نئون ذخيرو ملي پوي تہ عجب ڪونهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيءَ ڪتاب لکي مون گويا بنياد ٻڌو آهي، ته جيئن جيئن وڌيڪ احوال ملن، تيئن تيئن هن ڪتاب کي وڌيڪ مڪمل ڪرڻ سولو ٿئي." (ص 8)

"قديم سنڌ" ڪتاب ۾ ڀيرومل ڪيترن هنڌن تي شاهه لطيف جي رسالي مان بيت وجهي، ۽ موزون سنڌي پهاڪن جو جوڳين جاين تي استعمال ڪري بيان کي وڌيڪ دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي. ان ڪري تاريخ جهڙو خشڪ وشيه به ونڊرائيندڙ بڻجي پيو آهي. عام پڙهندڙن کي به ان مان ناول يا ڪهاڻيءَ جهڙو ساءُ پيو اچي.

"سنڌ جي هندن جي تاريخ"(ٻن ڀاڱن ۾):

ڀيرومل سن 1947ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪئي، ان جا ٻيا ڀاڱا به شايع ڪرڻ جو سنڌس ويچار هو، جيڪو ملڪ جي ورهاڱي ڪري ساڪار نه بڻجي سگهيو. ٻيون ڀاڱو ڇپيو پئي ته هندستان کي آزادي ملي ۽ لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. ان ڪري ڀيرومل ٻئين ڀاڱي جي پڇاڙيءَ ۾ "هندن جي لڏپلاڻ جي تاريخ" جو به مختصر احوال درج ڪيو آهي. پهرئين ڀاڱي جي شروع ۾ 56 صفحن ۾ ۽ ٻئين ڀاڱي جي شروعاتي 136 صفحن ۾ سنڌ پرڳڻي جي تاريخ، جاگرافيءَ ۽ انگريزن جي دؤر تائين ڪيل ترقيءَ تي به روشني وڌل آهي. انهن ٻنهي ڀاڱن ۾ سنڌي هندن جون سڀ آکيون شامل نه آهن. ليڪڪ جيئن جيئن ذخيرو گڏ ڪندو پئي ويو، تيئن تيئن ان کي ترتيب ڏيئي شايع پئي ڪيائين. ڪيترو مصالحو وٽس هٿ لکيل صورت ۾ هو، جيڪو ملڪ جي ورهاڱي سببان ناس ٿي ويو. سنڌي هندن جي پنگتي تاريخ تي ڪنِ ڪن آکاهين ۽ برادرين بابت ننڍا مضمون ۽ ڪتابڙا وقت به وقت شايع ٿيندا پئي رهيا. پر انهن جو وستار سان ۽ ترتيبوار ورڻن سڀ کان اول سنڌيءَ ۾ هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي. 72 سالن جي عمر ۾ به ڀيرومل هيءُ اڻٿڪائيو ڪم ڪندو رهيو ۽ ڏينهن رات نور نچوئيندو رهيو. انهيءَ مان سندس اورچائيءَ ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ لگن جي ساک ملي ٿي.

(4) سنڌ جو سير- سفر:

هن ڏس ۾ "سنڌ جو سيلاني" ڀيرومل جي هڪ لاثاني رچنا آهي، جنهن جو پهريون ڀاڱو، چينمل پراسرام گلراجاڻيءَ "نئين سنڌي لئبرري" سلسلي هيٺ ستين نمبر ڪتاب جي صورت ۾، سن 1923ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. ڪتاب جو مهاڳ چينمل پاڻ لکيو آهي، جنهن مان ڀيرومل جي لکڻيءَ ۽ ڪتاب جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

موضوع تي چڱي روشني پوي ٿي. هو لکي ٿو، ”سنڌ جو سيلاني“، سنڌ جي مکيہ مڪانن جو سير ڪرائي ٿو، سنڌ جي تواريخ جا عجيب غريب نشان بتائي ٿو، سنڌ جي قديم بزرگن جي ملاقات ڪرائي ٿو ۽ سنڌ جي ڪهنين ڪهاڻين جي وندر جي لذت وٺائي ٿو. خاص ڪري شاگردن لاءِ هي ڪتاب گهڻو ڪمائتو ٿيندو. ڇو تہ رواجي تواريخ جا سڪا داستان ۽ جاگرافيءَ جا ٽڪائيندڙ بيان اڪثري پڙهڻ جو شوق گهٽائيندڙ آهن. پر هن ڪتاب ۾ تواريخ ۽ جاگرافي، ٻئي ڪهاڻيءَ جي نموني ۾ ملي، وندر ۽ هدايت ٽيون بخشين. اسين هيءَ ڪتاب خوشيءَ سان ٿا سنڌيءَ جي شائقين اڳيان رکون. مسٽر ڀيرومل مهرچند سنڌ تي عاشق آهي، سنڌ جي تواريخ، ڪهاڻيون ۽ قصا، سنڌ جا راڳ ۽ ڪافيون، ڏاڍيءَ محنت سان ٻئي ڪٺا ڪيا اٿس. گهميو بہ ڪنڊ ڪڙڇ آهي. هي اڄا پهريون ڀاڱو آهي. ٻيو ڀاڱو بہ جلد ڇپجي تيار ٿيندو، جنهن ۾ ٿر ملڪ جا سهڻا احوال- مارئيءَ جي ماروئڙن وارا، راڻل ۽ سوڍل وارا ڏنل آهن.“

پهرئين ڀاڱي ۾ فقط ڪراچي ۽ حيدرآباد ضلعن جي مکيہ جاين، تاريخ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو ذڪر آهي. افسوس آهي جو پنهنجيءَ دلچسپ شئليءَ ۾ ڀيرومل سنڌ جي باقي ٻين ضلعن جو احوال لکي، ان سلسلي ۾ شايع ڪري نہ سگهيو.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيہ، سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي ڀيرومل ڪان پوءِ ٻي نئين کوجنا بہ چڱي ٿي آهي. سنڌ ۽ هند ۾ انهن موضوعن تي انگريزيءَ توڙي سنڌيءَ ۾ گهڻي ئي کوجنانمڪ ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا آهن. پر انهن جيءَ ڪري ڀيرومل جي لکڻين جي اهميت ڪا گهٽ نٿي ٿئي. چاهي ڀيرومل جي ڪن سڌانتن جو پوين عالمن کنڊن ڪيو آهي، تہ بہ هن ليکڪ جون لکڻيون اهي بنيادي پٿر آهن، جن تي پير ڪپائي، پوءِ ٻيا ان ميدان ۾ اڳتي وڌيا آهن. منهنجي خيال ۾ تحقيق ۽ اتهاس جهڙن خشڪ وشين کي جهڙيءَ طرح محاوريدار ٻوليءَ ۽ دلچسپ شئليءَ ۾ ڀيرومل پيش ڪيو آهي، تهڙيءَ طرح ٻيو ڪوبہ سنڌي ليکڪ اڃا تائين پيش ڪري نہ سگهيو آهي. ڀيرومل جي لکڻين ۾ تحقيق جي فن، سنڌيت جي انوکي هڳاءَ ۽ سلوڻي، سپڪ، محاوريدار سنڌي ٻوليءَ جو نرالو ”تروينڻي سنگم“ آهي، جيڪو ٻين لکڻين ۾ ورلو نظر ايندو. ان ڪري ئي هن ليکڪ کي سنڌي ادب ۾ هڪ متهاز ۽ اعليٰ درجو حاصل ٿيل آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند آڏواڻي

ڊاڪٽر هدايت پريم

مون کي ڪنهن تي ڪير پياريو؟
پيار منجهان تي گود وهاريو؟
خوش تي، هر هر مون ڏي نهاريو
منهنجي امڙ!

"منهنجي امڙ" جي عنوان وارو هيءُ شعر هر ان ٻار ٻر زبان ياد ڪيو آهي، جنهن سنڌي نصابي ڪتاب پڙهيو آهي. 1905ع کان وٺي هيءُ پيارو پيارو بيت اڄ تائين جي سنڌي نصاب ۾ شامل رهيو آهي. ننڍڙي ٻار جي منڍ ٻولڻ واري هيءُ بيت، جنهن ۾ معصوم جذبن جي خوبصورت عڪاسي ڪيل آهي، ذهن تي هڪ اهڙو دائمي تاثر ڇڏي ٿو، جيڪو زندگيءَ ۾ قائم رهندو آهي. اهڙي ڪفيت ۾ شايد ٻيا به گهڻا ٿي هجن. امڙ جيجل جو رشتو آهي به ته اهڙو ئي عظيم جيڪو ٻين سمورن رشتن کان مٿي آهي. هن لازوال بيت جو رچيندڙ آهي "پيرومل مهرچند آڏواڻي".

پيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ادب جو اهو ستارو آهي، جنهن جي جوت سدائين پئي جرڪندي. هن جون خدمتون نظم جي پيٽ ۾ نثر ۾ وڌيڪ آهن. پوپٽي هيرانندڻيءَ موجب پيرومل کي نثر جو ٿنڀو ڪري سڏيو ويو آهي. سندس طبيعت ۾ اڇائي جو ججهو گڻ هو، جنهنڪري ڪوجناتمڪ تصنيفون سڦلتا سان لکي سگهيو هو. پيرومل جو قلم پختو، ويچار برجستا، چاڻ ويڪري ۽ عقل اونهو آهي. هيءُ صاحبِ علم جو پندار آهي ۽ پنهنجي عظمت سان محنت شامل ڪئي اٿس، جنهنڪري ئي اهڙا بلند پائي وارا ڪتاب لکي سگهيو آهي. (1)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاڪي پيرومل "غريب" جي تخلص سان سنڌي شاعريءَ جي چمن جي آبياري ڪئي ۽ هڪ پُرخلوص تخليقڪار، مترجم ۽ محقق جي روپ ۾ نثري ادب ۾ انمول اضافو ڪيو (2). ڪاڪي پيرومل جي ٻوليءَ منڍي ۽ سُبڪ آهي. درياءَ جي رواني هڪ طرف تہ سليس لفظن جو واچوڙو ٻئي طرف پيو نظر ايندو... بامحاوره زبان ۽ اصطلاحن توڙي چوڻين جا پنڌا موجود آهن. (3)

سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن ۾ اهي صاحب جن سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت لاءِ پاڻ حياتي وقف ڪئي هئي، ديوان پيرومل انهن سنڌي ساهت جي ستارن مان نمايان ستارو هو. ديوان صاحب سنڌي سنسڪرت، هندي، فارسي، عربي توڙي انگريزي زبانن ۾ ماهر هو. (4) پيرومل سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن مان هو. سنڌ جي قديم سڀيتا، ڪلچر روايات ۽ زبان بابت کوجنا ڪري، هن جيڪو مواد ڪٺو ڪيو ۽ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، سو تعريف جي لائق آهي. (5)

پيرومل مهرچند، جنهن آڏواڻي آکہ سان تعلق رکي ٿو، سا اصل ۾ مگهڻو کتري، ٽڪ مان آهي. آڏواڻين جو وڏو ڏاڏو ديوان آڏو مل ولد ڪلومل ولد جسو مل ڳوٺ لوهپور ملتان جو ويٺل هو. کين ديوان گدومل، ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ سنڌ ۾ گهرايو ۽ دربار ۾ شمشيرزن مقرر ڪرايو. آڏومل پهرين گهر پنجاب مان پرڻيو هو، جنهن مان ٽي پٽ هئس، ڇندومل، ڏتومل ۽ لکومل. پهرين گهر واري گذاري ويس تہ ٻيو گهر ديهہ نٿ تعلقي نوشهري فيروز مان سيٺ آڏومل جي گهران پرڻيو. جنهن مان چار پٽ ڄاوس- بهارومل، سندر داس، وسايو مل ۽ نارومل. ديوان آڏومل جي پهرين پٽ ديوان ڇندومل کي ٻہ پٽ هئا. ڇتومل ۽ چينمل. اسان جي مانواري ليکڪ پيرومل جو ڏاڏو ديوان آٽلمل اجومل، ان ديوان چينمل جي نسل مان هو ۽ پيرومل صاحب جو والد هرچند سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊمنشي هو. 1888ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ آگسٽ 1905ع ۾ گذاري ويو. (6) پيرومل جو جنم 1875ع ۾ ٿيو. ثانوي تعليم حيدرآباد سنڌ جي مشهور اسڪول يونين اڪيڊمي مان حاصل ڪيائين، جتي ساڌو هيرانند شوقيرام ۽ سندس ڀاءُ تارا چند شوقيرام کان ٻي تعليم سان گڏ شاهہ لطيف جو ڪلام ۽ معنائون پڙهي سکيو. پيرومل ٽي شاديون ڪيون. پهرين گهر مان ڪيس ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. ٻئي گهر واري مان هڪ پٽ، هڪ ڌيءَ هئس. پٺهنس پريداس پيرومل بہ هڪ ناليرو ليکڪ رهيو. ڌيءَ جو نالو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پارپتي هوس، ٽين زال مان ڪيس ٻه نياڻيون، خوشحالي عرف پدما ۽ ٻيءَ جو نالو ستي هو.

پيرومل پهريائين ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جتي 28 سال نوڪري ڪيائين. ماريپور ڪراچي، بوبڪ ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ به رهيو. بعد ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ نومبر 1924ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

ڪاڪو پيرومل هڪ ننڍو ۽ نماڻو شخص هو. پنهنجي ان ننڍي ۽ نماڻائيءَ واري سياءَ ڪي اظهار ڏيندي، هن شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص به "غريب" رکيو. هيڏي وسيع ڄاڻ جو ڌڻي هوندي به پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي گيرب يا وڏائي ڪانه هئس. هو پنهنجين لکڻين ڪي آخري حرف ڪري نه ليکيندو هو ۽ "جان جيئري تان سک" واري عقيدي ۾ وشواس رکندو هو. (7)

1948ع ۾ پيرومل سنڌ مان لڏي بمبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. جتي جي ساموندي ۽ گهميل آبهوا ڪيس پاڻيءَ نه پيئي ۽ هو بيمار رهڻ لڳو. جنهن ڪري پوني وڃي رهيو. جتي سندس مالي حالات ٺيڪ نه هئا. سندس آخري ڏينهن غريباڻي حال ۾ گذريا. پيرومل آڏواڻي ستين جولاءِ 1950ع تي لاڏاڻو ڪيو.

پيرومل سنڌي ادب جي عمارت ڪي زيب ۽ زينت بخشڻ ۾ هڪ قابل معمار طور سرجوشيءَ سان ڪم ڪيو آهي. هو اڌ صديءَ کان مٿي لاڳيتو ۽ ساندهه لکندو رهيو. تازو ئي ساهتيه اڪيڊمي پارت پاران ڪيس مجتا ڏئي ميڪرس آف انڊين لٽريچر جو مونو گراف ٿيسز ۾ هڪ مونوگراف لکائي، ڪيس ننڍي کنڊ جي عظيم ليکڪ طور تسليم ڪيو آهي. هيءَ مونوگراف سنڌيءَ جي نامور ليکڪ ۽ محقق هيري ٺڪر لکيو آهي، جو 1990ع ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپيو آهي. هن ڪتاب کي هند جي باقي سورهن ٻولين ۾ پڻ ترجمو ڪري ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو.

پيرومل جي ڪل لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن جي تعداد جي باري ۾ مختلف رايا ملن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکيو آهي ته اٽڪل 40 ڪتاب تصنيف تاليف ۽ ترجمو ڪيا. جن مان الانا صاحب 30 ڪتابن جا نالا ڏنا آهن. (8) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب به چوي ٿو ته ڪاڪي پيرومل جي ڪل ڪتابن بابت اندازو لڳائجي ٿو ته 30 ۽ 40 جي وچ ۾ آهن. (9) "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" پيرومل جي ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1990ع ۾ ڇپيو آهي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ صاحب جو مقدمو شامل ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب پيرومل جي سمورن ڪتابن جي وچور ڏني آهي. ڪل 77 ڪتابن جا نالا ڄاڻايا اٿس. ڪيترا ڪتاب ڏٺا به نه آهن ته به نالا لکيا آهن. تنهنڪري ڪجهه موضوعات به درست نه لکيا ويا آهن. مثلاً: "سسئي ۽ ماڻس" شاعري نه پر آکاڻيءَ جو ڪتابڙو آهي، جنهن ۾ ٻه يا ٽي شعر به ڏنل آهن. "گهرو ڪفايت" ڪتابڙو به هڪ آکاڻي آهي، جنهن جو موضوع گهرو ڪفايت ئي آهي ۽ نه سماجي اقتصاديات، جيئن پٺاڻ صاحب لکيو آهي.

هيري ٺڪر ڪتاب جي ضميمي ۾ پيرومل جا لکيل ڪتاب ڏيکاريا آهن. ڪل ڪتاب ننڍا توڙي وڏا 61 آهن، جي سن اشاعت، پبلشر ۽ قيمتن سميت ڄاڻايا اٿائين. مون کي سنڌ الاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ صرف ٻه ڪتاب اهڙا ملي سگهيا، جن جو ذڪر هيري ٺڪر نه ڪيو آهي، سي آهن:

1- "عليٰ بابا ۽ چاليهه چور" جو ليٿو ۾، 1903ع ۾ ڇپيو. هي هڪ ناٽڪ آهي. اردو مڪالما سنڌي اکرن ۾ لکيل آهن. ٻيون هدايتون سنڌيءَ ۾ لکيل آهن.

2- "بلبل بيمار" هيءُ به هڪ ناٽڪ آهي، جو ليٿو ۾ ڇپيل آهي. 1904ع ۾ لکيل آهي. هن جا مڪالما به اردوءَ ۾ آهن، جيڪي سنڌي اکرن ۾ لکيا ويا آهن.

پيرومل جو هڪ ڪتاب سنڌ يونيورسٽيءَ جي علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري ۾ موجود آهي، جنهن جو نالو "الف بي ڪيئن ٺهي" آهي. غالباً ساڳئي ڪتاب جو نالو هيري ٺڪر صاحب "سنڌي ٻولي" لکيو آهي. هيري مطابق هي ڪتاب فيبروري 1925ع ۾ سنڌي ساهتيه سوسائٽي ڪراچيءَ جي ماهوار رسالي جي سيريز ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين.

هن ڪاليج جي شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي مختصر ڄاڻ ڏيڻ لاءِ 22 صفحن واري هيءَ ڪتابڙي لکي. هن ۾ سنسڪرت، پراڪرت، پالي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نمونن آئيوتا، عربي ۽ فارسي اکرن، هندستاني هندي سنڌي ۽ گرمکي اکرن، ٻولي، آواز، اکر، لفظ، عبارت، آکاڻي تاريخ، سنڌي نظم، سنڌي نثر وغيره وشين تي روشني وڌي ويئي آهي. (10)

"الف بي ڪيئن ٺهي" ڪتاب مطالعي ڪرڻ سان پتو پوي ٿو ته هن ڪتاب جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

موضوع ديوناگري اکر، سنڌ اکر، پراڪرت ۽ سنسڪرت اکرن جي تاريخ ۽ عربي سنڌي اکرن جي تاريخي احوال سان گڏ آئيوتا جي بناوت آهي. ڪتاب جي آخري صفحن يعني 24، 25 ۽ 26 تي سنڌي ٻوليءَ جي وينجن سرشتي جو چارٽ ۽ ان جي سمجهاڻي ڏنل آهي. هيري جي ڇاڻايل ڪتاب جا 22 صفحا آهن. جڏهن تہ پاڻ واري ڪتاب جا 26 صفحا آهن. بهرحال تازي تحقيق جي روشنيءَ ۾ هاڻ هيءَ حقيقت سامهون آئي آهي تہ پيرومل صاحب جا لکيل ڪتاب 60 ۽ 70 وچ ۾ آهن.

پيرومل جا لکيل ڪافي مضمون مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن. درسي ڪتابن ۾ پڻ چڱو خاصو تعداد سبقن ۽ بيتن جو ڇپيل آهي. جنهن جو ذکر "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ڪتاب جي آڏواڻين جي آکهہ واري حصي ۾ پنهنجو احوال لکندي ڪيو اٿس.

پيرومل پنهنجي دلچسپيءَ وارن موضوعن تي خوب لکيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ڪاڪي پيرومل کي مرزا قليچ بيگ سان ريس هئي، جو هر موضوع تي پئي لکيائين. ٻنهي ۾ فرق هي هو جو مرزا صاحب تاريخ، لغت ۽ شعر و ادب جون حدون لتاڙي ٻاهر نڪري پين موضوعن تي بہ لکيو. پر ڪاڪي پيرومل انهن موضوعن کان ٻاهر سائنس جي دنيا ۾ پير نہ پاتو. (11) دراصل پيرومل مهرچند جون خدمتون بطور محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نويس، ناٽڪ ڪار، سيلاني شاعر ۽ مترجم جي نمايان آهن.

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي شاعريءَ کي ٻن حصن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هڪ ٻارن لاءِ لکيل ۽ ٻيو وڏن لاءِ. ٻارن لاءِ سندس لکيل شعر خاص اهميت رکي ٿو ۽ قابل ذکر آهي. ٻاراڻن بيتن جو هڪ مجموعو 1926ع ۾ "نوبهار" جي نالي سان ڇپيل آهي، جنهن ۾ ڪجهہ بيت انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل پڻ آهن. هيءُ ڪتاب بہ تعليم کاتي پاران درسي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو. پيرومل جي امر رچنا "منهنجي امڙ" هتي نموني طور پيش ڪجي ٿي:

1- مون کي ڪنهن تي ڪير پياريو؟
پيار منجهان تي گود وهاريو؟
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو!
منهنجي امڙ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

2- ننڍ ڦٽي مون جڏهن تي پيئي،
ڪنهن تي سمهاريو لولي ڏيئي،
ڇڏي نہ مون کي ڪيڏانهن ويئي!
منهنجي امڙ

3- پنڌ ڪندي جو ڏکو ڪاڌم،
ڪنهن ڪٽي تي ڇاتيءَ لاتم؟
پيار منجهان تي ٻاڪر پاتم!
منهنجي امڙ

4- تيس جڏهن پيي آءٌ بيمار،
دوا ڪرڻ لئي تي، تي تيار،
ننڊ ڦٽائي رهي هوشيار!
منهنجي امڙ

5- صبح سانجهيءَ سار لڌائين،
کاڌو پيتو ڪيئن تي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساهہ ڇڏيائين!
منهنجي امڙ

6- تو ڪئي مون سان آهہ ڀلائي،
تنهن لئي ڪريان شڪر سدائي،
مور نہ وسري تنهنجي چڱائي!
منهنجي امڙ

7- وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،
سک سوين آءٌ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهہ ڇڏيندس!
منهنجي امڙ

پيرومل صاحب ڪل چار اصلوڪا ناول لکيا آهن.

1- آنند سندريڪا، 2- موهني ٻائي 3- پريم جو مهاتم، 4- ورپل ۽ نعمت.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"آنند سندريڪا" ۽ "موهني بائي" پنهنجي جاءِ تي ڏار ڏار لکيل ناول آهن، جن ۾ ڪردارن جي تسلسل ڏيکاريو آهي، جيئن ژان پال سارتر جي ٽريلاجي "روڊس ٽو فريڊم" آهي، جنهن ۾ هي ٽي ناول شامل آهن:

1-"ايج آف ريزن"، 2- "دي رپيريو"، 3- "آئرن ان دي سول" ۽ سراج جي ٽريالاجي "پياسي ڌرتي رمندا بادل" پڻ ٽن ناولن تي مشتمل آهي.

مانوارو ليکڪ منگهارام ملڪاڻي سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکي ٿو ته، "1915ع ۾ پيرومل صاحب "وريل ۽ نعمت" لکيو هو، جو مسلمانڪي زندگيءَ ۾ بهاريل هڪ جاسوسي ناول هو ۽ 1946ع ۾ ايم آر مائيداساڻيءَ "جاسوس" نالي سان ٻيهر ڇپايو هو. (12) دراصل 1915ع ۽ 1916ع ۾ نڪتل هن جاسوسي سيريل ۾ ڪجهه ڪردار مسلمان آهن ته ڪجهه هندو به آهن. وريل مل ۽ نعمت راءِ به جاسوس آهن. ناول پڙهڻ بعد پتو پوي ٿو ته هن ناول لاءِ هيءُ چوڻ درست نه آهي ته مسلمانڪي زندگيءَ ۾ بهاريل ناول آهي. پيرومل "گولن جا گوندر" ايچ بي اسٽور جي "انڪل ٽامس ڪئبن" ناول جو ترجمو ڪيو ۽ والٽر اسڪاٽ جي "ٽئلسمن" جي پوئين اڌ جو ترجمو "غازي صلاح الدين عرف طلسم" جي نالي سان ڪيو. جنهن مان ظاهر آهي ته پيرومل لاءِ ائين چوڻ درست نه آهي ته هن ناول ڪو هڪ اڌ لکيو آهي، جيڪو به ترجمو آهي. (13)

پيرومل جي ڪل (9) ناٽڪن جو احوال ملي ٿو،جن ۾ اڪثريت سماجي ۽ اصلاحي قسم جي ناٽڪن جي آهي. وچور هن ريت آهي:

(1) بلبل بيمار (1902ع)

(2) علي بابا، چاليهه چور (1903ع)

(3) حرص جو شڪار (ترجمون) (1912ع)

(4) ڏور پيڱت (1919ع)

(5) بزازين جا ناٽڪ (1921ع)

(6) مڙس جي مڙسي (1925ع)

(7) پنگتي مقدمو (1927ع)

(8) آزادي جي ڪوڏي ترجمو (1948ع)

(9) گوپيچند

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سير ۽ سفر جي موضوع تي پيرومل جا ٻه ڪتاب لکيل آهن: هڪ "سنڌ جو سيلاني" ۽ ٻيو "لطيفي سير." سنڌ جو سيلاني ڪتاب ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اڳوڻن ضلعن جي مکيه جاين، تاريخ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو احوال لکيو اٿس. هن ڪتاب کي لطيفيات جي موضوع ۾ شمار ڪرڻ نه گهرجي، بلڪ "لطيفي سير" ڪتاب جو تعلق لطيفيات سان آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه جي رسالي مان سٽون ۽ ثابتيون هٿ ڪري شاهه جي سفر جي واٽ نئين سر جوڙي ڏيکاري اٿس.

پيرومل صاحب جون اهم ترين خدمتون سنڌ جي قديم تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي ڪيل آهن. هن ڏس ۾ هن جا شاهڪار ڪتاب آهن:

(1) قديم سنڌ

(2) سنڌ جي هندن جي تاريخ

(3) سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ

(4) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

(5) وڏو سنڌي وياڪرڻ

(6) غريب اللغات

(7) گلقند

"قديم سنڌ" ڪتاب جي مطالعي مان سنڌ جي قديم دور جي انساني معاشرت مذهب، تهذيب، رسمن ۽ حالتن جو پتو پوي ٿو. هن ڪتاب جي مطالعي سان پنهنجي مادر وطن جي گذريل دور جي خوشحالي اوج ۽ عروج جي خبر پوي ٿي. (14)

"قديم سنڌ" ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم ترين زماني جي تاريخ ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌ ديش جي جنم، موهن جي دڙي ۽ رگ ويد واري دور جي سڀيتا جو ذڪر ڪيل آهي. منجهس سنڌ جي اوائلي اوج ۽ شاندار تهذيب جو نظارو ڏيکاريل آهي. (15)

هيءَ ڪتاب پيرومل سالن جا سال نور نچوئي جفاڪشي ڪري انگريزي، هندي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۽ ٻين ٻولين جي ڪتابن ټوڙي مقالن مان مواد هٿ ڪري جوڙيو هو. دراصل ڪيس سنڌ جي سموري تاريخ ڪي ٽن جلدن ۾ لکڻ جو ارادو هو، پر صرف پهريون جلد ئي لکي سگهيو. جنهن جا 447 صفحا آهن. سو بہ سندس لاڏاڻي کان پوءِ 1957ع ۾ ڇپيو. هيري ٺڪر جي نظر ۾ "قديم سنڌ" ڀيرومل جو امر گرنٿ آهي. (16)

ماهوار "سهڻيءَ" جي اياز نمبر 2 ۾ شيخ اياز پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ "قديم سنڌ" ڪتاب کي پنهنجو پسنديده ڪتاب قرار ڏنو آهي ۽ ڀيرومل کي بهترين نثر نويس طور ڄاڻايو اٿس.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکڻ ۽ سنڌي ٻهاڪن کي گڏ ڪرڻ جو ڪم ڀيرومل وڏي چاهہ سان ڪيو آهي. سندس ڪتابن جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ هو هڪ وڏو ڄاڻو ۽ ماهر لسانيات هو. جيئن تہ هو هڪ دردمند دل رکندڙ هو، تنهنڪري سنڌيءَ جي ڏکدائڪ حالتن سڌارڻ لاءِ ڀيرومل ٻوليءَ جي لغت، صورتخطي، گرامر، ڌاتو وديا وغيره بابت وچور واريون رٿائون ڏسيو هيون، جن مان صورتخطي سڌارڻ لاءِ ۽ لفظن کي مقرر صورتن ۾ لکڻ لاءِ زوردار صلاح ڏني هئائين. (17) ٻوليءَ جي تاريخ جي لحاظ کان ڀيرومل جو درجو اهڙو ئي اوچو رهندو جهڙو ڊاڪٽر گريئرسن جو لسانياتي سروي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تنقيد جي لحاظ کان. (18)

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ڪتاب ۾ ڀيرومل صاحب پنهنجو نظريو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي ٻولي بنيادي طرح سنسڪرت سان نسبت رکي ٿي. پوءِ جدا جدا دورن ۾ ڌار ڌار زبانن جو مٿس اثر ٿيندو ويو آهي. حالانڪ اڄ جي عالمن هن نظريي کي مڃڻ کان قطعي طور انڪار ڪري ڇڏيو آهي، پر پوءِ بہ هن ڪتاب جي اهميت پنهنجي جاءِ تي تمام گهڻي آهي.

ڀيرومل لسانيات جي جديد اصولن کان بخوبي واقف هو. 1923ع ۾ سندس ڪتاب "الف بي ڪيئن ٺهي" ۾ وينجن سرشتي جو چارٽ ڏنو اٿائين، جنهن ۾ سنڌي آوازن جو صحيح مخرج ۽ آوازي گروهہ ڄاڻايا اٿس. وسرگ آوازن جي درست لکڻ جي صلاح ڏني اٿس ۽ "ڦ" جي صورت تي ٻڻ ڪيل اعتراض درست آهي. سندس راءِ موجب جيئن "ج" ۽ "هہ" گڏجي "جهہ" اکر ٺاهيو آهي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ڳ" ۽ "ھ" ڳنڍجي "ڳھ" اکر ٺاھيو ويو آھي، تيئن "پ" ۽ "ھ" اکر ڳنڍجي "پھ" ڪرڻ ڪپندو ھو. اھڙيءَ طرح ھڪ ٻي بہ سھڻي صلاح ڏني اٿائين: لکي ٿو، "ج" ۽ "گ" اکرن ۾ ھڪ نقطو وڌيڪ وجھي ڄ ۽ ڳ اکر ٺاھيا ويا آھن. جڏھن تہ بنيادي اکر "ج" ۽ "گ" آھن. حقيقت ڪري انھن ٻنھي اکرن ۾ مکيہ اچارن "ن" جو آھي ۽ اھو بنيادي اکر ضرور ڄاڻائڻ ڪپندو ھو. (19)

ڀيرومل سنڌ جي قديم تاريخ، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي ۽ ريتن رسمن بابت ھڪ اٿاھ معلومات گڏ ڪري قرب وچان قلمي پورھيو ڪري بيمثالَ ڪتاب سنڌ جي سڄڻن جي نذر ڪيا آھن. ھن جي لکڻين مان ثابت ٿئي ٿو تہ ھو سنڌ جو سچو عاشق ھو. ھن کي لطيف سائين سان لنو لڳل ھئي، ھو ھڪ عظيم محب وطن ۽ سچو ليکڪ ھو. ھن قوم پرستيءَ وارن ويچارن جي اپٽار چٽيءَ طرح ڪئي آھي: پنھنجي ديس لاءِ فخر، وطني حب جو ھڪ مکيہ لڇڻ آھي. اھو لڇڻ اسان ۾ وڌي اسان کي سچو وطن دوست تڏھن ٻڻائيندو، جڏھن اسين پنھنجي پرکڻي جي آڳاٽي اوج جو دل ۾ دور ڪري ۽ وڌيڪ ترقيءَ لاءِ حال جو خيال ڪري پنھنجو ارواح مستقبل سان ملائي ڇڏينداسين. پوءِ آڳاٽي اوج جو فخر ۽ آئينده جا آسرا اسان ۾ نئين جوت ڦوڪيندا ۽ عجيب اتساھ پيدا ڪندا. (20)

ادب ۽ سنڌي قوم پرستيءَ جا رجحانات گڏريل ڪجھہ ڏھاڪن کان نمايان نظر اچن ٿا. وطن دوستيءَ جي نظريہ جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مبلغ سائين جي ايم سيد سمجھيو وڃي ٿو. ورھاڱي کان گھڻو اڳ ئي جن ويچارن کي ڀيرومل قلمبند ڪري چڪو ھو، تنھن کان جي ايم سيد پڻ متاثر ٿئي ٿو. جي ايم سيد پنھنجي مشھور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" جي جلد 2 ۾ ڀيرومل تي ھڪ مضمون لکي کيس خراج تحسين پيش ڪيو آھي. مذڪوره مضمون لکڻ دوران سائين جي ايم سيد پنھنجي دل جي ڳالھہ ھنن اکرن ۾ لکي آھي:

"سرزمين سنڌ ھڪ اھڙي قوم جي رھائش گاھ آھي، جنھن کي ماضيءَ جون بھترين روايتون، ڪلچر، حالات لاءِ طرز عمل ۽ روشن مستقبل لاءِ تجويزون آھن. ان وٽ ھڪ زنده زرخيز بامحاورا زبان آھي، جنھن ۾ سندس اعليٰ ادب جو سرمايو محفوظ آھي. ماڻھن جي زندگيءَ ۾ جيڪڏھن قومي ڪارڪن سياستدانن ۽ مدبرن کي اھم پارٽ ادا ڪرڻو ٿو پوي تہ قوم جي مفڪرن،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دانشورن ۽ اديبن کي بہ ان جي ترقي، حفاظت ۽ تعمير لاءِ ٿورو ڪونہ ڪرڻو ٿو پوي. گذريل 60 سالن ۾ هن ڏس ۾ جن مکيہ اديبن حصو ورتو آهي، انهن مان ڪاڪو ڀيرومل هڪ هو." (21)

ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ جن دانشورن ۽ مفڪرن پنهنجي تحريرن ۾ وطن دوستيءَ جا جذبا جاڳايا آهن، تن ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو هڪ اهم حصو آهي. سائين جي ايم سيد جو مٿيون بيان ان ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿو تہ ڀيرومل جي لکڻين مان ڪيس گهڻو ئي اتساهہ مليو آهي. سنڌ جي اهڙن اعليٰ عالمن ۽ دانشورن کي سنڌ جو نئون نسل ذري گهٽ فراموش ڪري ويٺو آهي. سنڌ جي اهڙن محسنن جي علمي ڪارنامن کي ياد رکڻ بہ وطن دوستيءَ جي تقاضا آهي. ڀيرومل جون خدمتون انمول ۽ يادگار آهن. سنڌ ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ ۾ هميشہ هميشہ سندس ڳڻ ڳايا ويندا.

حوالا:

(1) پوپٽي هيراننداڻي "سنڌ جو سيلاني"، ڀيرومل مهرچند جو ڪتاب، ٽيون ڇاپو، 1982ع، مهاڳ.

(2) ڊاڪٽرڊرمحمد پنهور "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" ڀيرومل مهرچند جو ڪتاب، ٻيو ڇاپو 1990ع، مقدمو، صفحو 2-5.

(3) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ٻيو ڇاپو، 1983ع، صفحو 181.

(4) ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي نثر جي تاريخ"، 1966ع، صفحو 124.

(5) جي. ايم سيد، "جنب گذاريم جن سين" جلد ٻيو، 1967ع، صفحو 328.

(6) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، "سنڌ جي هندن جي تاريخ"، ڀاڱو پهريون، 1946ع، صفحو 64.

(7) هيرونڪر، "ڀيرومل مهرچند" 1990ع، صفحو 18 ۽ 19.

(8) ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي نثر جي تاريخ"، 1966ع، صفحو 124.

(9) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، 1983ع، صفحو 180.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(10) هيرونڪر، "پيرومل مهرچند"، 1990ع، صفحو-9

(11) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، 1983ع صفحو 98.

(12) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي تاريخ"، 1968ع، صفحو، 84.

(13) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، صفحو 198.

(14) ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي نثر جي تاريخ"، 1968ع.

(15) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي تاريخ" 1968ع، صفحو 338.

(16) هيرونڪر، "پيرومل مهرچند"، 1990ع، صفحو 29:

(17) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي تاريخ" 1968ع، صفحو283

(18) منگهارام ملڪاڻي، "سنڌي نثر جي تاريخ" 1968ع، صفحو 414.

(19) پيرومل "الف بي ڪيئن نهي"، 1923ع، صفحو 22 ۽ 23.

(20) پيرومل، "قديم سنڌ" 1957ع، صفحو 2.

(21) جي. ايم سيد، "جنب گذاريم جن سين" جلد- ٻيو، 1967ع، صفحو 230

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سرڳواسي مسٽر پيرومل مهرچند آڏواڻي

جي ايم سيد

سرڳواسي پيرومل عرف عام ۾ ڪاڪو پيرومل جي نالي سان مشهور آهي. سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن مان هو. سنڌ جي قديم سڀيتا، ڪلچر، روايات ۽ زبان بابت کوجنا ڪري هن جيڪو مواد ڪٺو ڪيو ۽ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، سو تعريف جي لائق آهي. سنڌين کي جڳائي ته هن بيمثل اديب جو نالو دلين تان نه وسارين.

ڪره زمين تي، جي عظيم الشان ملڪ، جاگرافيائي وحدت، ڪثير آبادي، جمادي ۽ نباتاتي ذخيره پيداوار، قديم تهذيب ۽ تمدن جي نقطه نگاهه کان صف اول ۾ شمار ڪرڻ ۾ اچن ٿا، تن ۾ چين ۽ هند مکيه آهن. جيڪڏهن انهن تي نظر وجهبي ته معلوم ائين ٿيندو ته چين، باوجود گهڻين بربادين ۽ تباهي جي، وري متحد ٿي ترقيءَ جي راهه تي هلندي، اقوام عالم ۾ مکيه جڳهه والارڻ لاءِ ڪوشان آهي. مگر ٻئي طرف ائين پيو ڏسڻ ۾ اچي جڻ هندستان اندروني اختلافن ڪري ورهائجي ورهائجي ڪمزور ٿي، وڃي پست پوندو. ان جا مکيه ڪارڻ ٻولبا، ته ٻه ڏسڻ ۾ ايندا: (1) پنڊت جو هندو ڌرم ۽ ملا جو اسلام، ۽ (2) مختلف ايراضين ۾ رهندڙ قوميتن ۾ باهمي اختلاف ۽ اقتدار لاءِ جنگ ۽ اقتصادي ڇتاپيٽيون.

هر ملڪ کي اوج تي رسڻ لاءِ هڪ منظم ۽ زنده قوم جي ضرورت آهي. اهڙي قسم جي قوم هندستان جهڙي برصغير ۾ تيار ٿيڻ لاءِ باهمي ڏي وٺ، رواداري ۽ سمجهوتي جي ضرورت هئي. ماڻهن کي بي حس ۽ بي جان شين وانگر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪنهن قالب ۾ وجهي، بوتو بنائي نٿو سگهجي. سنڌن قومي جوڙجڪ ۾ ذرو بہ ڏاڍائي، اڳرائي، خود مطلبي، ۽ ٽڪرين حالتن کي سڌارڻ بدران بگاڙيو ڇڏين. هندستان بہ انهن خرابين جو شڪار ٿي، مشڪلاتن ۾ اچي ڦاٿو.

قومون ڏينهڪ نٿيون ٺهن. بلڪ هزارن ورهين بعد ڪا صورت وٺن ٿيون. سرزمين هند مختلف زبانن، خطہ زمين، روايات، وسائل پيداوار جي ٽڪرن جو ملڪ آهي، جنهن ۾ مڪاني حالات ۽ حقائق مطابق نئيون قوميتون وجود ۾ آيون: جهڙوڪ سنڌي، پنجابي، بنگالي، گجراتي، مرهٽا، تامل، هندي، بلوچي، پختون وغيره. انهن سڀني کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي عمده مالها بنائڻ لاءِ هيرو لعل ونڊيندڙ، وينجهارن جي ضرورت هئي، ليڪن بدقسمتيءَ سان اهو ڪم وڃي مذهبي لوهارن ۽ سياسي ٺاٺارن جي هٿ چڙهيو. جيڪي ڌاڳن کي پوئي ڪنو ڪري ڪونہ سگهيا. هندستان ورهائجي بہ حصا ٿيو- هڪ کي ڀارت ڪوٺيو ويو، ٻئي کي پاڪستان. ڀارت ۾ پنڊت واري ڌرم جو دور دورو آهي. پاڪستان ملا واري اسلام جي پيدا ڪيل مشڪلاتن ۾ مبتلا آهي. ٻنهي مان ٻنهي مذهب جي ماڻهن جي لڏ پلاڻ ٿي. سنڌ بہ انهيءَ لڏپلاڻ کان بچي نہ سگهي آهي.

سرزمين سنڌ هڪ اهڙي قوم جي رهائش گاهہ آهي، جنهن کي ماضيءَ جون بهترين روايتون، ڪلچر، حالات لاءِ طرز عمل ۽ روشن مستقبل لاءِ تجويزون آهن. ان وقت هڪ زنده زرخيز ۽ بامحاورا زبان آهي، جنهن ۾ سنڌس اعليٰ ادب جو سرمايو محفوظ آهي. ماڻهن جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن قومي ڪارڪن سياستدانن ۽ مدبرن کي اهم پارٽ ادا ڪرڻو ٿو پوي تہ قوم جي مفڪرن، دانشورن ۽ اديبن کي بہ ان جي ترقي، حفاظت ۽ تعمير لاءِ ڪوتورو ڪونہ ڪرڻو ٿو پوي. گذريل 60 سالن ۾ هن ڏس ۾ جن مکيہ اديبن حصو ورتو آهي، انهن مان ڪاڪو ڀيرومل هڪ هو.

هي صاحب حيدرآباد جي عامل پاڙي جي مشهور آڏواڻي ڪٽنب مان هو. هن جو ڏاڏو ديوان آٽلمل اجومل مختيارڪاريءَ تان پينشن تي لٿو هو. سندس والد، منشي مهر چند، سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو. 40 روپيا پگهار هوندو هوس. 1888ع ۾ 20 روپين جي پينشن تي لٿو. پر سندس انگريز عملدار ڪيس، چڱيءَ طرح نوڪري ڪرڻ تي، 500 ايڪڙ زمين بنا مالڪاڻي جي وٺي

ڏني. پينشن تي لهڻ کان پوءِ، هو سوٽن سان گڏ نيڪا پڻ ڪٽڻ لڳو. 1905ع ۾ وفات ڪيائين.

مسٽر پيرومل 1875ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم مڪاني اسڪول ۾ ورتائين. انگريزي به حيدرآباد ۾ پڙهيائين. ڪهڙا خاص امتحان پاس ڪيائين، ان جو پتو نٿو پئجي سگهي. انهيءَ زماني ۾ پڙهائي سٺي هوندي هئي، ان ڪري تورا پڙهيل به قابل هوندا هئا. بهرحال، 1895ع ۾، 20 سالن جي ڄمار ۾، هو سالٽ ۽ ايڪسائيز کاتي ۾ 25 روپين پگهار تي نوڪريءَ ۾ گهڙيو. 1924ع ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر جي عهدي تان 300 روپين پگهار تي پينشن ورتائين.

انهيءَ وقت اسڪولن ۾ سنڌي مئٽرڪ تائين پاڙهيندا هئا. 1924ع کان پوءِ بي. اي تائين پڙهائڻ شروع ڪيائون - سا به فقط ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پڙهائي ويندي هئي. 1924ع ۾، ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ولايت پڙهڻ لاءِ وڃڻ بعد، هيءُ سنڌي لاءِ ان ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، ۽ 1937ع تائين اتي ڪم ڪندو رهيو. هو بمبئي يونيورسٽيءَ جو ڪيترن سالن لاءِ سنڌي ۾ ممتحن ٿي رهيو.

هن ايڪسائيز کاتي ۾ 28 سال ۽ ڪاليج ۾ 13 سال نوڪري ڪئي. انهيءَ 41 سالن جي عرصي ۾ هن 45 ڪتاب تصنيف ڪيا. 1905ع کان وٺي، سنڌي درسي ڪتابن ۾ اٽڪل هڪ سو ڪن سبق هن جا لکيل آهن. نظم توڙي نثر ۾. مثلاً "مون کي ڪنهن ٿي ڪير پيارپو"، ۽ لاباري بابت "اڄهو اسوءَ جو مهينو آيو، لاباري جو ڪريو سعيو"، ۽ ماڪيءَ جي مک بابت، ۽ "وقت چوي تو مان بادشاهه"، وغيره هن جا لکيل آهن. آخر وقت تائين هي سنڌي ٻوليءَ ۽ تاريخ جو اڀياس ڪندو رهيو. برصغير جي ورهاڱي بعد، جيئن اسان کان ٻيا اديب ۽ عالم جدا ٿي ويا، هي به جدا ٿي ويو.

ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه وقت هيءُ ڪراچيءَ ۾ رهيل هو، پر گذر جي تنگيءَ ۽ بنگلي جي نيڪال نه ٿيڻ ڪري مجبور ٿي، نومبر 1949ع ۾ بمبئي لڏي ويو. ٽين جولاءِ 1950ع تي پوني ۾، رستي هلندي، ڌڪ لڳڻ ڪري، هن جي پٺيءَ جو ڪنڊو ڀڄي پيو ۽ ستين جولاءِ 1950ع ۾ ساسون اسپتال ۾ وفات ڪيائين. ڪيس هڪ فرزند ۽ ٽي ڪڪيون هيون. هن جي فرزند جو نالو پريداس هو، جو

حيدرآباد سول ڪورٽ ۾ سنڌي ڪلارڪ هو، جنهن 40 ورهين جي عمر ۾ 1943ع ۾ وفات ڪئي. پريداس جي زال ۽ پٽ گوپ ڪولابا بمبئي ۾ رهن ٿا. مسٽر گوپچند بمبئي ۾ اليڪٽرڪ ريڊيو ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪري ٿو. سندس هڪ ڪکي پاريتيءَ تالي، مسٽر حشمت راءِ هيرانندانڻيءَ سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان هڪ پٽ پرتاب راءِ ۽ ٻه ڪکيون ڄڻيون، 1932ع ۾ وفات ڪري ويئي. پرتاب راءِ سينٽرل ريلوي بمبئي ۾ نوڪري ڪري ٿو. مسٽر حشمت راءِ اڄ ڪلهه ڪراچيءَ ۾ آهي. سندس ٻي ڪکي، ڪوشليا عرف پدما، ماسٽر رام ايچ. آڏواڻيءَ جي گهر ۾ آهي، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ ۽ چار ڪکيون آهن. سندس ٽين ڪکي، ستي، موهن ولد ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي گهر ۾ هئي، جي ٻيئي زال مڙس گذاري ويل آهن. سندن هڪ پٽ منگهارام موهن هوتچند گربخشاڻي 30 سالن جي عمر ۾ آهي، جو انڊين ريان ڪارپوريشن ويراوال اسٽيشن ۾ ويونگ سپرنٽينڊنٽ آهي.

سرگواسي ڀيرومل جي لکيل ڪتابن جي فهرست مان هيٺيان نالا ملي سگهيا آهن:

1- سنڌي گرامر (ويا ڪرڻ) ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون، 2- گلقند، 3- گولن جا گوندر، 4- طلسم (ترجمو)، 5- گلزار نثر، 6- نوبهار، 7- آنند سندريڪا، 8- موهني، 9- نئين سنڌي تاريخ، 10- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، 11- قديم سنڌ، 12- لطيفي سير، 13- چونڊ ڪلام، 14- عاملن جو احوال، 15- سنڌي هندن جي تاريخ (ٻه ڀاڱا)، 16- عمر مارئي ۽ ٻين شاهه جي سرن تي ڪتاب ۽ مضمون، 17- انگلينڊ جي تاريخ (ٻه ڀاڱا)، 18- موهن جو دڙو (انگريزيءَ ۾).

سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل نه آهن:

1- اينٽيمالاجيڪل سنڌي – ٽو – سنڌي ڊڪشنري، 2- هندن جي لڏپلاڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فيونڪس بوڪس پبليڪيشن
جا ڇپايل ڪتاب

ڪتاب	ليکڪ / مترجم	قيمت
1. پائلو فراري (جيون ڪٿا)	ظفر جوڻيجو ۽ سرتاج عباسي	-/ 15 (ختم ٿيل)
2. اختر حميد خان (جيون ڪٿا)	آفتاب آخوند ۽ غلام حيدر برهماڻي	-/20 (ختم ٿيل)
3. شعيب سلطان خان (جيون ڪٿا)	اسلم خواجه ۽ اعجاز قريشي	-/30 (ختم ٿيل)
4. ڊاڪٽر اي ٽي آريارتني (جيون ڪٿا)	ظفر جوڻيجو ۽ لياقت ٿهيم	-/30
5. جمشيد نسروانجي مهتا (جيون ڪٿا)	ظفر جوڻيجو ۽ روزينا جوڻيجو	-/100
6. سنڌ جي آتما - ساڌو هيرانند (جيون ڪٿا)	ڏيارام گدو مل / مولچند منگهومل	-/100
7. جون آف آرڪ (جيون ڪٿا)	پروفيسر تيجومل ۽ انعام شيخ	-/15
8. ڊاڪٽر رٿ فاءِ (جيون ڪٿا)	ضياءَ مطاهر / مراد علي مرزا	-/100

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايندڙ ڪتاب

1. پيرو مل مهرچند (جيون ڪٿا)
2. ايم ايچ پنهور (آتم ڪٿا)
3. لارڊ مائونٽ بيٽن (انٽرويوز)
4. دانشورن جي نمائندگي (ايڊورڊ سعيد جا مضمون)
5. پروفيسر محمد يونس (آتم ڪٿا)
6. لعل چند امرڏنو مل (جيون ڪٿا)
7. چيتمل پرسرام (جيون ڪٿا)
8. پرمانند ميوارام (جيون ڪٿا)
9. ڪلياڻ آڏواڻي (جيون ڪٿا)

ٻالڪ ڪتاب مالها

ڪتاب	ليکڪ / مترجم	قيمت
1. رانديڪا ۽ سائنس	آروند گپتا / ظفر جوڻيجو	20/-
2. سخي وڻ	شيل سلورسٽين / ظفر جوڻيجو	30/-
3. ڏنو موسيقار	نڪولائي نوسوف / عطا محمد ڀنڀرو	30/-
4. ڏيڏر ۽ ٻوٻري	ائنا برونئي / ظفر جوڻيجو	30/-

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

5. روئڻو چنڊ	ڪئٽرينا / ظفر جوڻيجو	20/-
6. ڏنو شاعر	نڪولائي نوسوف / عطا محمد ڀنڀرو	25/-

ايندڙ ڪتاب

1. جاڪوڙي ٻالڪ
2. دوشين
3. پيچ لاڙ
4. جادوئي ٻج
5. جانورن جي عجيب دنيا
6. عطا محمد ڀنڀري جون ڪهاڻيون
7. گلن جي اميد
8. البرٽ آئنسٽائين
9. رائيٽ برادرس
10. اليگزينڊر گراهم بيل
11. ٿامس ايڊيسن
12. مارڪوني
13. لوئس پاسچر
14. الفرڊ نوبل
15. ميري ڪيوري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گھرائڻ لاءِ ڏسِ پٽو

فينڪس بوڪس پبليڪيشن
سي 73، جي ايم بي ڪالوني
مين قاسم آباد روڊ، قاسم آباد
حيدرآباد
فون: 2655021 (022)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀيرومل مهرچند

- ماڻهن جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن قومي ڪارڪنن، سياستدانن ۽ مدبرن کي اهم پارٽ ادا ڪرڻو پوي ٿو ته قوم جي مفڪرن، دانشورن ۽ اديبن کي به ان جي ترقي، حفاظت ۽ تعمير لاءِ ڪو ٿورو ڪونه ڪرڻو ٿو پوي. گذريل 60 سالن ۾ هن ڏس ۾ جن مکيه اديبن حصو ورتو آهي، انهن مان ڪاڪو ڀيرومل هڪ هو.

جي. ايم. سيد

- هن صاحب کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بي پناهه عشق هو. انهيءَ عشق جو اظهار اٿڪ قلم جي ذريعي ڪيو، جنهن سنڌ ۽ سنڌين کي اهو ڪي ڏنو آهي، جنهن لاءِ سنڌ صدين تائين سندس شڪر گذار رهندي. سرڳواسي ڀيرومل کي سنڌي نثر ۾ هڪ امتيازي مرتبو ۽ انفرادي اسلوب هو. سندس هر تصنيف سندس انتهائي خلوص ۽ فدائيت جو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ لاجواب دليل آهي.

محمد ابراهيم جويو

- سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي، سنڌ جو سير سفر - انهن موضوعن تي هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان کي اڄ به گهڻي اهميت آهي. انهن ڏسائن ۾ سندس تحقيقي رچنائون پيڙهه ۾ رکيل بنيادي پٿرن جو ڪم ڪن ٿيون، جن جي آڌار تي ٻين سنڌي محققن کي عاليشان عمارت اڏڻ جو ڪم ڪرڻو آهي.

مرليڌر جيٽلي

هيرو ٺڪر

Phoenix Books
[*an income generating initiative of TRD*]
C-73, GMB Colony, Qasimabad,
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Ph.00-92-22-2655021
E-mail:trdsindh@yahoo.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻچاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)